# راڳنامو

درگاه شاه عنايت الله شهيد جهوڪ تي ٿيندڙ راڳ جو يادگار

راڳ جو باني

**فقير صاحب محمد صديق رحم صوفي**

تصحيح ۽ مقدمو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ
حڪومت پاڪستان، اسلام آباد

Gul Hayat Institute

شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاه حيدرآباد سنڌ

١٤٠١هه / ١٩٨١ع

چاپو پهريون]                [ڪاپيون هڪ هزار

شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز

ملڻ جو هنڌ

سيڪريٽري ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽي
حيدرآباد سنڌ

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ ڇپيو
۽
عبدالحميد آخوند، اعزازي سيڪريٽري، شاه عبداللطيف ڀٽ شاه
ثقافتي مرڪز ڪميٽي شايع ڪيو.

# مهاڳ ـــــ ١

هي 'راڳنامو'، فقير صاحب محمد صديق رحه جي شروع ڪرايل راڳ جو يادگار آهي، جنهن جي تحقيق ۽ اشاعت سنڌي ٻولي جي ادب ۽ ثقافت ۾ خاص اهميت رکي ٿي. بنيادي طور ڪلام جو هي ذخيرو 'صدائن' (وائن) ۽ 'بيتن' جي سٽاء سان مختلف سُرن ۾ ورڇي 'راڳنامي' طور مرتب ڪيو ويو، ۽ انهي لحاظ سان سنڌي راڳ جي تاريخ ۾ ان جي هڪ خاص اهميت آهي. ٻيو ته ڪلام جو هي ذخيرو سنڌي آسامي شاعري جي دائري ۾ شامل آهي: اها شاعري جنهن ۾ سنڌ جي روشن ضمير شاعرن خالق ۽ مخلوق جي رشتن، حق ۽ حقيقت جي نُڪتن، انساني اخلاق جي اعليٰ قدرن، ۽ خاص طرح عشق ۽ محبت جي نازڪ ناتن کي پنهنجي پياري ٻولي ۾، پنهنجي ماحول جي مثالن سان، دلپذير نموني ۾ بيان ڪيو آهي.

هن قسم جي ڪلام جا ذخيرا، سنڌي آسامي شاعري جا اهم دستاويز آهن، ۽ ضروري آهي ته اهڙا اهم ذخيرا ڳولي هٿ ڪري شايع ڪيا وڃن ته جيئن سنڌي ٻولي، ۽ سنڌي شاعري جي تاريخ روشن ٿئي. انهي مقصد خاطر، راقم ڪجهه وقت کان وٺي اهڙي تلاش ۽ تحقيق ۾ رڌل رهيو آهي. ڪافي عرصو ٿيو جو مرحوم نواب محمد علي خان لغاري تاجپوري کان هن 'راڳنامي' جي قلمي نسخي جو پتو پيو، ۽ مون کين استدعا ڪئي ته جيڪڏهن اهو نسخو ملي سگهي ته آءٌ ان کي ڪوشش ڪري صحيح نموني ۾ اُتاريان ته جيئن اهو ڇپجي سگهي. نواب صاحب مرحوم منهنجو شوق ڏسي اهو قلمي نسخو هٿ ڪري پاڻ اُتاريو،

Gul Hayat Institute

ويو آهي. البت ٻارهن جو انگ ظاهر آهي پر ان کان پوءِ وارا عدد ڊهي چڪا آهن - هن طرح "......١٢". ان مان ظاهر آهي ته 'راڳنامي' جو هي نسخو ٻارهين صدي هجري ۾ لکجي پورو ٿيو. گمان غالب آهي ته اهو خود فقير صاحب محمد صديق جي حياتي ۾ (سندس وفات ١٢٦٥ھ/١٨٤٨ع) يا ڪجهه پوءِ (پر سنه ١٣٠٠ کان اڳ) لکجي پورو ٿيو.

اميد ته هن قيمتي ڪلام جي ڇپجڻ سان سنڌ ۾ 'روحاني تسڪين واري راڳ' جي روايت وڌيڪ روشن ٿيندي، ۽ پڻ سنڌي اساسي شاعري بابت اسان جي موجوده ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو. هي 'راڳنامو' نوڙي ان ۾ شامل ڪلام، شاه جي راڳ ۽ 'شاه جي رسالي' کي پنهنجي نوع نموني جي لحاظ سان وڌيڪ ويجهو آهي، بلڪ شاه جي راڳ ۽ رسالي جو آئينو آهي. انهي لحاظ سان شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي ڪميٽي طرفان ان جو ڇپجڻ هڪ نيڪ فال آهي.

ڪميٽي طرفان هن تحقيقي سلسلي جي اشاعت ۾ ثقافتي ڪميٽي جي اعزازي سيڪريٽري محترم عبدالحميد آخوند جيڪا ڪوشش ڪئي آهي سا قابل تعريف آهي.

هن 'راڳنامي' جي اصل نسخي هٿ ڪرڻ ۽ ان کي سهڻي نموني سان اتارڻ ۾ استاد حاجي سومر خان لغاري جنهن محبت ۽ محنت سان مدد ڪئي تنهن لاءِ آءٌ سندس بيحد ممنون آهيان. پنهنجي رفيقن مان اُستاد محمد اسماعيل شيخ، محترم ممتاز مرزا ۽ محترم عابد بلوچ جا ٿورا جو هنن 'راڳنامي' جي ڇپائي ۽ پروفن پڙهڻ جو بار پنهنجي ذمي کيو ۽ ان کي خوش اسلوبي سان پورو ڪيائون.

خادم العلم-
نبي بخش

اسلام آباد
١٣- جمادالثاني ١٤٠١ھ
(١٩- اپريل ١٩٨١ع)

## عنوانن جي فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ٠١ سُر ڏهر | .... | ١ |
| ٠٢ سر وهاڳڙو | .... | ١٣ |
| ٠٣ سر راڻو | .... | ٢١ |
| ٠٤ سر ساموندي | .... | ٣١ |
| ٠٥ سر کنڀات | .... | ٤١ |
| ٠٦ سر ليلان چنيسر | .... | ٤٨ |
| ٠٧ سر رپ | .... | ٥٣ |
| ٠٨ سر آسا | .... | ٦٠ |
| ٠٩ [سر ڪاپائتي] | .... | ٦٤ |
| ٠١٠ سر مارئي | .... | ٧٠ |
| ٠١١ سر ڪلياڻ | .... | ٨٣ |
| ٠١٢ سر سهڻي | .... | ١٠٤ |
| ٠١٣ سر گهاتو | .... | ١١٢ |
| ٠١٤ سر ڏناسري | .... | ١١٧ |
| ٠١٥ سر موکي | .... | ١٢٥ |
| ٠١٦ سر سسئي | .... | ١٣٢ |
| ٠١٧ سر سارنگ | .... | ١٦٣ |
| ٠١٨ سر سورٺ | .... | ١٧٥ |


Gul Hayat Institute

۱۹. سر ڪيڏارو .... ۱۸۷
۲۰. سر سوزڙو .... ۱۹۸
۲۱. سر شينه ڪيڏارو .... ۱۹۹
۲۲. سر ڪاهوڙي .... ۲۰۲
۲۳. سر بلاول .... ۲۱۲
۲۴. سر پورب .... ۲۱۹
۲۵. سر ڪاموڏ .... ۲۲۸
۲۶. سر ڪارايل .... ۲۳۷
۲۷. سر بروو .... ۲۴۴

Gul Hayat Institute



فقير صاحب صوفي محمد صديق جو مقبرو
آهُر شريف
(ڳوٺ صوفي فقير، تعلقو عمرڪوٽ)

باسمه تعاليٰ

## مقدمه

هيءُ ’راڳنامو‘، فقير صاحب صوفي محمد صديق سومري اڄ کان ڏيڍ سؤ سال اڳ پنهنجن مرشدن جي درگاه ’ميران پور‘ تي روحاني راڳ جي رسم کي قائم ڪندي يادگار طور ڇڏيو آهي. ميران پور عرف جهوڪ (تعلقو ميرپور بٺورو، ضلعو ٺٽو) جي درگاه جو باني عالم ۽ عارف، صوفي باصفا، قادري طريقي جو علمبردار، صاحب توڪل ۽ خود دار عنايت الله شاه (بن مخدوم فضل الله بن مخدوم محمد يوسف بن مخدوم ابراهيم قتال بن مخدوم شهاب الدين بن مخدوم عجائب الدين بن مخدوم صدرالدين) هو، جيڪو ان وقت ٺٽي ۾ مقرر مغلن جي صوبيدار ۽ مقامي زميندارن جي سازش سان ١٦- صفر سنه ١١٣٠هه (١٧١٨ع) تي شهيد ٿيو. ”شاه شهيد“ کان پوءِ سندن فرزند صوفي عزت الله (وفات ١١٨٧هه) سجاده نشين ٿيو، ۽ شهادت واري سال کان اندازاً هڪ سؤ سال پوءِ سنه ١٢٢٩هه ۾ صوفي فضل الله شاه هن سلسلي جو سجاده نشين ٿيو، جنهن پنهنجي زهد ۽ عبادت، فيض ۽ هدايت سان ’شاه شهيد جي درگاه‘ جو نالو روشن ڪيو.

Gul Hayat Institute

### صوفي فضل الله شاه قلندر

صوفي فضل الله شاه (بن صوفي محمد زاهد)، سجاده نشين صوفي ابراهيم شاه جي وفات (٢١- محرم ١٢٢٩هه) بعد سجاده نشين ٿيو، ۽ ٢٧- جمادالثاني ١٢٤٣هه تي وفات ڪيائين. فقير قادربخش بيدل هيٺيون تاريخي قطعو منظوم ڪيو:

بجستم سال معراجش دلم گفت:
"مُوَحِّد، عَیْنِ حق، منصور ثاني"

۱۲۴۳

صوفي فضل‌الله شاه وڏي حال وارو اهل دل درويش هو. تقويٰ ۽ توڪل جو صاحب هو، ۽ سندس قلندري صفات سببان 'قلندر' جي لقب سان سڏيو ويو. فضل‌الله شاه قلندر سلوڪ ۽ طريقت، اذڪار ۽ افڪار کان باخبر هو، سندس ملفوظات ۽ سالڪانه نُڪتات کي سندس ياءِ صوفي نورالله فارسيءَ ۾ 'ارشاد نامي' جي نالي سان مرتب ڪيو. 'ارشاد نامو' صوفي فضل‌الله شاه قلندر جي علم ۽ فضل جو آئينو آهي.

هن صاحب سندس سجاده نشيني جي پندرهن سالن (۱۲۲۹-۱۲۴۳ھ) واري عرصي ۾ صوفي قادري طريقي جي روشني ۾ اسلامي اخوت ۽ محبت جي تعليم کي پنهنجن مريدن ۽ معتقدن ۾ عام ڪيو. ڇهن شخصن تي سندس تربيت جو خاص اثر پيو: محمد صديق سومرو، حافظ قاضي عبدالله (مدفون ميرواه گورچاڻي)، فتح‌الدين شاه جهانيان پوٽو، ۽ موتيو حجام. اهي چار ئي فيضياب ٿي شاه قلندر جا خاص خليفا ٿيا. جن مان اڳ 'محمد صديق سومرو' هو، سو هاڻي نه فقط سيني ۾ وڏو ۽ پهارو خليفو ٿيو، پر شاه قلندر جي روحاني تربيت سببان پاڻ فيض جو صاحب ٿي پيو، ۽ پنهنجن مريدن ۽ معتقدن ۾ "فقير صاحب" ۽ "صوفي صادق شاه" جي خطابن سان مشهور ٿيو.

## فقير صاحب محمد صديق: صوفي صادق شاه

فقير صاحب محمد صديق رحه، شاه عبداللطيف جي وفات (۱۱۶۵ھ) کان پنج سال پوءِ ۱۱۷۰ هجري (۱۷۵۶ع) ۾ ڄائو. فقير صاحب جي زندگي جو سربستو احوال، خاص طرح سندس

Gul Hayat Institute

۽ انهي عرصي ۾ فقير صاحب پنهنجي نفس سان ڪا وڏي ڪامياب جنگ جوٽي، جنهن جو عڪس 'سُر ڪيڏاري' ۾ نظر اچي ٿو.

سنه ۱۲۴۳ھ (۱۸۲۷ع) ۾ سندس مرشد صوفي فضل الله شاه قلندر وفات ڪئي. فقير صاحب جي لاء هي هڪ وڏو صدمو هو، جنهن هميشه لاء سندس دل ۾ درد جاڳائي ڇڏيو. هن صدمي کان پوء، فقير صاحب پنهنجي مرشد واري وات ورتي، جيئن ڪيس وڏائنس فيض مليو هو تيئن ٻين کي انهي فيض مان بهرور ڪرڻ جو ارادو ڪيو. انهي مقصد خاطر هاڻي گهڻو وقت 'ميران پور' بدران پنهنجي ڳوٺ 'آهر' (موجوده ڳوٺ صوفي فقير، تعلقو عمرڪوٽ) ۾ رهڻ لڳو جتي پنهنجي خانقاه قائم ڪيائين. سندس رعبدار شخصيت، ۽ آن سان گڏ توڪل، زهد ۽ عبادت ماڻهن جي دلين تي وڏو اثر ڪيو، ۽ سندس مريدن جو دائرو گهڻو وسيع ٿيو. 'آهر' ۾ رهڻ بعد به پنهنجي مرشدن جي درگاه 'ميران پور' جي حاضري ۽ خدمت کي دائم قائم رکيائين. فضل الله شاه قلندر جي وڏي خليفي جي حيثيت ۾ 'ميران پور' جي وڏن سجاده نشينن به فقير صاحب جو احترام ڪيو. حقيقت ۾ شاه قلندر جي وفات بعد فقير صاحب محمد صديق ئي 'ميران پور' جي صوفي قادري طريقي جو اڳواڻ ٿي رهيو، ۽ 'صوفي صادق شاه' جي لقب سان مشهور ٿيو. فقير صاحب 'ميران پور' جي معتقدن توڙي پنهنجن مريدن ۾ عزت ۽ احترام واري انهي اعليٰ مقام تي باقي زندگي جا ويهه - ٻاويهه سال پورا ڪري، سنه ۱۲۶۵ھ (۱۸۴۹ع) ۾ پنهنجي ڳوٺ 'آهر' ۾ وفات ڪئي، جتي سندس مقبرو آهي ۽ هر سال سندس مريدن ۽ معتقدن جو اجتماع ٿيندو آهي ۽ ميلو لڳندو آهي. فقير صاحب کي چار فرزند ٿيا جن مان ٽن جو اولاد موجود آهي(۱). خود فقير صاحب جي پنهنجي خانقاه جي

(۱) ڏسو شامل شجرو.

’ٻيو راڳنامو‘ هو جيڪو شاه جي رسالي واري ’راڳنامي‘ کان پوء مرتب ٿيو.

جهوڪ جي درگاه جو باني متباني صوفي شاه عنايت الله شهيد رحہ قادري طريقي جو بزرگ هو، انهيءَ لحاظ سان، سندس حياتي واري عرصي ۾، سندس حاضري ۾ توڙي سندس فقيرن ۾، قادري طريقي جو ’ذڪر‘ هلندڙ هوندو. سندس شهادت (١١٣٠هہ) کان ٨ سال کن پوء سندس فرزند صوفي عزت الله شاه درگاه تي مولودن جي سماع جو سلسلو (صفر مهيني جي ١٨- تاريخ جي رات) شروع ڪرايو، جيڪو اڄ تائين هلندو اچي (١). صوفي فضل الله شاه قلندر جي سجاده نشيني واري دور (١٢٣٠-١٢٤٣هہ) ۾ سندس پياري خليفي محمد صديق سومري، شاه شهيد جي درگاه تي راڳ جو سلسلو شروع ڪرايو.

فقير صاحب ٻن قسمن جي راڳ جو بنياد وڌو: هڪ درگاه جو راڳ، جنهن کي ’سماع‘ سڏيو ويو ۽ جيڪو درگاه تي ڳايو ويو، ۽ ٻيو مرشد جي ’حاضري جو راڳ‘ جيڪو سجاده نشين مرشد آڏو ڳايو ويو. ’سماع‘ بنا ساز سرود جي، ۽ ’حاضري جو راڳ‘ سازن سرودن تي ڳايو ويو. فقير صاحب محمد صديق جي وقت ۾ ڪهڙا ۽ ڪيترا فقير ’سماع‘ ۾ شامل ٿيندا هئا سو معلوم ناهي. جيئن ته فقير صاحب پاڻ به هوندو هو پر سالس نوازو فقير (غالباً ڪورڪائي بلوچ) ’سماع‘ جو راڳائي اڳواڻ هو. ساڳئي وقت شيرو فقير مڱڻهار سارنگي وارو ’حاضري جي راڳ‘ جو ڳائڻو هو. هن پوئين دور ۾ جنهن نموني سان ’سماع‘ پڙهي

---

(١) اندازاً ١٩٦٠ع ڌاري يا ان کان ڪجهه پوء فقير محمد وارث مرحوم پنهنجي آخري عمر ۾ ١٨ تاريخ جي رات بدران ١٧ تاريخ جي رات مولودن جو شغل شروع ڪرايو ۽ هاڻي مولود ١٧ تاريخ جي رات ئي پڙهجن ٿا.

ٿيو آهي، سو هن طرح آهي (١).

● راڳ جي جاءِ شروع ۾ انهي ٿلهيءَ تي ڪمائون جتي چون ٿا تہ، شاہ شهيد جو جسد آڻي رکيو هئائون، جو ستائين جو مترقد تيار ٿئي. اها ٿلهي هن وقت شاہ شهيد جي مقبري جي آڏو ايوان جي ديوار کان ٻاهر آهي. ٻهارو سال کن ٿيا، جو جڏهن نئون مقبرو ۽ نئون ايوان تيار ٿيا، تڏهن راڳ جي جاءِ بہ مٽايائون، يعني تہ ٿلهيءَ جي بدران راڳ اندر ايوان ۾ ڪمائون.

● راڳ 'صدا' سان شروع ڪندا، يعني تہ سُر جي بيتن کان پهريائين 'صدا' (وائي) ڳائيندا. انهيءَ پهرين صدا کي 'صدا اول' چون ۽ 'سُر' جي خاتمي واري آخري صدا کي 'پوئين صدا' چون.

● صدا کان پوءِ، اڳواڻ فقير بيت جي سٽ سٽ ڪري پڙهندو، ۽ ساڳئي وقت پاسي وارو ساٿي فقير بہ اڳواڻ جي پويان هر سٽ اٿرائتي آواز ۽ الحان سان پڙهندو. پوءِ ڪجهہ اڳواڻ فقير پڙهندو، ۽ ان بعد ٻيو ساٿي ساڳيءَ طرح هر بيت اڳواڻ جي پويان پڙهندو. اهڙيءَ طرح سڀ راڳائي فقير واري واري سان بيت پڙهندا.

● سالياني عرس (ميلي) تي راڳ ڇهہ 'ويلا' (وقت) ٿيندو ۽ انهن ڇهن ويلن تي هيٺيان جدا جدا سر ڳائيبا.

Gul Hayat Institute

پهريون ڏينهن

پهريون ويلو، ١٧ صفر جو صبوح: سر ڏهر، سر وهاڳ، سر راڻو.

---

(١) هي احوال اسان کي استاد حاجي سومر خان لغاري (عمر ٧٢ سال) جي معرفت مليو. حاجي سومر خان وارا پشتاپشت فقير صاحب محمد صديق جا مريد ۽ جهوڪ جي صاحبن جي درگاہ جا معتقد آهن.

ٻيو ويلو، ١٨ صفر واري رات: سر سامونڊي، سر ڪنڀات، سر سهڻي.

ٻيو ڏينهن

ٽيو ويلو، ١٨ صفر صبوح: سر رپ، سر آسا، سر مارئي.
چوٿون ويلو، ١٩ صفر واري رات: سر ڪلياڻ، سر ليلا چنيسر، سر گهاتو، سر ڪاموڏ، سر ڪارايل ۽ سر بسنت.

ٽيو ڏينهن

پنجون ويلو، ١٩ صفر جو صبوح: سر ڌناسري، سر موکي، سر سارنگ.

ڇهون ويلو، ٢٠ صفر واري رات: سر سسئي، سر سورٺ، سر ڪيڏارو ۽ سر بلاول.

شروع کان وٺي اهي ڇهه ويلا راڳ جا قائم هئا، پر پوئين دور ۾ سواري (موٽر ۽ لارين) جي سهولت سببان ١٩- صفر جي صبوح واري ويلي کان پوءِ فقير درگاهه تان موڪلائي واپس ورڻ لڳا، انهي ڪري ٢٠- صفر واري رات جي ڇهين ويلي جو راڳ ٻين پنجن ويلن ۾ ورهاياڻون ۽ اهو ڇهون ويلو ختم ڪيائون؛ انهيءَ ڪري هاڻي فقط پنج ويلا راڳ ٿئي ٿو. اندازاً ١٩٣٠ع ڌاري پندرهن سورهن فقير راڳ ۾ گڏ ويهندا هئا، ۽ ان وقت طيب فقير راڳ جو اڳواڻ هو، جيڪو وچ ۾ ويهندو هو.

(ب) راڳ جو رسالو يا راڳنامو: اسان مٿي چئي آيا آهيون ته فقير صاحب محمد صديق راڳ جو هي سلسلو پنهنجي مرشد صوفي فضل الله شاه قلندر جي سجاده نشيني واري دور ۾، يعني ١٢٣٠-١٢٤٣هه وارن تيرهن سالن جي عمر ۾ شروع ڪرايو. زباني روايت ائين ئي آهي. ان کان سواءِ هن راڳنامي ۾ فقير صاحب جا شاه قلندر بابت چهل کي اهڙا بيت موجود آهن

Gul Hayat Institute

جيڪي شاه قلندر جي حياتي ۾ چيا ويا هوندا. مثلاً سر رامڪلي جو هيٺيون (نمبر ٥٤) بيت:

آپرندان تي آيو، ڪري ڪيڙو ڪل
هادي هدايت جو، ڪونهي سندس مل
'صادق' ڳالهه ۾ سڱل، فضل الله شاه فقير جي.

يا ڏناسري جي بيتن (نمبر ١١٩-١٢٣) مان هيٺيون بيت:

نم نوراني پير جا، نمن وسي نور
قلندر شاه ڪرم سين، ڏئي پرتو پرپور
تيهان پرايو پور، وڻ ٻه اچن واسيا.

سر ڪنيات جي آخري صدا ۾ جيڪو سوز سمايل آهي، سو غالباً مرشد جي فراق يعني شاه قلندر جي وفات (١٢٤٣هه) جو نتيجو آهي:

"صادق سور پرين جا اندر روح رهيا"

بهرحال اهو دور، جڏهن فقير صاحب راڳ شروع ڪرايو، پڻ شاه تي "شاه جي راڳ" جي اوج ۽ عروج وارو دور هو. فقير صاحب، شاه صاحب جي راڳ جي رسالي توڙي 'شاه جي راڳ' جي سلسلي کان باخبر هو. فقير صاحب پنهنجي مرشد جي درگاه تي جيڪو سماع جو سلسلو قائم ڪيو تنهن ۾ دنبوري جي وڄت کي شامل ڪونه ڪيائين، پر 'شاه جي راڳ' ۾ استعمال ٿيندڙ دنبوري کان پاڻ پوري طرح واقف هو. 'سر وهاڳڙي' جي هيٺين بيت (نمبر ٣٩) ۾ دنبوري جي ٽن تندن (زبان، گهور ۽ ٽيپ) کان سواءِ 'جاڙين' جو نالو آندو اٿس جيڪي ڀريائين 'شاه جي راڳ' واري دنبوري ۾ ٿي رکيون ويون:

دل دنبورو درد جو، پورو وڄاءِ پريات
۾ ڏج زور 'زبان' تي، اي وڄائون وات
'گهور' گهورڻ، 'ٽيپ' ٽوڙڻ، چن 'جاڙين' جي جتمات
سمهي سڄي رات، ڪوه لنگها ڏينهن لڄائيين.

رضوي جي اولاد مان بلال شاه جا آهن. چار بيت اسماعيل جا آهن جيڪي ٿي سگهي ٿو ته ننڍي جي سيد اسماعيل شاه حسيني جا هجن، جيڪو شاه عنايت شهيد جو مريد هو(۱). شاعر سليمان جا ڪي بيت سگهڙن جي زباني روايتن ۾ ملن ٿا، جيتوڻيڪ سندس ماڳ مڪان معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

انهن شاعرن کان سواءِ، جن جا نالا موجود آهن، هن 'راڳنامي' ۾ ٻيا به ڪي بيت اهڙا آهن جيڪي ڪافي آڳاٽي دور جي ڪن شاعرن ۽ سگهڙن جا چيل آهن. اهي بيت، فقير صاحب محمد صديق جي حياتي واري دور ۾ سندس مريدن ۽ معتقدن مان ڪن درويشن ۽ مڱڻهار فقيرن کي ياد هئا (جن سندن وڏن کان ٻڌا) جيڪي راڳ ويلي ڳايا ويا ۽ پوءِ 'راڳنامي' ۾ قلمبند ڪيا ويا.

ڪلام جو آيون مکيه ذخيرو 'راڳنامي' ۾ شامل آهي، سو خود فقير صاحب محمد صديق عرف "صوفي صادق شاه" جو آهي، جنهن جي مختصر طور هيٺ وضاحت ڪجي ٿي.

## فقير صاحب جو ڪلام ۽ فڪر

'راڳنامي' ۾ فقير صاحب جي پنهنجي ڪلام جو ڪافي ذخيرو موجود آهي. گهڻو ڪري هر سُر جو وڏو حصو سندس صدائن ۽ بيتن تي مشتمل آهي: البت سندس نالو نسبتاً ٿورن بيتن ۾ آندل آهي. انهي ڪري اهو آسان ناهي جو پوري پڪ سان چئي سگهجي ته 'بنا نالي' بيتن مان ڪهڙا بيت خود فقير صاحب جا پنهنجا آهن. جيڪڏهن فقير صاحب جي ڪلام جا ٻيا ذخيرا گڏ ڪري پيڀجن ته پوءِ اهڙي خبر پئجي سگهندي.

(۱) نواب غلام شاه لغاري تاجپوري جي بياض ۾ ائين ڄاڻايل آهي ته "سيد اسماعيل شاه حسيني ننڍي لنگر جو" صوفي شاه عنايت شهيد جو مريد هو.

جڳن جا جڳ ٿيا، ويا ورهيه پئي
سوڍا ڳالهه صحي، ڪر تون ڪٿل سين.

۵- ٻابو ڳڏيو ٻر ۾، کيڙو سان گلزار
تنهن موچاري مومل جا پهي ڏنا پار
گهوڙا گهوٽ سوار، ويا ڪاهيندا ڪاڪ ڏي.

۶- صادق! سڀئون پس تون محلاتون ۽ ماڳ
جن جي ٿي مچ مرڪي، ۽ ڪياڻون رهاڻيون راڳ
سي ورائي واڳ، راڻا ڪنهن رخ ويا.

۷- هوا لٽڪيي جي لک پرور، چوڪا چؤنري ڍار
سي گهوڙن گهوٽ سوار، ڪوه چاڙهان
ڪيڏانهن ويا.

۸- ڏرتي ڏڳت سنهري، جوڏا ۽ جوان
ويا وڃائي وارو، صوبا ۽ سلطان
تني جا مڪان، صادق سنهري ڪونه ڪو.

۹- ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪين محلن
ٻانهن ۽ ٻانهين جي هو ٻنڌڻ ڪين ٻجهن
لکين لاهوتين، اهڙيون اوري ڇڏيون.

۱۰- مومل جنهن ماري، تنهن راڻي ڪي ريس گهڻي
سوڍي سمجهي ڳالهڙي سيڻئي ساري
تيلاهن ٿيا ٻاري، صادق سور ٻرين جا.

۱۱- ڪڏجي ڪي ڳجرهين، ڏنو آڻن اوراتو
سورن سين، صديق چئي، پيچ جني پاتو
او نهوڙي ناتو، ويو گهائيندو گهڻين کي.

Gul Hayat Institute

شاهه صاحب: هٺندڙ سنڌا هٿڙا، سيڪو چوي ساز
فقير صاحب: جنهن گهڙيو هي گهاٽ، تي ٻولي ٻُري ان جي.

---

شاهه صاحب: پيٽائين پنهونءَ کي، هڏ نه ، پڳيس هِڪَ
فقير صاحب: سچن نباتون ڪري جيڪر نيت پيان.

---

شاهه صاحب جي وائي:

موت منڊ نه آهي، تائب ٿيو تڪڙا
اجل آسارين کي ڪام وڻيو ٿو ڪاهي.

فقير صاحب جي صدا (آخري صدا، مرسئي):

رب صاحب سدائين آهي، مٿان ڪا سينو ساهي
حڪم حاڪم هٿ ۾، ڪامَ وڻيو ٿو ڪاهي.

ڀٽائي صاحب جي ڪلام تي فقير صاحب گهڻو ڪو غور ڪيو. سندس ڪيترن ئي بيتن ۾ شاهه صاحب جي فڪر جو جلوو نظر اچي ٿو. فقير صاحب پنهنجي هڪ بيت ۾ شاهه صاحب کي 'ڪاپڙي' (وڏن رازن جو ڄاڻو ۽ وڏو داناءُ) جي لقب سان ياد ڪيو آهي، ۽ مرزائي جي هڪ بيت ۾ ڀٽائي صاحب جي اعليٰ فڪري نُڪتي کي مڃيندي، انهيءَ 'عام سطح' ڏانهن پڻ اشارو ڪيو ته جيتوڻيڪ ڏٺي هر جاءِ وسي ٿو، پر انهي اعليٰ ڄاڻ واري منزل تائين پهچڻ لاءِ پنڌ البت پري آهي.

شاهه صاحب جو بيت (ص ٢٥):

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چٽاڻو
منجهه ئي ڪاڪ ڪڪوري، منجهه ئي لوڊاڻو
راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ناهه ڪي.

Gul Hayat Institute

ڏانھن متوجھ ٿيڻ واري منزل، تسبيح تي 'الله جي رسمي نالي' واري ذڪر کان بلند ۽ بالا آھي. انهي ساڳئي نازڪ نڪتي کي ھن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو تہ:

- 'صفت' ڀانءِ مَ سپرين، اي ڏيڏي آھ ڏڪر.
(ص ١٤٩، بيت ١٣٢)
- مُنجهج مَ 'معنيٰ' ۾، ڇڏ 'صورت' جا سانگا.

ھيئين صدا (سر ڪلياڻ، ص ١٠٣) ۾ ھڪ نازڪ نُڪتي کي پنھنجي حال جي زبان ۾ نھايت موثر ۽ سھڻن لفظن ۾ سمجھايو اٿس تہ:

صدا

جو ذڪر ۾ نہ آيو، مون تنهن سان چِت لايو
جو فڪر ۾ نہ آيو، مون تنهن سان چِت لايو
١- بنان نالي سپرين، جو ڳالهئين ڪنهن نہ ڳايو
٢- نبيءَ وَليءَ ويهون ٿيا، تان پار نہ ڪنهن پايو
٣- "سُبحانَ جَنَدُڪَ متَعرُفتہُڪَ" اهو ڏي سور
سيڪنهن چايو
٤- صادق انهي سيڪَ ۾ روئي رت وهايو.

اھڙن نازڪ ۽ ڳوڙهن خيالن سان گڏوگڏ ڪن نصيحت آميز نڪتن جي نهايت سولن ۽ سهڻن لفظن ۾ سمجھايو اٿس. انهيءَ سلسلي ۾ سندس ھيٺيون عام فهم مگر وڏي معنيٰ ۽ حقيقت وارو بيت ھڪ مثالي حيثيت رکي ٿو تہ:

اٺي اورچ اڄ، سُپيان ناه صديق ڇٽي
واڇي جيڻ وڄ، مٽي کي مرلي ڪري.

ن. ب.

# متن

# راګنامو

Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# سر ڏهر

## صدا

هوتَ موتي اچو، پاروچا پنهور ۾

١- ساريو سپيرينَ کي رت ورنو روءِ

٢- ساريو سپيرين کي، توکي آب اکينئون پوءِ

٣- ڇپر تان مَ وڃو، هوتَ وندر تان مَ وڃو

٤- وڃي ڏورانهون ٿيو، سڄڻ سانگ سندوءِ

٥- مون تان ڪين ڇيو، ڪو پاڙهين پنهه پيو.

## بيت

[١]

سُنهن سُک مَ جيندڙا، لاهه مَ پچارانءِ
ڪر جهوري ڪيڻانءِ، ڪالهوڻيان اڄ گهڻي.

[٢]

ننڊ نه ڪجي ايتري، سُتا آئي جاڳ
جو تو ساڻيهه ياڻيو، سو مانجهاندي جو ماڳ
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي.

[٣]

پٽرَ پيرَ ڏکها ڪري جڏهين سٽيون جي
تڏهين ڏينهي ڪي، ساتَ سُتي ڏيي ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

[٤]

راتڙيون جاڳن جي، آءٌ سيئي ڪندي سيـو
تنهين سندا نيڻ، اوجــاڳـي آجــاريــا.

[ ٥ ]

اوڏ آڳــلــي آهيان، لاڪــا لــڄ سنديــاءِ
پڪا سي پرتــاءِ، جي اجهي تنهنجي آڏيــاءِ

[٦]

اوڏ آڳــلــي آهيان ، ڪــتــو مــتــو جُون
جـن جـو تڙهو ٿون، لاڪــا جيم اڇائيين.

[٧]

اوڏ آڳــلــي آهــيــان ، ليمنگڙيــاري ليڻن
جهڙي تهڙي حال سين ، سُران تو هي سيڻن
ڏڪــون بڪون ڏينهن، پيئي پــاڙي گهاريان

[٨]

ڏينگهر ڏيـلــو مَ ٿئي ، آڏيو جــو اوڏن
جنهن پـر ويهي ڪن، ڳالهيون لاڪي ڄام جون.

[٩]

ڇـنــا ڇيڄ هــتــن ۾ ، ڪـلهن ڪوڏارا
پورهيي خــاطــر پيٽ جــي آئيــن ستوارا
اوڏ بــه ويچارا، لاڪــا وچــن لــڏيــو.

Gul Hayat Institute

[١٠]

تـون لاڪو لڪن جـو ڏئي ، آءٌ آڳــلــي اوڏ
لاڪــا تنهنجي ڪوڏ ، پيئي پــاڙي گهاريان. *

[١١]

ڏيلاڻي ڦيـر پيـو، لاڪــا لڪن هـمـا
آجــا اوڏ تـيـا، پــاڻي لڳي آن جـــي.

[١٢]

هـن پُراڻي پَٽَ ۾ لاکـو چـئـي آڏِ!
مَٿِيُن چُونڊيءَ لَـٽـڙِ، ليٿي کُٽي مٽتهين.

[١٣]

لاکا تـي لوڙيـون ڪري، ڪِهيو جي ڪنگهار
جـڏهـن تـڏهن ڄـمـار، ويندي ويـر آلٿهي.

[١۴]

لاکـي جـي ڏار ۾ ڳـالهائـو ڳـيـرو
ڦُلاڻِي ڦيرو، پـوُنڊر پُٽڪِي نـه ڪيو.

[١۵]

پڇي پـورا نـه ٿئين، ڏار تـون ڏَرِي
ويـو مٽ مـرِي، لاکي جـهـڙو پَٽهيـڙو.

[١٦]

چئي: آهٖ پهڻ سندو پٿرو، ڏاڍو تـان ڏران
ڳـالهيون ڪن گهٽان، مـون لاکـو مـَنَ ۾.

[١٧]

لاکـو لـوڙائـن ۾، ڏينهن جـو ڏتـائون
چارِي جـو ڇيو ڪري وَڳُ نـه واريـائون
تڏهن ساريائون، جڏهن هاڃي جو هُلُ ٿيو.

[١٨]

نـه راجا رتولـن ۾، نڪا تـئـي چڙهـي
هٿا سـاعت، گهـڙِي، لاکا کهڙي ڪنديين.

[١٩]

ڪي ڏينهن ڪاڇي ڪنديين، هٿي ريلن منجهه رهاڻ
سي نه ڏسجن هاڻ، پسيو ماڳ مري هـنيون.

Gul Hayat Institute

[۲۰]

ڏيرا نہ ڏياتيون، نہ لاکو کنهن ڪوٽ
هينئڙا ايٿان موٽ، ڳالهيون ڪندين ڪن سين.

[۲۱]

لٿيي لڳي، راڄ ڪيا، پيا پڌ پسجن
جتنين پيتو وٽ ۾، ڇمارون ڇامن
آتر اوتارا ميرنن، جسيڏڻ جي واهٺي.

[۲۲]

لٿي لڳي، راڄ ڪيا، ڪٺل ڏرتيي ڪنوڪ
ڪوهہ ڇاٿان ڪيڏانهن ويا محبتيي ملوڪ
هٿهي وهي ٿيي هنوڪ، جسيڏڻ جي تڪيي.

[۲۳]

جن رهي رهاٿيون ڪيون، ’پتيل‘ تو ۾ پاڻ
سي نہ ڏسجن هاڻ، ڪٿيي ڪنهن ڪوڻ ٿيا.

[۲۴]

اڳي هو ڪو آب جو، ’پتيل‘ تو ۾ پور
سنڪين کهڙي سور، واري ڪنيٺيي وچ ۾.

[۲۵]

پتيل ڇيي پرينءَ ڪي، ساري آءٌ سنڪو
دوست دلاسو منهنجي ڪڏهن ڪونہ مڪو
آيم اولاڪو، جسوڏڻ چيت پٿهي.

[۲۶]

جڏهن جسوڏڻ هليو، مٿان ڊور ڊري
تڏهن ورئين نہ مري، ڦوڙائيندي سٽين.

[۲۷]

گهٽو اڇڻ ڇڏيو، جسوڏڻ ٻار
پنهيو ڪٿهي پار، آيل اوراتو ٿيو.

Gul Hayat Institute

[٢٨]

گهڻو اڇڻ ڇڏيو، جسوڙڻ يارن
رُنو اکڙين، ڦوڙائيندي پاڻ ۾.

[٢٩]

ڪنڌيءَ ڪُوَڻَ ڪڪوريا، سانگن سُڪو ڳاهه
جسم جيءَ ڏَڻ مُلاءِ، روئيي راڄ هليا.

[٣٠]

جڏهن پرهه ڀور وَهي، تڏهن ڪنڊا تون ڪيڏو
جسيڏڻ جيڏو، ڪو ڏٺُي ڦهيڙو.

[٣١]

ڪنڊا ڀور ڏٺين جون ڪر ڪي ڪالهڙيون
ڪنهن پر ڏينهن گذارئين، ڪنهن پر راتڙيون
تو ۾ مالهڙيون، ٻڌيون آتڻ وارئين.

[٣٢]

ڪنڊا ڀور ڏٺيءَ جو، جي تو هُنڙو سُور
ته مٿي لامن ٻُور، هوند نه ڪيئي ايترو.

[٣٣]

آيو آهين پٽَ ۾، ڪنڊا کهڙي پُور
لتڏي ويا ڏُور، تو سٽڻڪيي مون سپرين.

[٣٤]

اُيو آهين پٽَ ۾، ڪنڊا ڪچاڙيا
پاراڻو پاڻيي وَهي، مڇر ڪيو متاءِ
پرين پڇاڻاءِ، سُڪيي پانگهر نه ٿئين.

[٣٥]

سُڪيي پانگهر جنهن لاءِ، تنهن پاڙيهه لاءِ مُياس
ڪيي تو چورياس، ڪيي مون سچهُ ساريا.

[٣٦]

بـدامـاڻـي ڀُونءِ ۾، ڇيتاري ڇـريـج
نيٺين ننڊَ مَ ڏيج، ڇيڙون ڇـپـر آئيون.

[٣٧]

ڏِنگي ہتڊُ مَ پاڳڙِي، بـدامـاڻـن پاڙي
رائـر رئـاڙي، اُڏِين پـانـد اُڇـلـيـا.

[٣٨]

ڪاڇي ۾ ڪُوڪَ ٿيي، پيريا تان نہ پتدامَ
ڪا پروڙي مامَ، پاتارائيي پـري ويـا.

[٣٩]

ڪاڇي ۾ ڪُوڪ ٿيي، ڀيـرُ مَ بتداما
ادا آنءُ وتـا، لاڪو تو لوڙيين ڪري!

[٤٠]

ڏاڍو ڏهکو مـاڻـو، ڪاڇـو بدامـن
راتيان ننڊ نہ ڪن، ڏينهان وڙهن ويرئين.

[٤١]

آيـلَ سنگهارن جيي، سُرهـي سانجاڻ
ڀهرين ڀـئن پاڻ، پـوءِ ڀيارين پتهـيڙا.

[٤٢]

آيل سنگهارن جي، جهڄان پسيو جهوڪَ
جن تي پتهـيـہ ڀياريا، منجهان متن موڪَ
لـڏي منجهان لوڪ، آئي ويـڙا آسـِري.

[٤٣]

ڏڻ ڏارڻ، ڏار رهڻ، اِيءُ سنگهارن سيـتَ
ڪاهي ايندا ڪڏهين، متي وانـدَ وَهيـتَ
سنگا هونتيي مـيـتَ، تہ بہ آدو لاهہ مَ آن جو.

[۴۴]

آيل سنگهارن جي ڪتي جيئن ڇڙي، جهڄن پاندَ
هل جان هل مَ ڪاندَ، ڪاڇي آئا مينهڙا.

[۴۵]

وَڳَ نہ پسجن وٽَ مَ، جهوڪون نہ جهڄڪن
آيل سنگهارن، چرياڻون چِتِ ڪيو.

[۴۶]

جهوڪن سونهن پنهيڙا، آئي راڄَ رهن
اِيَ پٽرَ سنگهارن، جيئن جُوهہ جهارين ان جي.

[۴۷]

سترَ ساريو سُور چري، وَڳر آڪيري
جهُري جهجندي ڏي، سنها ڪي سڄڻين.

[۴۸]

وڏي وَڳرَ هيرئين، ڇُٽي نہ پين ڳڏ
ڪونجَ ڪريندي سڏ، ويئي وِهاڻي راتڙي.

[۴۹]

ڪالهہ تنهنجا ڪونجڙي، وِڳر ويا وَهي
ڪندئين ڪوهہ رَهي، سترَ مَ سپرين ري.

[۵۰]

ڪونجڙين ڪالهہ، سڄڻ پاتم چِت
آءٌ انهي ريءَ هيت، ٿيي گهنگهر گهاريان.

[۵۱]

مَ لتئين ڪونجل، مات ڪر، مَ ڪيِچورَ مَ سَتل
اندر ٿيا آجهل، مون پريان جا ڏڪڙا.

[۵۲]

هلڻ هاريُون سند ڪي، روهہ راماڻا ڪَن
ڪرڪلُ ڪونجڙين، رائي مَ راتِ ڪيو.

Gul Hayat Institute

[۵۳]

راتڙي ۾ رات ڪيو، ڪرڪل ڪونجڙين
وررهه ويچارين، راتو ڏينهان نه لهي.

[۵۴]

ڏَڀُ نه پسين ڍڪيو، ڪونج نه پسين ڪانهَ
ماري سندي دانهَ، ڪِ تو ڪنين نه سڻيي!

[۵۵]

ڏڀ نه پسين ڍڪيو، ڪونج نه پسين ڪَڪَ
ماريء ماري لک، وڳرَ سڀ وِلها ڪيا.

[۵۶]

ڏڀ پڄندئي ڍيون، ماري مرين شال
جيئن نو اچي ڪال، وڏو ڦٽ فراق جو.

[۵۷]

سڄي ڪر ساڃي، ڪونجَ ٽيو ٽي ڪوهه
اڳ اڏائين جن سين، ڇو پٺين تن ڪان پوهه
سڳر متان سِنجري، وڳر وَهيي ويوء
ڪاڏو ڪونه ٽيوه، ڪِينُ سيڻن جو سرير ۾.

[۵۸]

رڻ چَرج روجهڙي، وريڙ مَ چرج وَن
تہ تهين جي تن، جيء جوکوئيي نہ ٿئي.

[۵۹]

ويري پيري وَسَ، راتيان چَرَئين روجهڙي
ڏينهائي تنهنجا ڏيهڙه ۾، ماري ڏوري ڏَسَ
چِڏ گهمڻ ۾ گسَ، متان پوين پنجوڙن ۾.

[۶۰]

تون جو درياء پيٽ ۾، پڻلو پڻلو پاهڻ
نوتان وَهيي واهڙَ، ڪئين ويا ڪيترا.

Gul Hayat Institute

[٦١]

جڏهن تڏهن سنڌڙي، چارهو ڦيريندا،
ڪابُل ڪاهيندا، ڪُوڪ وجهندا ڪڇڙي.

[٦٢]

جِمَ ورڇي ڇڏيو، جهيڙو جهونجهارا
سائُو سَوارا، لوڙيون هٿي لنگهيا.

[٦٣]

لوڙيون هٿي لنگهيا، لڙي مٿان لَڪَ
رَندا ڏئم رَڪَ، ڪِهڙي تنهنجي ڪِيَڙي؟.

[٦٤]

مانجهئين موٽي ڪيو جهيڙي ۾ جهيڙو
مٿان پوءِ ميڙو، ويريين واهروئين پاڻ ۾.

[٦٥]

ويري واهرو پاڻ ۾، وڙهيا وير پٺي
ساريان ڪونه سهي، بدامائي پِٽ جو.

[٦٦]

گهتر ويريتن ڇانئيو، نيرانئون گهري
وڌ وِڪ پري، پالي ڏيٺي هٿڙا.

[٦٧]

وَڪِٽ ۾ ڇڏجا ويسلا، جاڻولا پارا
وِڙهندا ٻه پارا، لاڪي لوڙائو ڪڍهين.

[٦٨]

تنگ تائيجا تازئين، مٿ پلاڻيا هُونِ
چارِي آيا چُونِ، لاڪي لوڙائو آئيا.*

[٦٩]

سنگهارا سِيم تي، ويسلا ۾ ويهو
آتِ ڪني نه ڪيو، پاسي قرار ڪڍهين.

---

* اصل ۾ هن بيت ڪان پوءِ بيت نمبر ١٨ ٻيو دفعو لکيل آهي.

[٧٠]

لوڪان لڏي هليا، سمورا سنگهار
انهن جي تنوار، هاڻي نه ڪاڇي ڪنديين.

[٧١]

نه واڪو ولهارن ۾، هاري نه ڏاند
پڄ پيري پاند، ڪوهه ڇاٽان ڪيڏانهن ويا.

[٧٢]

اندر چهڙا لتونّ، ٻاهر قمريءَ هُلّ
لڪو ناهي قُلّ، حال ڪُرهيان ڪن سين.

[٧٣]

لنڪ سئي لاکي جي، هو چڪر چوري ڊار
گهوڙا، گهوٽ، سُوار، ڪوهه ڇاٽان ڪيڏانهن ويا.

[٧٤]

چوري چنجوُرن سان، ڪوتي ڪنياڻون ڪوهه
لاڻي لاکي ڄامَ جي، رهي اندر روح
پيرهَ تي پاڀوهه، متنُ مشاهدي گڏيو.

[٧٥]

پلي ڪري آئيو، تاتارو تَرا
پکي ڪٽ سچي آئي، لٿي جاڪ گهرا
عاشقن متا، متچُ سدائين نه لهي.

[٧٦]

ڪونجڙين ڪٽڪيو، وڳر نيا پوءِ
پاڻ ڪنان پوءِ، سٽڪو انهي سر ۾.

[٧٧]

ڪونجڙين ڪا وَهي، ٻچا نيين نه سات
آڏاٽيون عرشَ تي، وائي ڪري وات
جتي ڏينهن نه رات، سوئي سرُ سوجهينديون.

Gul Hayat Institute

[ ٧٨ ]

ڪِڙڪَ تنهنجي ڪونجڙي، مونکي تي ماري
آءُ وڳر واري، نه ته ونئُن اَڏامي اوڏهين.

[ ٧٩ ]

ڪِڙڪَ تنهنجي ڪونجڙي، پڌر وِجهُه مَ هاڻ
هڪ دُکي دل ۾، ٻيو نه سڄڻ ساڻ
تون ڏيي پرين آڻ، نه ته وانءُ اَڏامي اوڏهين.

[ ٨٠ ]

ڪِڙڪ تنهنجي ڪونجڙي، هنئين منهنجي هير
سَرَ سيڪنهين وير، ساءَ تنهنجي سوجهيا.

[ ٨١ ]

ڪِڙڪ تنهنجي ڪونجڙي، مر منجهيئي هوءِ
ٻاهر واڪو ووءِ، ڪوهه لايو، صديق چئي.

[ ٨٢ ]

هينئڙو مون ڪتونر ٿيو، اڄ جهمڪي ماءَ
جهوپڙي ۾ نه سماءَ، صحيح گڏبو سڄڻين.

[ ٨٣ ]

هينئڙو مون ڪتونر ٿيو، جيءُ جيئن جهمڪي ماءَ
جهوپڙي نه مَيِاءَ، صحيح ملندو سڄڻين.

## صدا

سڄڻ سارڙيو مون الله! وينديءَ پريان لوءِ

١- وينديءَ پريان لوءِ، منهنجي وِڪ وڌنديءَ هوءِ
٢- وينديءَ پريان لوءِ، مون کي آڏڙي آڻ مَ پوءِ
سڄڻ ساريو مون الله! وينديءَ پريان لوءِ.

Gul Hayat Institute

## صدا

روھ نہ ويئين رات، ڪونجڙي ڪوھ ڪٽڪين
۱- آيي پُڇي پَهِيڙا پرين جا پريات
۲- وڳرُ سپ وَهِي ويا، نہ آو تو جهڙي ذات.

## صدا

** ويا وڃائي وير، لڪين لاڪا ڪيترا
۱- ڪيڏانهن ويا ڪوتن ڏٺي، جي هٿا بادشاه ۽ پير
۲- پٽر تون نہ پٽئين، ڦرن تان نہ فقير
۳- ويا ويچارا نڪري ڏيئي ڏڙو ڏير
۴- سي ملاح ٿيي مري ويا نہ آو سائر سير
۵- ڪُل شيءِ هالڪ اِلاَّ وجهہ، باقي آهہ بصير
۶- سهسين ساعتون سنيري ٿو، صادق منجهہ سرير.

## صدا

*** ٿيئين ويري وجهين وير، هنيو ڀالا لڪائين پير
۱- ڪهين ٿو قرب سان اِن آبتي پير
۲- جو تون اهڙو سپرين تہ تو چونلو ڪير
۳- اندر ڪونئين ٻاهر ڏونئين، اهڙا ڦرين ڦير
۴- اِن پروڙين پَهہ ڪي، ڪي دانهہ وڏا دلير
۵- صادق سڪت بہ سنبري، ڏک بہ ڏيرئون ڏير.

Gul Hayat Institute

# سر وهاڳڙو

## صدا

مڱڻان وان ڏک لهندا، مڱڻان وان ڏک لهندا
تنهنجي صاحبُ ڪئي سنڀال، مڱڻان وان ڏک لهندا.

### بيت

[۱]

آئي وَرَ وهاڳ ڏي، آيريو تارو
سڀڙُ ريسارو، تو چِتَ پرکي چارئين.

[۲]

سُتين بانهن سر ڏيئي، تو چائين مڱڻهار
کهڙا تن قرار، جن چوٽائي چِتَ ۾.

[۳]

چارڻ چوٽائي مٿي، وانءُ سُمنگ سيري
ساز تنهنجو سڦرو، مٿان هٿندل نيي هيري
ڪنجهي پوهه نه ڪيري، اِن جاجڪائي ذات جي.

[۴]

چارڻ چوٽائي مٿي، وانء سُمنگ سٿي
ساز ڏارج سڦرو، مڱڻهار مٿي
ننگا وڃي نڪري، ويل جا وڳهي
ڪنجهي ڪيليء ڪنيئهي، وانءُ آجاري اوڏهين.

Gul Hayat Institute

[٥]

* سڄيون راتيون سمهن، ڪنجهي ڪتيڙي ڪوهه
وڃائي رڃ وهاڳ ۾، سازن سُر وڏوهه
مُورهان وڏه مڱڻان، تنبيريان نه ڪوهه
وڃي سڀڙ لوهه، ته آچي ان آجاريو.

[٦]

* سڄيون راتيون سُمهن، تو چارڻ ناهه چِندا
رونجهي سندي راڄ ۾، ڪيرت پِسُ ڪندا
جيلان آيڙي سمهڻ ساءِ، تهي وڃائي وهاڳ ڪي.

[٧]

* ڪنجهي هٿ رت ڪري، ڪينرَ چِني ڪنڌ
چِڻ نه چچي پنڌ، تندون طمع سنديون.

[٨]

* جيرَ وڃائين مڱڻا، طمع جون تاڻيون
سڄڻ تيون سڀڙ ڪي، تنهنجي هنئين جون حوالون
لاڪيٽيون لعلون، ملن مانيڙن ڪي.

[٩]

** دانهن ڪيو دان گهرين، ڪُجهو نه ڳايين
ٻوڙا ٻوڙو پاڻ جيئن، تو ڏاتر کي ڀانيين
سڌَ ڪيو سڻايين، هُت سَتَرُ معلوم سڀڪا.

[١٠]

ڪينرَ ڪيري تنگيو، اي نه ڀانن پير
سونهاري صبوح سين، وجهي وڻين وير
توکي چوندو ڪير، رڃ ڪيرت مڱڻو.

[١١]

* ڪلهي پائي ڪينرو، پڙدي وڄهه ۾ پاڻ
سهجان سڀڙ چام جي، ريجهي پِسُ رهاڻ
تن لتي هينياري هاڻ، جي رونجهاڻي رسيا.

Gul Hayat Institute

[١٢]

ڪلهي پائي ڪينرو، ڏور مَ ڏيهہ ٻيو
ڪونہ لهندين مڱڻا، سڀڙ ڇام جيهو
خالي ڪونہ ٿيو، جو رونجهاڻيءَ رسيو.

[١٣]

مڱڻا متان ڪرين، ڪا سڀڙ سان ساڃاهہ
ماڻڪ ڏنائين مُٺ ۾، ڪيرت نہ اينديءَ ڪاءِ
اڳي آيو ڳاءِ، ڪلهي پائي ڪينرو.

[١٤]

ٽُنڊا مَنڊا مڱڻا، سڀڙ آهن چِتِ
ڪوئي سي قُربَ سِين، جنهين پَرُ نہ پِتِ
سي وهائي هِتِ، ڏاتر ڪٽيي ڏِکَ ڪيا.

[١٥]

ٽنڊا منڊا مڱڻا، آهن ونتا آڪاج
لنگهن لوڏي ڇڏيا، معذور ۽ محتاج
تن سونهارا ساج، سڀڙ ڏنا سون جا.

[١٦]

ٽنڊا منڊا مڱڻا، لنگها لوڏائي
اِيءَ پر سڀڙ ڇام جي، پانَ نہ پيرائي
اهڙو ئي آهي، سندو رونجهن راڄيو.

[١٧]

آءٌ منڊو محتاج گهڻو، پاڻ نہ نينم پاڻ
هٿين پيرين پانگرو، رڙهان رُونئين ساڻ
حال منهنجو هاڻ، روشن توکي راڄيا.

[١٨]

مَڱڻ وچن مڱڻا، تہ مان نہ ڪوئين
ڏمريا ڏوئين، تہ تون رُونتا راڳ نہ سڪيو.

Gul Hayat Institute

[١٩]

مڱڻ وڃن مڱڻا، ته مان نه ڪن سڏ
تون ڇهي وڃا ڏڏ، تو تندون ڇنين ڪينري!

[٢٠]

جان مون پيهي پاٽ پروڙيا، ته پاڻ ٻنگين ۾ ناهه
وهيا ڪنهن وينهانء، ڪلهي پائي ڪينرو.

[٢١]

جان مون پاٽ پروڙيا ته اڄ نه ٻنگين پاڻ
تنبا، تارون، تان، وڃائي وات تيا.

[٢٢]

صدا سوالين جي ٻيلي منجهه ٻري
لاٿي چينتا چارٿين، ملا ڳهوٽ ڳهري
تازي ۽ تري، ڏان لهي ڏڏ آئيا.

[٢٣]

صدا سوالين جي، ٻري منجهه ٻيلي
لاٿي چنتا چارٿين، رونجهائي ريلي
هو جي ولاڙيا ويلي، سي ڏان لهي ڏڏ آئيا.

[٢٤]

صدا سوالين جي، سڻي رونجهائيء رات
مڱي سو ماڻڪ لهي، جڻنگ نه پڇي ذات
پوربو جن پريات، سي طاماعو تار ٿيا.

[٢٥]

صدا سوالين جي آيو اونائي
جيڪي مڱڻ مڱڻا، پلئه سو پائي
ولها وڃائي، آنان ڏان لهي ڏڏ آئيا.

Gul Hayat Institute

[٣٣]

دانهون دنبورن جون، آئي وَرَ ورناء
وِرد گهرجي ولها، سُتين کهڙي ساء
جوڙ تندون، کر جاء، متان سڀڙ جو سڏ ٿئي.

[٣٤]

اِن در سندي مڱڻين، اڳي اِيءَ نه هير
جيئن ڏکها کري پير، سچيون راتيون سمهين.

[٣٥]

سچيون راتيون سُمهين، ايءَ حيوانن ريت
پڪي جن پريت، سي سُک نه سُتا ڪڏهين.

[٣٦]

يانَ پورائي هٿ ڪر، وِجهه چيري ۾ چاڻ
هِن در سيئي اڳهيا، جن نه ڏنو پاڻ
رونجهائي راڄاڻ، آهي ايوجهن جو.

[٣٧]

هِن در سيئي اڳهيا، جي پُڄهي ٿيا آيوجهه
سائينءَ در سُوجهه، وايون وڄائي ٿيا.

[٣٨]

نکو ڪتمُ ڪتنجهيءَ جو، نڪا ڪيڻرَ ڪار
مانَ ڪري سُڻ منگتا، جا تنَنَ ۾ پُري تار
ته سڀڙ سندي سار، منجهان ئي معلوم ٿئي.

[٣٩]

دل دنبورو درد جو، پورو وَڄاء پريات
مَ ڏِجُ زور زبان تي، اي وِڄائون وات
گهور گهورڻ، تيپ توڙڻ، چِينُ ڄاڙين جي جمات
سمهين سچي رات، ڪوهه لنگها ڏينه لڄائيين.

Gul Hayat Institute

صدا

*** ساري سک نہ ڪا مڱڻو تو پاڻ پرڙي

١- رُونتو راڳ نہ سڪيو، سو وَهڻ پيو واجهاءِ

٢- سندي لوُنتو آسري ڪٿيو خرينا ڪاءِ.

صدا

گهايل وڃي گهاري، اي هو، گهايل وڃي گهاري

مون منهنجي جندڙي

* ١- پنهنجي پرين جهي آهي طلب تاري

* ٢- غافل توٽي غفلت ڏٺي، آهي ڪاڪر ڪاري

* ٣- وڃ وڃان ئي نکري، ڏيٺي تو واري

* ٤- اسان پرين پاڻ ۾ لتو بر پاري.

صدا

ساريان ڪونہ ثواب، خاوند خطائون سنيران

١- ناهيم وسيلو وس ڪو، نڪو جيءَ جواب

٢- ٻڇيو مران ٻَپَ ۾، متان اچي عتاب

٣- نہ مون ليکڻ لکيو، پڙهيم ڪونہ ڪتاب

* ٤- هادي هدايت جو، ساقي ڏيج شراب

٥- ”صادق“ سنگهي تن پئہ، جي خالق ڪيا خراب.

صدا

* جو ڏاتر ڏيندل ڏات، سو نہ وسارج مڱڻا

١- انئي پهر ان جي ڪج طلب اندر ۾ تات

٢- همت همراهي آهي سبڙ جي تو سات

٣- سڄ سمجهج تنهن ڪي، ٻي واڻي نہ ڪج وات.

# سُر راڳُو

## بيت

[۱]

اڳئين پسڻ ڪاڪ جو، جڏهن ويا جي
تڏهين تنهين ڪيا تي، لوڙ لڏوٺي ڪنڌئيز.

[۲]

آئڻ چڙهي ڪاڪ جو جڏهن ڏنو جن
تڏهن منجهان تن، موٽي ڪونه آئيو.

[۳]

سَرها شڪاري ٿيا، پرمل پيتائون
ڪا جا ڪاڪ وڻن جي ٻولي ٻڌائون
تيئن رهين نه رتيءَ جيترو، اسين ۽ آئون
سو تڙ سونائون، جيت وايون وڃن وِسريِ.

[۴]

سَرها شڪاري ٿيا، جوڳي ڏٺائون
گهوڙا ڪاهي گهوٽئين، پتَرَ ۾ پڇيائون
ڇتهَلَ ڇاڳتڙَ چوڙِي، پاڻي پيتائون
چڙهندي ڇيائون، ته موٽڻ ڪو مُس ٿئي.

[۵]

سَرها شڪارِي ٿيا، ڪو جو پين پڙاء
تنهين ماڳهين ويئي وسري، جنه سين جيءَ جڙاء
ٽِيڪو ڪاڪ تڙاء، لوڏِي پي لال ٿيا.

Gul Hayat Institute

[٦]

** لوڏي تنهين لال کيا، ڪي جو ڪتن پيون
ويهي وِهه ٿيون، ڪاهيائون ڪاڪ تي.

[٧]

ڪو جو ڳنڍڻ ڪاپڙي، بابو بيڪاري
تاڻي آئيا ڏيتهين، جيت مومل موچاري
آئيا نه ماري، جيڪس ورونهه سڀ وِهائيا.
آيا

[٨]

* ڪو جو ڳنڍڻ ڪاپڙي، بابو منجهه ٻتر
تنهن سامي ڏنين سيڪا، سندي خاص خبر
گهوٽن چڙهيا گهر، ويچارن وهه تيا.

[٩]

* ڪو جو ڳنڍين ڪاپڙي، ڪيڙو سان گلزار
تنهن موچاري مومل جا پتهي ڏنا پار
گهوڙا گهوٽ سوار، ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

[١٠]

ڪاهي آيا ڪاڪ تي، جيت سوپيڻ سندي سونهن
راتو ڏينهان روح ۾، ويتا ڪتن ورونهن
دانتهه لائي ڏونهن، سڙيا ڪاڪ ڪنڌين.

[١١]

سڙيا ڪاڪ ڪنڌين، لوڏي اچي لنگهه
آتن منجهان آن جي، پيڻ ڪا پرڪ
ويچارا ورق، ويتا واچين سور جا.

[١٢]

نانگي نظر آئيو، ڳجر سندو ڳام
ويا ويراڳي ورري، نيرت سڀ تمام
دونهين پاڻهي نشر، وينو وهر وماس ۾.
١٤٥

[١٣]

ڪتان هلپين ڪاپڙي، ڪتي هلپين ڪالهه
اڪينئون آرتي ڳاڏئون، تو لڙڪ وهائين لال
ڏنو جتنين جمال، سامي تون نه سُلائيين.

[١٤]

آپرنــدي آهُس ڪري، جيڏو سچ شعاع
تيڏو ڪاڪ ڏٺــا بـابُوءَ جيي بـنـاءَ
مومَلَ مون متناءَ، ڪنهن ويل نه وڃي وسري.

[١٥]

* * گـوشائتيون گـجريـون، پيرون جـن پـالا
سي ماريـن ”ميڻن“ چئي، ڪهن ڪمالا
وَستهيي وصـالا، ڪوڙيهـن ويـا ڪيترا.

[١٦]

ڪاڪ تـڙ جو ڪاپڙي، رهبر آيــو روهه
سوڏيون شڪارين ڪي، چتمون آيــو چوهه
* جوڳيءَ جاڳيو ڪوهه، ساجهر سُور پرينءَ جو.

[١٧]

هلو پسون ڪاڪ تــڙ، چرُو جت چڙهن
سهسين رنگ رچن، پاڻان وائي پڪ سين.

[١٨]

آڏائـي عنبر جيـي، ڍنگهر مـتـان ڍڪَ
خوشبوءِ جي ”ڪتي“ چوي آئي ڇڳيرن ڇڪَ
ڪاڪ گهڙندي ڪڪ، لتا لوڏيڙن تان.

[١٩]

مونڻ هـارو ميندرو، ڪاڪ ڪُوماڻيي ٿيي
وٽـن ورن متائيو، اڳيون ”عـالي“ چئي
اڪيون ڏين نه شاهدي، جوت جهرڪن جي
ڪـوهه آسانبا الاري، ساريو سجڻ سچ سڙان.

ڪاڪ ڪڙهي

[٢٠]

ڪڙهي ڪاڪَ وڻ لهسيا، لوڻو لوڙائو
سودي رڙيءَ سرتيون، آڻ آجهاڻو
هنيون مون ڪاٽو، لڳي ڦٽُ فراق جو.

[٢١]

* ڪيئن وڙ ڏُوڻين ولها، راڻا نه چاڻا
ميندرا ماڻا، ڪريين ڪهڙا ڪميڻي سان.

وڄ م پري

[٢٢]

رُس مَ، رُسڻ گهوريو، پرچي اچ پرين
ماريس ڦٽ فراق جي، جهٽَ جي ذري
آيس تو گهري، مانَ سوڍا سڪيائي تيان.

[٢٣]

رُس مَ رُسڻ گهوريو، ڏاتي منجهان ڏول
توکي ساريو سپرين، رئان منجهه رتول
تڪاڻا ۽ ڏولَ، وسهه مون وهه تيا.

[٢٤]

سوڍا سُورَ سڪائيون، اکيون آب نه ڪن
راڻي جي رهاڻ ڪي، ور وَهيٺيون وتن
سي ڪيئن ميندرا مڃن، جي تو سوڍا سوريَ
چاڙهيون.

[٢٥]

ڇا جي باغ بهاريا، مون باغئون بسُ
سودي رڙيءَ سرتيون مون ڪي ڪاڪ نه اچي ڪسُ
راڻي پاڻي رسُ، تن ٻيڙيءَ جيئن چاڙهيو.

[٢٦]

** راڻو آيو راڄ ۾، تي سهيلين سد
پٽ ڦهريائون پدمڻيءَ، وس ڪيائون ود
آديون اڏو اڏ، ڦهرين رات پرينءَ سان.

ڦهريا پدمڻين

Gul Hayat Institute

[٢٧]

مٿان اڳڻ ڪرهو، وهيٽن جيئن واڙي
مون کي ٿي ماري، سوڍا سائي ڳالهڙي .

[٢٨]

مٿان اڳڻ ڪرهو، جتڙهي جيئن جهوڪي
سِڪ منهنجي سپرين، راڻا وڃين روڪي
سِڪان ٿي توکي، مُنهن ڏيکار مينڌرا.

[٢٩]

مٽيي ۾ مينڌري، ڏٺي ٽٽڙم ڏينهن
وڃي ڳوڙها ڳاڙيان، هائي ڪريان ڪيئن
نيڻ پرجي نينهه، پلٽيا پاڻي ڪري.

[٣٠]

مٽيي ۾ مينڌري، ڀنهين لال وٽڪ
هو نايو نانگليون چري، هو پيئي پانن پڪ
لوڪان ڪري لِڪ، وڃي ڪوُنر چناٺون
ڪاڪ جا.

[٣١]

جڙ گهوڙا، پڙ گهوٽيا، آيا ڪاڪ ڪٺهي
محل جي مومل جا، سي سوڍي ڪيا صحيح
راڻي رات رهي، لاٿا ڳونڌر ڳجريين.

[٣٢]

جڙ گهوڙا، پڙ گهوٽيا، ناتر ڪج نرت
ڪين ڏٺاسون ڪٺهين، هھڙا هاتڪ هِت
پکيي ڪري پِرت، پوه پڇائيا پٽهيتڙا.

[٣٣]

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا نہ محلن
پائين ۾ پانهين جي ٻنڌڻ ڪين ٻجهن
لکين لاهوتن، اهڙيون اوري ڇڏيون .

[۳۴]

* ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڌ ۾ تي، پيٽڙن پنڌ پري
تن ڪي مومل ڪوهه ڪري، جي لوڏاٽو لنگهي ويا.

[۳۵]

ڪا جا ڪر ڪاڪ ڏي، تيئن تائيو تنگ تائين
ڪُواٽو ڪرهو، ڪي وانگي وهائين
پايو چتوڪڙا چوٽ جا، تا عاشق اڙائين
* مومل سي مائين، جي سِڪ نه ستا ڪڏهين.

[۳۶]

چڪندي چريا ٿيا، جوڳي زهر ذات
ڪاهيائون ڪاڪ متي، رَهَه ۾ پيين رات
وَهيا تنهن ولات، جتي سور سپجي.

[۳۷]

پاسي وجو پانڌيا، ان جاءِ کنان يار
گجر هٽي گز سمن، نيا نالدار
پياڻ پسيين پٽ ۾، ڪنڌي ڪاڪ ڪپار
سوڍا ڪج سنيار، مهند راڻان تو رت وَهي.

[۳۸]

روءِ راڻي جي ناهه ڪو، سوڍا سڀ سلطان
لکين ڇڏيائين لوڌائي دفتر ۾ ديوان
نسورو ئي نينهن جي ڪشيائون ڪمان
* ڪنهن جي رهيي ڪان، تيو مڙيو ئي ميندرو.

[۳۹]

نڪو مٽ مهندري جو، نڪو جهڙس جيس
سِڪ سوڍي جيي نه لهي، پڻو توٽي بيس
سرتيون سونهن سنديس، ڪريو ڪريان ڪيتري.

Gul Hayat Institute

[١٤٠]

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چڱاڻو
منجهئي ڪاڪ ڪڪوري، منجهئي لوڏاڻو
راڻو ئي راڻو، ري راڻي ناهه ڪي.

[١٤١]

راڻو روح منهنجو، سوڍو ساهه سندوم
منجهيئي ڪاڪ ڪڪوري، لوڏاڻو لڌوم
سرتيون پرين سندوم، منجهائي معلوم ٿيو.

[١٤٢]

* راڻو رهيم روح ۾، سوڍو اندر ساهه
ساعت نه ڪٿان هيڪڙي، پرين ري پساهه
اندر روچي راهه، ٻاهر ٻجهايان ڪن ڪي.
رومي

[١٤٣]

ڪنهين پچين ڪاپڙي، ڪونهي مومل ماڳ
سوڍي سا سيج ڪئي، جنهن ۾ سڙيو سڀ سهاڳ
ڦتجي پيو فراق، پسي ورق وصال جو.

[١٤٤]

نه سو راڻو ميندرو، ۽ ڪيئن ويهي ڪاڪ
پسيو محل ماڙيون، هيئين وَهي هاڪ
اندر مون اوطاق، راڻي جي رهاڻ جي.

[١٤٥]

نه ٿيي نڪتن مان نڪري، راڻا تنهنجي روهه
تهڙو سج نه سوجهرو، جهڙي تو پاڻوهه
سنجهي ۽ صبوح، *مون متن وسين ميندرا.

[١٤٦]

✓ ڪي جو ڇهو ڪاپڙي، سو "صادق" سيباڻون
آهه مڙيوئي ميندرو، پر پنڌ پراهون
سڀ تو منجهه سيباڻون، تون مڙني ۾ محيط ٿيين.

[٤٧]

راڻــو رتــولن ۾، آيــو ٿيي آس ڪري
پــرپـر ڪيو پري، مومل وٽ ميندري.

[٤٨]

ڳمنديءِ ڳــاڙهي ٿيي، راڻــا روئڻ منجهاءِ
سائينءَ ڪارڻ سپرين، تون هيڪر پيرو آءِ
هيءَ ڪو اهڙو ڳهاءُ، جيئن مون وجي وسري!

[٤٩]

ڦــوڙائي ڦــاٽي هڻيون، سوڊا سچي ڳــالهه
جيڪو جيان ڏينهڙو، پــرين تنهنجي پــال
اڇي ڪنهن اعمال، مُنهن ڏيکاريــو ميندرا.

[٥٠]

"صادق" سڄيون پس تون، محلاتون ۾ ماڳ
جن جيي ٿي مُچ مُرڪيي، ڪري رهائيون راڳ
سي وراڻي واڳ، راڻــا ڪنهن رُخ ويا.

[٥١]

راڻــا رتــولــن ۾ اڇــي ڪوهــ ڪيوهـ
ڳڏجي ســاڻ ڳُجرئين وڏو وڍ ڏنــوهـ
مــاريندو ويــوهـ، ورڻ وڇــوڙو تنهنجو.

[٥٢]

ڏک چڙهندي ڏنائين، ڪوٺي جو ڏهاڳ
سوڍي سا سڄ ڪئيي، جنهن ۾ سڙيو سڀ سُهاڳ
هٿي مُٺيءَ جو پاڳ، جو پينر پيرو ٿيي نه ٿيو.

[٥٣]

مــومل مُٺيي ميندرا، سُٺيي ڪو ســلام
پڳس سڪ "صديق" چئي، اچيس نــه آرام
ڪيٺل ڪي ڪلام، موٽيي آيو مُنهن ۾.

Gul Hayat Institute

[۵۴]

آيرندان تـي آيريـو، ڪري گيڙو گَلُ
هادِي هدايت جو، ڪونهين سندس مَثلُ
"صادق" ڳالهہ مَ سَلُ، فضل الله شاه فقير جي.

[۵۵]

ڏِڪڻ چـڙهندي ڪونئين، رتـو رُنـائين
ائين چيائين، تـہ اچـا ڪَسبا ڪرَ ها.

[۵۶]

مَتسَ گهڙندي گهوٽيا، ڪرهو اِئين مَ ڪاهہ
جن ۾ ساهہ نـہ ماهہ، مومل سيئي ماريا.

[۵۷]

سونهن سوڍِي کي وتري، ڪر ڪڪوري جوءِ
راڻو تي نـہ روءِ، تـڙ تنواريو تـِي مران.

[۵۸]

راڻـو رات نـہ آئيو، باڪون پرهہ ٻـتڪن
ٽـي ڪڙهان منجھ، ڪکن، ڍوليا تنهنجي ڍائين.

[۵۹]

صبح ٿـيو سوجهرو، پيرهہ پـداريـو
روئِـي رت هاريو، مومل ڪارڻ مينڌري.

[۶۰]

مومل ڪَنين نـہ ماڻي، وڃي ڪاڪ تـڙن
سوڍا سوين سيڪـِي ويا، پيا راڻا ڪهين رڙن
سي کهڙِي پَر پرن، جي واٽهين ورِي ويا.

صدا

پيئر جيڏيون وو وو، ڪا مَيڻو موتائي

۱- اوٺيڙن جـو اڳهين مـون کي اوسيڙو آهي
۲- ڏک منهنجي ڏيـل ۾ آنيءَ جـو آهي.

Gul Hayat Institute

صدا

آ تون آ تون ميان، جيءَ ميان پيهر پيري

۱- متان مون کي ڇڏيين کو وانڊو وچ ڪري.

صدا

موٽي اچڻ جي ۾ هوت منهنجا

۱- پٽر وار وڇائمان، پرين پنهنجيءَ ڪي

۲- ڪٽوريون ڪيروليون چاريان چانگي ڪي

۳- تان اي ڳالهيون ڳجهيون سوڍي سين ڪري

۴- متان مومل وهين ريجهي راڻي ڪي.

صدا

جوڳي هِن جُوهه ۾، ادا راول رهه راڄ

۱- اچي رهيم راڄ ۾ لڪڙيون ڪوڙي

۲- مون مَن ڪيئن سين وهڙا آلوڙي

۳- پيني رات پڪيون نانگن چوري

۴- ڏينديون ڏکوين ڪي ڪو وهه ڪوري.

صدا

ڪبي ڪيچ پچار، اي ڪا ڪبي ڪيچ پچار،
ساٿيا ڪا ڪبي ڪيچ پچار

۱- پاڪاريندي مور جيئن سا ڏني ڏور پنوهار

۲- آيسي پُڇي پتهيڙا مهندا جي ڪوهيار.

صدا

ساٿي سنبهي ويهه، وو ڪاڪ ڪهڙندو ڪرهو

۱- مومل صحيح ماٺبي، وو دور ٿيندي هيءَ ديهه

۲- نندا! وڏا هلندا، وو سڀ راڻا رُتيءَ رهيه

۳- آخر اندا سي چتبا، وو جن هٿ نه ڏنو هو ڏيهه

۳- "صادق" ڪنهن جو نه هلي، وو آتي متڪر مهيه

# سر ساموندي

## صدا

نه هوند مون کي ماءُ تان نه پلي، هوند مون کي ماءُ
جي هوند اوري وڙي هوتن سين، ماءُ دوستن سين
١- وِهڻ واتڙين تي هوند پانڌي سڀ پيچيله
٢- پارانيا پانڌين کي هوند رويو رڄ ڏنـاءُ.

## بيت

[١]

آءُ ٿي اوسيهڙه پائيان، تون ڪر موچارو فال
جو ونجارو ٿي لال، سو ڪڏهن ايندو مان گهرين.

[٢]

ڪڏهن ايندا مون گهرين، آهريـا جـي اڄ
پريان سندي هن پـار ۾ وڃي دنگي ڏڄ
سامونديءَ کو ڏنجهه، ماءُ ماريندم ڪڏهين.

[٣]

ساموندين سـڙهـه چڪيا، ڏنـي ڏيـاري
اوچتي اُتـر جـي مـتـان مُنڌَ آئـي
وڃڻ جي وائي، ٿي مُلا معلم مون سُئي.

[٤]

* ساموندين سڙهه چڪيا، لگن اتـر بُوءِ
ننگر ويـڙهـي نـاڪئا، ساڃا تـيـا صبوح
سڀ سٽائي جُوءِ، تن ڪاري ڪيڙائن جـي.

[٥]

سامونڊين سڙهه چڪيا، لڳن آتر باس
ننگر وڙهيا ناڪئين، هڏ هنيائون هاس
اندر مون اُداس، تن ڪاري ڪيڙائن جي.

[٦]

سامونڊين سڙهه چڪيا، لڳن اتر هير
ننگر ويڙهي ناڪئا، تيا سٽائي سير
اندر مون اڪير، تن ڪاري ڪيڙائن جي.

[٧]

ميٺي مور نه موٽيا، ڪاري ڪيڙائو
سوڍو ڪن نه سون جو، وڏا وهائو
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طمعائو
سامونڊي سائو، لنڪا لٽهي آئيا.

[٨]

سامونڊين سڙهه چڪيا، اڄ پڻ وڃن گهنڊ
ننگر ويڙهي ناڪئا، ڪيڙيا مٿي ڪنڊ
اندر مون اڪنڊ، تن ڪاري ڪيڙائن جي.

[٩]

لٽهي لڪاءَ جي آهريا، سي لڪاءَ لڪاءَ ڪن
سٽي سور لڪاءَ جو سڪ نه سامونڊين
وهڻون وڻجارن جون آيون رتُ روئن
وڏي ڀاڳ ملن، جي آهريا ڪارونڀار ڏي.

[١٠]

آهريا ڪارنڀار ڏي، ڪري غواصي غور
پيهي ويا پاتار ۾، ڇڏيائون شر شور
تاٿي انهي طور، ماڻڪ ميڙي آئيا.

[١١]

جيئن ڪنهن ڪارونيار ڏي، ايءَ غواصن گت
پيهي ويا پاتار ۾، پوري رکي پت
انهيءَ ٿيي آپت، سمنڊ سوجهي آئيا.

[١٢]

محبت پري مڪرا، جهاز جڙيا جن
سٽاڻي سمونڊ جو، پرو آهي تن
آهريا آو عميق ڏي، پيون ڏيئي پڻ
ڪارونيار ڪنهن، سمنڊ سوجهي آئيا.

[١٣]

محبت پري مڪرا، جهاز جوڙيائون
ڪيائون سٽيڙ سمنڊ جو، پُڇِي پُورِيائون
جنهن ۾ آمُل سپجي، سو معلم ماڻيائون
آڻي ڏنائون، هيرو لعل هٽن سين.

[١٤]

جر جهاز مڪرا، آءٌ ٿي ننگر نهاريان
ساريو سامونڊين کي تڙ تڙ تنواريان
آءٌ گوندر گذاريان، ويا وڻجارا آهري.

[١٥]

ويا وڻجارا آهري، جر سٽر نه ڪن جڏ
مون کي وجهي گوندرين، پاڻ ٿيا لهرين گڏ
سامونڊيڪا سڏ، ياڳ سڻنديس پينرون.

[١٦]

ويا وڻجارا آهري، تڙ نه تنوارون
ڏيئي ويا ڏيل کي سورن سنيارون
ڪندي مون ڪارون، رات نه رهيا هيڪڙي.

Gul Hayat Institute

[۱۷]

رات نہ رھيا ھيڪڙي، ڪارون گھٽيءِ ڪيام
وڻجارا وڃ سام، آيل ويا آھري.

[۱۸]

سڄڻ ھليا سنئين، جڏي جوڀن ڏينهن
رُئان رهن نہ راتڙي، آيل ڪريان ڪيئن
مون ڪي چاڙھي چيئن، پيرين پکي چوڙيا.

[۱۹]

ور وڏائين ونجھ ڪي، الوڙن نہ ڏيہ
چي: ايڏي سفر سپرين وَيَ مَ ڦوڙائي
لائي مون لائي، رھہ اچوڪي راتڙي.

[۲۰]

تون وڃن وھلي نڪري، ننگر جان نہ ڪئن
مَڇڻ ڏيھ وڃن، ناريون پوري ناڪئا.

[۲۱]

پکھ ڪٿي پنڌ تيا، ننگر ۾ ناريون
بندر بازاريون، سڃيون ساموندين ري.

[۲۲]

گھٽي ڪٿيي ڪان گھوريو، ساموندڪو سنگ
جنھين سندو پنگ، ھنيين ھڏھين نہ لھي.

[۲۳]

مَن آھاڀي نہ آھريو، ننگرنئون نيڻن
سڀاجھي سيڻن، ڪٿئي سان ڪڙو ڪيو.

[۲۴]

وڻ تن پڏي وانئتيون، جن تڙ ڏيا ڏي
الله ڪاند اچي، آءِ آسن پري آھيان.

[٢٥]

آيل سنگھارن جـي، پڳهـ پـاسي گھار
وڄھي جيءُ جنجار، مڇڻ وڃڻي اوھري.

[٢٦]

آيـل سنگھارن جـي، پڳهه پـاسي پَتَجُ
مَتن ۾ ٻاريو مَتَجُ، مڇڻ وڃڻيي اوھري.

[٢٧]

پڳهه پـاسي ويهه، آيـــل سنگھارن جــي
جيڻن تون وڪ ڪئين ويسلي، هو پورينڊا پرڏيهه
سمنڊ جن ساڻيهه، تون ڪوهه نه ويين ان سين.

[٢٨]

ٻيڙيءَ ٻـئـي ھـٿـڙا، پڳـهـه پڇيو روهه
ساموندي سندوهه، مون ڏَنهُ ڏينهاڻي نـه لهي.

[٢٩]

ڪانڌ پنهنجو مڪرو، ’هـو‘ ۾ ڪٿي هلاءِ
اولا تنهن ڪي عشق جا، سهڃان ساز سنياءِ
وڃان سڀ وڃاءِ، لاڄُو جي لباس جـا.

[٣٠]

ڪانڌ پنهنجو مڪرو ’هُو‘ ۾ چـڙ هٿي
اولا تنهن ڪي عشق جـا ڪوها پـاءِ ڪٿي
ته منجهان تِڪَ تٿي، ٻار پهچين سڄٿين.

[٣١]

ڪانڌ پنهنجو مڪرو، ’هو‘ ۾ ڪاهه ڪَٿيي
اولا تنهن ڪي عشق جـا لائج ساز سَتَهيي
ته منجهان وَهتہ وَهيي، پار پهچين سڄٿين.

Gul Hayat Institute

[٣٢]

** ڪانڌ پنهنجو مڪرو، پنهنجو پرڻان جي پُور
ساڃو ڪر سُڪان کي، منجهان عشق اُور
تہ ماڻو پوءِ نہ مُور، پار پهچين سچڻين.

[٣٣]

معلم سڪائين کي، آيو سڌ ڪري
لڳو وَهڻ واڪا ڪري، ڏيکو منجهہ ترِي
مُنهين آئي مڪري، پسو پير پري
وڪر سو مَ وري، جو پاڻ پراڻو چاڙهيو.

[٣٤]

* معلم سڪائين کي، آيو ڪري سڌ
* تان نهاري ناکئا، ٻيڙي ٻڏو اڌ
* تري هيٺ تراز جي، ڪري ڪڙڪا ڪڌ
ڪوهي ڪيڙائن جي، جرس مَ پوءِ جڏ
مال پنهنجي مڌ، پاڻ پراڻو چاڙهيو.

[٣٥]

معلم سڪائين کي، سڌ ڪريو تو چوءِ
ٻيڙي ٻاتاڙي ٿي، مٿي ڏينگهہ مَ ڏوءِ
جانڪيو جن جهاز کي، آيي ويا اوءِ
تنهين وَڪرُ وَٽُ مَ پوءِ، جو پاڻ پراڻو چاڙهيو.

[٣٦]

پاڻ پراڻو چاڙهيو، وڪر وڻجارا
سُڄن تا سموند جا، آڏا اوپارا
اچي ڏينگهہ ڏيرڪيا، ٻيڙي ٻہ ٻارا
جاڳو جي ڀارا، تہ تڙ تواڻي نہ ٿئي.

[٣٧]

* سڪاڻيا مَ سمهو، بندر جان پٽي
مهندان ڪپر تو ڪُنُ ڪري، جيئن ماٺي منجهه متي
ايڏو سور سهي، ننڊ نه ڪجي ناڪئا.

[٣٨]

* ننڊ نه ڪجي ناڪئا، مُعلمين چيو مُنها
اندر جي آرا، ته ڏينهي جهلن ڏاڪڙو.

[٣٩]

* جان پورئين تو پرار، تان ڪج سڙهه جي سنڀال
مٿي متي مهراڻ ۾، لهرَ سيڪا لال
ڪنج منجهه خيال، مچن معلم پوڙيين مڪرو.

[٤٠]

* جان پوريين تو پرار، تان سڪان جهل ساڃو
مٿي متي مهراڻ ۾ لهرَ جو لاچو
تن جو سفر سياڳو، آميل جن آپائيو.

[٤١]

پرار جن پُوريو، سي اوري ڪيئن آيڙن
سڪاڻيا سمند جي سُڪري پر سيڪن
پٽهُون پهڙياڻن، محڪم جهليا مڪرا.

[٤٢]

* محڪم جهلج مڪري، متل مهاڻا مير
ساري ان سڪان کي، ڪوڙ هٿائج ڪير
ويندي وڻجارن جي بندر ڏانهن بهير
گهر انهن جي ڪير، لانگهو جن لنگهائيو.

[٤٣]

محڪم جهلج مڪري، مون تو چيو ڪانڌ
جي سڙهه پراڻا پاند، ته لهريون سهي نه لنگهيون.

Gul Hayat Institute

## صدا

اي آيل جان جيان تان ساهه سين سُران
پيچري پيچري پرينءَ جي۔

۱- هيجان جهلي هتڙا، گهوري گهوري آهه پنوهه پياريان
۲- ٻڌا جي پانهين جا، گهوري گهوري ڪيچين سان ڪريان
۳- نيڏ ڪ ٽيئي جندڙو، گهوري گهوري آهه مري تان نه وڃان،

## صدا

جيڪي آيل جيڪي منڊ ڪري،
جيڪي آيل جيڪي منڊ ڪري۔

۱- ويچاري لاءِ سڄڻين، سا چڙهيو چاڙهيڪا ڏي
۲- اکيين ڏسان اوٺين کي، آئـي ڪيهه چنڊي
۳- چکيم ساءُ سورن جو، ڪيچي سين ڪري۔

## صدا

آيـل آيـل جـڙ جينجڙي جيءَ جياري
اي ووءِ ووءِ سي ڪيئن ويهان هوت وساري

۱- سڀ جماندر گهاريو مٽن ورهه سين ويچاري
۲- ڏک لاهيندس ڏيل جا آهه ان جي اوتاري۔

## صدا

جو مان اندر گهٽ، اي جو مان اندر گهٽ
سـو آهه سور سلايـان پنهنجو ڪن ڪـي

۱- ڪانڊ نه ڏوٺي سههون، ووءِ ووءِ ووءِ ڪا منجهين گهٽ
۲- ساڏن پـاپـي پانهنجي، ووءِ ووءِ ووءِ ڏينڌڙي ڏيول آهٽ
۳- مان ٽئي پرائي پـڌ ۾، ووءِ ووءِ ووءِ جا بر متان ٻٽ
۴- پيا تـن پـريـن ري، ووءِ ووءِ ووءِ "قٽو" چٽي ڦٽ
۵- تون ڪيئن اچيو تن سان، ووءِ ووءِ ووءِ آيري ڪرين اگهٽ،

Gul Hayat Institute

## صدا

ويندڙي ويا جماج الو، اي هو توکي سارينـدا ويا هو

١- او کا ترس نہ هون تان پوري پوري

پـهـ پروڙي کوهہ نـہ نکرين.

## صدا

جي مون چاتو تہ کي آيل هوت هلندا

تہ اکڙيون آب پڙي هوند نيڻ ورايم ننڊ جي.

١- تان کو ڏونگر ڏوريان جان کره اندر ساهہ

٢- تـان کو واس وڙهايان آءٌ پـاروچن لاءِ.

## صدا

پرينءَ جي پنڌانڙ مون کي جي جهلينديون، سي نہ ٻجهنديون

سائيمڙا او ادا وندر ويلو، مان کو کن وندر ويلو

او ادا، کر کا ڳالهہ سنديانڙ

١- تان کو ڏونگر ڏوريان جي پرين مون پنڌانڙ، سائي لو....

٢- مان ميڙائو مون ٿمي کو سگر ۾ سيڻان، سائي لو....

٣- آءٌ پيادي پنڌين، هـو سر جماجن، سائي لو....

٤- آئي لاڻيون اونٺين لڏون پـر لڪن، سائي لو....

٥- ٻڌيون ٻاروچن کي سونهريون سونهن، سائي لو....

## صدا

آءٌ ٿي وندر وچان لوءِ، مون کي تا ۾ جهليجا جيڏيون

آءٌ ٿي چپر وچان لوءِ، مون کي تا ۾ جهليجا جيڏيون

١- اچي دونهون ڌکيو کوهياري جـو کوءِ....

## صدا

** جاڳو يارا جيڏيون، سيڻن سچ سکجي

١- مٿي آهُس آسري پتنگ جيئن پچجي

٢- سر پنهنجو سٽ ۾ جوتي جيءَ ڏجي

٣- پريتمي پرينءَ جي وچان پاڻ وڃجي.

Gul Hayat Institute

## صدا

سا آءُ آيل ڪريان ڪيئن، منهنجو نينهه آ، پليو نا رهي
۱- اڏوهيءَ جيئن ڏڪڙا، چڙهيا چوٽيءَ سيئن
پاڻ پهتا ڪيچ ڪي، مون ڪي چاڙهي چيئن....
۲- جا جڙ لڳي ٻيڙئين، سا جي لڳي نينهه
ته پرت پرائي نه ٿئي، جڳ چماندر سيئن....

## صدا

ڏار دل جي دنگي، اي ميان! ڏار دل جي دنگي،
ته تون لحظي وچين لنگهي، اي هو پڳهه پائي پرت جو
۱- جي پاسئون پاڻي وهي ته تون چيت ڪر چورنگي
۲- پڙهيا پنڊت پارکُو آئي سهسين هٿا سنگي
۳- جت اونهايان اونهون وهي، آت آيا ڪي اڙٻنگي
۴- هت ٻه آئي تن جي جن وٺيي ورهه سين ونگي.

## صدا

اي هو پڳهه پاءِ پنهنجي مڪري، او مڇڻ ڇوهي ڇنائي
۱- لٿي لوپ ويڙا لڏي، پڳهه ڇنو ٻيڙي ٻڏي.

## صدا

سنا مرندين سور، جو تون پٽهه پريان جي ويسلو
۱- توکي خواب خوش ڪيو، وهمن ڪيئي وهلور
۲- ڪٿيو هونهين گهوريو، مٺا وڃاءِ م مور
۳- هي نه وطن تنهنجو، تون ڏکيا ويندين ڏور
۴- متي وسائي منهن تي، پار پريان جي پور
۵- متان "صادق" سپرين، ڏکي ڪنئي دور.

Gul Hayat Institute

# سر ڪنڀات

## صدا

ڪا هئنئين سين لاءِ، ڀلو ڀوري ماءِ

ماءِ مون ڪيئن جهلئون پائيين.

١- جهلئون ڀلئون پائيين، مَت نه آچين ڪاءِ
ڀلو ڀوري ماءِ ....

٢- آلسي پٽر سمهي آبل مون جيئن نه ويرا ....

٣- ڏينه گهٽيرا سنپريين، آهٰ تو پچان ماءِ ....

٤- واڳي هئيس ور سان، ڳوندر ڳين گڏيا ....

٥- هيءُ سور ٻاروچن جو مُئي لهندو ماءِ ....

٦- آپيان تان نه آپري، ويهان تان نه وِهاءِ ....

٧- سجُ سڪندي آلهي، روئندي رات وهاءِ ....

٨- پيئي جا پرينءَ ري، سا ڪيئن رات وهاءِ ....

٩- جيئن چر چيري وچ ۾، وچي ۾ واجهاءِ ....

١٠- ڪي چرَ سندي سچئين، ڪي تڙَ تتا ماءِ ....

١١- هيي سور ٻاروچن جو مُئي لهندو ماءِ ....

١٢- ويو ٻاروچو نِڪري سور چڪائي ساءِ ....

## بيت

[١]

تو ڏنهن گهڻو نهاريان، تارا تيلاهين

منهنجو سڄڻ جيڏانهين، تون تيڏاهون اپرين.

[٢]

لـڌيـو لائي ايـري، تـارا ٽِملي روءِ
جهڙو تـون صبوح، تهڙي صافي سڄڻين.

[٣]

جي تون مٺيان نه پانئيين، چنڊ چوانءِ سچ
ڪڏهن سڄو ايرين، ڪڏهن ايرين ڪڇ
جهڙو تو منجهه مڇ، تهڙو پدم پريان جي پير ۾.

[٤]

جي تون مٺيان نه پانئيين، ته چنڊ چوان تو حق
۾ اکيون ڏيو نڪُ، تو ۾ ناهه پيشاني پرين جي.

[٥]

چنڊ منهنجو سپرين، تـارا ٻـيءَ ڏُٺـي
آتـاري عـالم ۾ منهنجي ساڄڻ سونهن گهٽي
وڃن سي مَ ڪٽي، مون تن واڳيو جن سين.

[٦]

چاري جو چيو ڪري، آيو چنڊ چڙهي
جت ڏٺائين پرينءَ کي آهـو آتِ اڙِي
ويو ساهه سڙِي، "ڪتي" چوءِ، ڪرن جو.

[٧]

پرين جون پرڏيهه ۾، چنڊ چٽنگون پُون
جِگر تـن جانـن کي راتـو ڏينهن رُون
سڄڻ سڪي هُون، ته آءٌ پال پلي جا پانئيان.

[٨]

مون ساريا سپرين، شاخون لڳيون چنڊ
مٿن آڏکي آتـيـو، نيٽين پيڪي نـنـڊ
نجاٽان ڪنهن منڊ، منهنجا پرين وراڻي جهليا.

Gul Hayat Institute

[۹]

اڀر چنڊ، پڇس پرين، تو اوڏا، مون ڏور
سڄڻ ستا ولهه ۾ چوٽا ڀري ڪپور
سي ڪيئن سڄڻ ڏور، جي سدا چٽڪن چت ۾.

[۱۰]

سهسين سڄڻ اڀري، چوراسي چنڊن
بالله ري پرين، سڀ اونداها ڀانئيان.

[۱۱]

اونداهي اڌ رات جو، پرينءَ ڏيکاريم پاڻ
چنڊ تارن ساڻ، پيهي ويو پڙلاءَ ۾.

[۱۲]

آءٌ پرندان اڇو تي، چنڊ تو منجهه چانڊاڻ
جيئن اڇو تون منجهه رات، تيئن سڄڻ نت سوجهرا

[۱۳]

نايو ناگيليون چري، ڀير نه هٽي ڀرنگ
چندن جا چوپا ڪري، ڪاٺي نه ڪٿوري سنگ
لکين مٿي انگ، مٿي ڪي محبوب جا.

[۱۴]

چندن جا چوپا ڪري، ڪاٺي نه ڪٿوريءَ ڀور
مٿي ڪي مذڪور، ڪنهن پرانهين پنڌ جو.

[۱۵]

چندن جا چوپا ڪري، ڪاٺي نه ڪٺهار
اگر اوڏو نه ٿئي، لهي نه سرڪنڊ سار
لاٿي جيءَ لغار، ميو متارو ڪيو.

[۱۶]

تيئن هيٺو هڏهين نه ٿئي، ڪنهن جنهن ڏيهو ڏار
اگڻ آيو نه ڪري پاهوري پچار
جيڪس منجهه قطار، ڪا ول چنائين وهه جي.

Gul Hayat Institute

[١٧]

ڪاول چنيي ڪرهي، ڪچي ۾ ڪڙي
وجهي وات نه ون کي، آيو چهنگ چري
سنهون تيو سڙي، چانگي چرڻ ڇڏيو.

[١٨]

چانگي چنو جن سين، سي وڳ به ويا وهيي
رهيو سور سنهيي، پاڻان پتهه تنهن کي.

[١٩]

چانگي چنو جن سين، سي وڳ به ويا ڏور
پريو پئي پور، پاڻان پتهه تنهن کي.

[٢٠]

* نتو نيرَ، ڏهه ڏانوٽيون، پندرهن پينيد پياس
بکهاڙيون بغلن ۾، لکين لوهه لڳاس
جڏهن سڃ سنيرياس، ته چرڪ چنائين هيڪڙي.

[٢١]

* ڪيئن پنيوليين ڪرها، ڪنيي ڪامڻ ڪياء
اڪين متي اکيا، پيرڙ ۾ پير ڳناء
وڳ ڪيئن وسرياء، پٽو جيئن گهاٽي وهين.

[٢٢]

** اکين پنهي آکيا، ۽ پاسن پنهي نوڙ
جن سين هٿين جوڙ، سي وڳ ڪيئن ويٽڙئي وسري؟

[٢٣]

نکو ڪامڻ سنيران، وڳ نه وسريوم
لکيو اڳ هئوم، پٽو تي گهاٽي وهان.

[٢٤]

سيني سنگهر رڪ جي، ڳچيءِ ڳاري ڳتَ
ڏانوڻ ڏابو نه رهي، ورهي نه وڳن وت
اهڙو ليڙو لتَ، جو ڪڄيڙه جا ڪنڪ چري.

Gul Hayat Institute

[٢٥]

جان مان مکريون چاريان، جيکر ليمي جاهه
تان کڏانسورو کرهو، ليکيو لاٿي کاء
مٿي سندي ماء، مون کي ڳالهين ڳوڙها کيا.

[٢٦]

کرهي ڪڇيء ول جي، بوتي آئي ٻوهه
تنهن اکن مٿي اوجهري، رنگ وڃايو روء
آئي جي صبوح، ته چانگو چندن نه چري.

[٢٧]

چڙهي چندن چوٽئين، ليڙي چني لام
کرهو کنگو ريٽ جي، ماٺي آهو مام
پريت جا پيغام، سي ڳجهه ڳرهي کن سين.

[٢٨]

** کرها کنگو ريٽ ۾ لکين سوين چرن
جاڳي جن ورائيا اگهن تن ٻجهن
اتان ويسلين ۾ هٿ، نه آهو هيکڙو.

[٢٩]

ويلو کتر م وچ ۾، هل هکلي کاهه
** کرها کنگو ريٽ ۾ واکا کيو وراهه
مچڻ ٿئي اونداهه، پير نه لهين پٽ ۾.

[٣٠]

** وکون وجهه وڌنديون، کرها کسر ڇڏ
هيکر حبيبن سين مون کي نيئي گڏ
مچڻ پونئي هڏ، آهون آکنڊين جون.

[٣١]

متيو ماٺي آئيو، کي جو کيڏانهين
راتو ڏينهان روح ۾، تو تاٺي تيڏانهين
اکيون اوڏانهين، منهن مٿاهون نه کٽي.

Gul Hayat Institute

[٣٢]

ميو مباڻي آئيو، ڪيي جو وڄي ڪالهه
تنهن ول سندو واپري تـو لڙڪ وهائي لعل
سنڌي ڦلن مالهه، ڦوڪاريو ڦيٽي ڪري.

[٣٣]

متيو ماڻي آئيو، ڪيي جو ڪنهين پٽ
راتـو ڏينهان روح ۾ متيي سـائيي مٽ
چندن ڪيائين چيٽ، ڪانديرا ڪين چـَري.

[٣٤]

ڪتوريءَ ڏار چـري، ويهي ڏُ منجهه وَڪِٽ
ماءِ منهنجي ڪرهي پـدر پڳ نـه لڳ
جڳ سان جيهو جڳ، هنيين سان هـُت چـَري.

[٣٥]

جتي ڪروڙ ۾ ڪانيون، پنجين لکين پَنُ
تيئان ڇانـي چگيون، متيي رتـو متنُ
تنهين سـندو پـن، ڪوماٽـو ڪوڙ لهي.

[٣٦]

تون صبح ڪريين سوجهرو، تـارا تنئين تمام
مون ڪـي تـو مـارئين، وجهين درد دام
ڪنيون جي ڪلام، صورت سـَچ نه تن ڪي.

[٣٧]

تـارا تعلق آپ سين، اچان تـو آهـي
پرهه تئيين پـدرو، منجهان ڪنهن ساهـي
مون جيئن نه آهي، ڪو وِرِهُ سندو سڄڻين.

[٣٨]

ڪاهي ڏسين ڪنهنه ۾، ميان تيءَ م مڻُور
منجهان پرت پُور، متَرُ نه متارو تئين.

Gul Hayat Institute

[٣٩]

* سانئي سڱکي ڪينڪيي، ڪرهي ڏٺيي ڪيئن
چڪيندي چريو ٿيو، نهوڙي نيو نينهن
هاڏي ٿو هيئن، پٽسي وڃڻ ان ول جو.

[٤٠]

توڏي پيمر ترٽيا، راهه ۾ پيئي رات
چانگي ڏٺي چات، وڻ متان موريا.

[٤١]

ڪنهن پر آهي پند ۾، ڪامن ڪڏايو
ڪي جي پنهنءَ پرينءَ جا، پروڙي آيو
چري نه ڏايو، وکَ ويچاري وسريا.

[٤٢]

* متان وهامي راتڙي، ڪرها ڪاهيو ڪاهه
مون سانئي ساهه، تون پڻ سانگي سارين.

صدا

اسان سنڌي ڪا ماهه، تو پروڙي ڳالهڙي

١- جنهين پر آيي آچيين، آيل سندا سکن ساهه،
اي ماهه تو پروڙي ڳالهڙي....
٢- مرضيءَ مرض نه وسري، آيل سهسين سڪ هئا....
٣- ورهه ڪري وريون، آيل ڪاڏوڙين جيئن ڪاهه....
٤- جيئن ملايم نه پهچي، آيل پريو نه پالي گهاهه....
٥- ستنديون سورن پريون، آيل هنئين هريا گهاهه....
٦- ڦتيل ڪي فراق جو، آيل ڪو جو لڳو واهه....
٧- "صادق" سور پرين جا، اندر روح رهيا....



Gul Hayat Institute

# سر ليلان چنيسر

## صدا

الا الا مون کي ڍولو مَ ڏيلي، ڍولو ڏيلئي سنديون ٿو وايون ور ڪري
الا الا مون پانيو تون ڍولو، هو تان تون پرڏيهي پٿيڙو
١- نالي تو سڀاس، نالي تو سڀاس هو، سڪ تنهنجي سپرين محبتي مياس
هيڪر اچي پس مون ....

## بيت

[١]

** جي تون سوٽي سِڪي، سي ليلان حيلا ڇڏ
پائي پاند ڳچيءَ ۾، تون پاڻ غريبن گڏ
رَتي رَهُه، رنگريز ڇٽي، گهڻو سباجهي سڏ
ليک نه چرندي لَڏ، جي ڪارون آڙيون ڪاند ڪي.

[٢]

آسَرِيون

** ڪارون آڙيون ڪاند ڪي، ته تون روئي ريجهائيج
سوٽي ان سُهاڳ کي پُلِيي پَرَ مَ ڏيج
ليلان ليلائيج، آهي ماڳ منتَ جو.

[٣]

** آهي ماڳ منٽ جو، حجت اتم ڪانه
تن ۾ طلب تنهنجي، سدائين سُلطان
مُنڪر مري مانَ، آسروندي آهيان.

[٤]

داغ تنهنجو داسڙا، جونري مٿي جن
تون ڪيئن مٿان تن، چنيسر چيتُ ڪئين.

Gul Hayat Institute

[٥]

آءُ اوهان جـو آهيان، آن کي ڏيـلي ڪير
لکئي وڏم وير، تہ سڳن مانَ سهاڳڻيون.

[٦]

ڪوڙيين ڪئين ڪيتريون، مٿي در دانهون
تان آونچو سڌ سهاڳ جـو، آهي آنانهون،
جيلان اڳليّ آءُ، تيلان ڏولبو ڏيلڻ جي ڪري.

[٧]

چنيسر جـي راڄَ ۾، لکين ليلائـون
آپيون آو ارداس ۾ هـنـدي سڀ پـانهون
جيلان اڳلي آءُ، تي تو ڏولبو ڏيلڻ جي ڪري.

[٨]

چـنيسر تنهنجي راڄ ۾، لکين لـيـلائين
مون کي ڏيل ۾ ولها، توکي سهسين سڳڻ
جنهن جي ڪانڌ ڪکن، تنهين سُهاڳ ماڻيو.

[٩]

* متان ڪا مُنڌ ڪري، چنيسر سان چاڳ
جان مون ڪري نهاريو، تان ايءَ تمائيي ماڳ
ڏمريو تي ڏهاڳ، تو سڳهو ڏئي سهاڳڻين.

[١٠]

* متان ڪا منڌ ڪري، چنيسر سان چاءُ
ڪانڌ ڪنهن جي نہ سهي، وڏائي ۾ واءُ
تڙيو توريءَ تانءُ، تو دوس لڏائي داسڙو.

[١١]

* تـو در آيس داسـڙا، اڳـاهين آڪير
تنِ ۾ طلب تنهنجي، سڪان منجهہ سرير
ڏيئي دلاسو ڏير، مانُ ڪميٽي ڪوٽيين.

[۱۲]

تـو در آيس داسڙا، ڳالهين ڳـاٺَ پري
سورن سانبيرا سپرين، سگهان ڪانـہ ڪري
هيءَ جو اندر داغ ڏري، سو ڪيئن مُحبّ منيان.

[۱۳]

تـو در آيس داسڙا، اوڳڻ ڪري اپـار
جي تون ڏوليا ڏيلئين تـہ مون پيٽي ناهہ پتار
آهيان عيبدار، سڪان تي سهاڳـ ڪـي.

[۱۴]

دلاسي جي داسڙا، تـان ڪا وائـي وار
تون منهنجو وَلهو، آءٌ تـو ۾ طمعدار
ڏکي ڏولَ گذار، لَڄَ منهنجي لوڪَ ۾.

[۱۵]

مون ڏهاڳڻ ڏوهہ ڪيو، ڪو ڇاڻي ڇامَ سندوهہ
هِن وليهيءَ مٿي وَلها، ور هٿ تنهنجو هوءِ
ڪميٽيءَ ڪي ڪوءِ، مانَ ويهڻ ڏئي وٽان ۾.

[۱۶]

مون ڪانڌ نـہ ڪوئي، توڙي هنڌَ هميش
توهہ توري تـر جيترو، ور نہ لاهيان ويس
پسان نـہ پرديس، پئي پـاڙي گهاريـان.

[۱۷]

ٻانهوتا ٻانهن ۾، جڏهين ڪُچي ڳارائـي
تڏهن وَرُ وائـي، تو ڏوليو ڏيلڻ جي ڪري.

[۱۸]

نکي ٻـانهوڙين ۾، نکي ڳـهہ هٿوم
تـڏهين ٻـريـن سندوم، اڳوئي رءَ ڪٿي.

Gul Hayat Institute

[١٩]

جي تون وسين وَکَتّھا، ڍول ڏمريو ڏو ُر
مون کي ماري سپرين، ساجن اِھو ئي سُور
ٿئي مَتَنُ ماٺور، موٽ چنيسر مان پرين.

[٢٠]

آھندر وجھان آڳ ۾، ھاويءَ ھٽي ھار
مٽيان مڙيئي مٽيان، پرين جي پتار
سرتيون اِيءَ سينگار، ڪوجھو ٿيم ڪاند ري.

[٢١]

مٽيين موران ئي مٽيو، ڪاند نه مٽيو ڪن
ان ور ڪي وينتي ڪوڙيين آپيون ڪن
جيلان چُتوءَ ھار ھٽن، تيلان اگھ مٽايو داسڙي.

[٢٢]

** چُتي جنھين چيپ لڳي، سو لڳن ڪوھ لائي
جنھين ڪوڙيين ڪاٽياريون ڪيون، سو وڌو ئي
نور ڏاھي نالئي،
پھرين ڪلائي، پوءِ تو رٺاري راٺيون.

[٢٣]

جو تون پتسيي ھار ھيرُ ڪئين، سو مٽيون اي نه مٽيون
اصل سندو اڳيون، آھي ڪوڙ ڪٽيون
ان گھوڙن ھٽيي گھٽيون، دوستان دُور ڪيون.
دستنان

[٢٤]

مٽيين مٽي جي ھٺا، تن چٽن ڦيرايم چيت
جانڪي ھار ڪٽينديس ھوڏ مان، نيبھ ٽيندم نيت
نان ڪونڙ جو ڪيرت، مونھان مٽاھون ٿيو.

[٢٥]

نالو رَکي پانھنجو، جي ڏنائينم ڏھاڳ
نه پُڻ پٽالو پاڳ، جو چُوندم چنيسر جي.

[٢٦]

سهاڳ بہ سنيران، ڏهاڳ اڄ ڏٺوم
هن نياڳي ياڳ سان هٿين هار ڇنوم
تنهان پوءِ ٿيوم، قدر ڪاڻيارين جو.

[٢٧]

ڪانڌ تنهنجي پاند ري، ٿي سيءُ مران سڀ رات
اچين جي پريات، تہ وله نہ ساريان ولهه.

صدا

ڍولا ڍولا وڃين ڏينهن لايوئي، وڃي ڏوراٽي ڏيهه تي وڃي ڏينهن لايو

١- جيئن پتنگ اچي آڳ ۾ سڙي منجهہ ساهي
٢- اسان نماڻين جو اهڙو حال آهي
٣- نالي سيون تنهنجي جنيسر چاهي
٤- ڪتنب قبيلا ڇڏيا جنهين تو آهي
٥- "صادق" سڌ نہ سنڌيو ڏسي ڪنهن ڏاهي.

Gul Hayat Institute

# ســر رپ

## صدا

پرين پاروچا، سي هوت اڳڻ آئيا

١- ڪتوريان سرها، او ماڪيان گهڻو متا

٢- جاتون ڪيم جن لاءِ، او اڪثين سي ڏٺا.

### بيت

[١]

مون جن جو نه لهي، گوندر گتريءَ رات
ڪڪڙ ڏيج مَ لات، جان آءُ ڳڏجان سڄڻين.

[٢]

مون جن جي نه لهي، جهوري جهجهڻ جهان،
آيل ائين مَ ياڻ، ته ڪا آءُ جيئندي آنَ ري.

[٣]

مون جن جي نه لهي، آيل! اِيءَ اُڪيرَ
سڄڻ منجهه سرير، تا ماءَ ڇڏڪن چيتَ ۾.

[٤]

تيئن تا ڇڏڪن چيت ۾، جيئن سا گهنبدي لار
مون کي هوت! هنيين ۾، تا وَسَن ويرو تار
جيڪا ساعت سپرين، تين آڪيئنون ڏار
تـه ڪر سپ چمار، هنيين هيڪلي گهاريو.

[٥]

سڪ نه لٿي سپرين، ڳڻ ڳڏجي متيان
سڄڻ نباهون ڪري جيڪر نت پيان
آهي مان اچان، ايڏي آجَ اکين ۾.

[٦]

ڏَکَنِ مٿي ڏکڙا، سَٺهي جيئن سانداڻ
پرين وِڇايو پاڻ، پُٽڻان انهي پيٽيين.

[٧]

هنيون لوهه سنداڻ جيئن، ڏکن مٿي ڏَکَ
هنيان هتيءَ نڏک، جو تون سڄڻ ساريو نه مَرين.

[٨]

سڄڻ ساريو نه مَرين، اڃا تو جيين
لڳئي ڪونه هنيين، ڪو ڳُڻ ٻاروچل جو.

[٩]

اوپڙَ ولهارن ۾، اٿي جيئن مورن
سا پَڙَ گوندر ڪن، جيئن ڦوڙايو سڄڻين.

[١٠]

شاخون ڪيو سرير ۾، تا وَڻَ جيئن وِرهه وَڌن
سڄڻ تان نه اچن، آيل اوريان ڪن سيڻ.

[١١]

حال ڳُرهيان ڪَنِ سيڻ، مون سين سڄڻ نه سانيپيٽ
ڳالهيون اندر پيٽ، سلا موري سُکيون.

[١٢]

پيم ڪرت ڪپار ۾، جڏهن سڄڻ سنياريام
هريا هٿَ تيام، نيڻئون نير ڳڙي.

[١٣]

لوڪَ رهندي لَڏيا، اڄ به منهنجا سيڻ
ماء منهنجا نيڻ، آيا آت آرون ڪري.

[١٤]

ڏُڙ پٽي ڏينهن ٿيا، هينئڙو ٻيڙيءَ جيان
موتيو تان پريان، ڪر لاهوتي ڪَڏهين.

[١٥]

ماءُ منهنجو جندڙو، گوندر ڪيو غرق
ڏکوين مَرڪَ، متي چڇرَ پنڌڙو.

[١٦]

ماءُ منهنجو جندڙو، ڏکَنِ ڏات پيو
وِرچي تان نه ويو، ساري سپرين کي.

[١٧]

وِرِهَ ويڙهيم جندڙو، ڏکَنِ ڏَنئي نيوم
سانڍيڻ سورُ ٿيوم، ساهه پرينءَ ري سرتيون.

[١٨]

سُورن مون کي سانڍيو، ڏکن نپاياس
جيڪُس اڳ هُياس، گُرِي گوندر وَلّ جِي.

[١٩]

وِرِهَ منجهه ويهٺون، گوندر هَٺَ نه پيرَ
ڪُڙهه ۾ قطارون ڪري، جان سورن لايا سيرَ
گهرَ گهاريندِي ڪير، هيڪلِي ري سڄڻين.

[٢٠]

سڄڻ مون نه سهيڙيا، جڏهن هوتَ هئا
ڏينهن ڏونجهارا گهاريان، جي پريَنِ ري پيا
مون ويسلِيءَ ويا، جيجل جوين ڏينهڙا.

[٢١]

ڪڏهن ايندا مان ڪِرَ٘ي، لِنوُ ڪانگل چو سَچُ
مانَ اجهامي مَچُ، مان اندر جو بَري.

[٢٢]

ويرن واڳيو نه رهي، چِتَرُ رهي نه چِت
ري پچئي نت، هينئڙو واٽ ويکيو جيئي.

[٢٣]

ڳالهيون سڄڻ تنهنجون، سنيريو جيئان
لوڪان تان نه ڏيان، تِنئان ڪدي هيڪڙي.

Gul Hayat Institute

[٢٤]

* ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري، اندر ڏانڊيَ ٻرن
* ڏَنُهُ جو لايو سڄڻين، سي مَتگر ماٺ نہ ڪن
* سي ڪيئن اُجهامن، جَنِ جا جهوڪيندڙ سپرين.

[٢٥]

ٽاندين ڪاندبين ٻاهرين، مَٿرُ پڇي پيٽي
وِهڃنئون ويٺي، ٽيي وَهيٺي سڄڻين.

[٢٦]

مَترِي مطرقن سين، سڙي ويٺي سنداڻَ
تَنَ ۾ تاٿو تاڻ، اچان مون پرينءَ جِيي.

[٢٧]

وَڏي ۾ وِچڙي پيٽي، سا گهاري ڪاڻ
تيئن پاڻان ويس پاڻ، گڏ گڏجي گوندرين.

[٢٨]

جيئن سي ياڻ پٽبن جا، ڪانٽيءَ چيرو واءِ
تيئن "صادق" سورن سان، دُکيو دُکي دل ۾.

[٢٩]

مان پرينان جِيي ڳالهڙِي، ڪنهين چيوئي تان چور
مون کي وِجهيو هورَ، تون وتين ٿي سَنتري.

[٣٠]

تو ۾ چنجُور چُور ٿيا، تون پاهڻ ڪِيي لوهہ
تون ڏکيا کهڙي ڏوهہ، ڪاميو ڪُوري نہ وڃين.

[٣١]

پڌر وِجهہ ۾َ پرنيٽون، گِرهڻ ۾َ ڳِترهيج
تان سُور آنهي سيج، جو لاهيندڙ ڪو لتهي.

[٣٢]

پَڏَر وجھ مَ پرينتئون، ڳرھ مِ، ڳَرُ روء
مَرُ سورن سِر ھوء، ھينئڙو ڪُمِ ڪٽن جيئن.

[٣٣]

لُھار ڳالھائي لوھہ ۾، چيرن ڪري چيٽاتَ
جنھن گھڙيو ھي گھات، تِي ٻولي ٻُري آن جِي.

[٣٤]

لُھارُ پنھنجي لوھہ کي، ڏَوَڻين منجھ ڏَنئي
متن ڪا لاتَ لتنئي، سنيار سپيرين جِي.

[٣٥]

آئيو اڳارن ڪي، تا ڪوري منجھ ڪانئين
تنھين پٽر تا تائين، ڏيل منھنجو ڏڪ سين.

[٣٦]

ڪامي ڪوري وچ ۾، جيئن سو تئي ترو
مونکي ڏنو سڄئين، منجھان سِڪ سرو
مترُ جھيٽو ھود پترو، ڪُھ قوڙائو سڄئين.

[٣٧]

وَھن واريء گاڏئون، جيئن سي ڪوھيء نار
ھينئڙو پريان ڏار، نبيريانس نہ نبري.

[٣٨]

چڙا توکي چوري، ٻوليء وِڌو ڪن
رُيھ ڏيٺي ڪنھن رنگ جو، جاڳايئين جن
سدا تنھنجي من، تي لڳي لار فراق جِي.

## صدا

مون کي پنيور پاروچا، الله آٽي ميڙئين
١- آءٌ جڏڙي جن ري، سي الله محبّ مان.

Gul Hayat Institute

## صدا

سونهارو سو سڳ، جو مون ٻاروچن سين
۱- الله الله نينهن ڇڇي ٽان نہ، جو مون ٻاروچن سين.

## صدا

مارو پرين جو جيڪي ميڙيي لهندو ماء، ميڙيي لهندو ماء نا تہ مڻيي لهندو
هاڙهو لنگهي هوتا اي دوستا، اي ووء ووء پيهي ويا ڇپريز
۱- ڏونگر ڏورڻ ڏاکڙو پر وچڻ پيو مون، اي ادا اوٺي نہ پڙان،
جان اي سڳر نہ سو سيڻ....

## صدا

تون ڪر پڇين ڪوھ، هيء اسان جي حال جو
۱- جنهن کي ڏکي ڏيل ۾، اوء سا تان ڪاهل هوء
درد دردونـدين جـو اوء ڪمتر چاٽـي ڪوء
۲- پـري پسي پهين جهين اوء او پـڻ ڏتـو ڏوھ
دائم آهي دل تـي اوء اي عاشقن اندوھ
سپريـان جي ڳـالهڙي اوء پـڌر وجهڻ ڏوھ
۳- سيرُ وڌي پير ڪري اوء ڪو عشق راه هلندو
جيُوء جن جي اورنگي اوء وڙلو انهين پنڌو
سيئي چـاڻـن مي سجاڻـن، اوء لـوپايا جي لوء
۴- سپريان جي ڳالهڙي ادا جي هـونـد پـڌر پوء
تہ مارو ماڙهو مسڪين کي ووء هوند سيڪو تو چوء.

## صدا

لوڪ نـہ آچيان ماء، ماء پريـان جون ڳالهيون
۱- مـون سين ڪيون سڄڻين ڳجهيون ڳجهي لاء
۲- سانديو سانديـان ساھ ۾ سپريـان جي ساء
۳- پـڌر آچـڻ پٽرـ ڪـي ڪا ايڻ جڳاء.

صدا

اکيي اکڙين، کوهه اوجاڳو نه ڪيو
۱- سنجهي پيٺي ستيون، اوءَ تـــان ور سور لهن
۲- منڊائتي مينهن جيئن اوءَ لايو جهڙ جهمن.

صدا

تان سريم هوتــا دوست ري، اي سور سلتم تي
۱- مون کي مادر مهٽا ڪجاڙي کي ڏي، جيلان ڳالهه ڳري تي.

صدا

ڏجان هوتن کي ڪو نينهن نياپو، نينهن نياپو هو ڪو نينه نياپو
۱- وهـان ڪيئن پنيور ۾ آءُ پـريـن پڇاڻان.

صدا

توءِ منهن ۾ ڏڪ، گهوري جي سئو گوندرين
۱- سرهي سپيرين سين سا آرهي ٿئي نه ليڪ
۲- پوتي پٺي پرينءَ سين، سا لـوڪ نه آچي ليڪ
۳- او جيڏانهن پسي پرينءَ کي، تيڏانهن يري وڪ
۴- "صادق" وهن سورَ جـون نيّون ڪيو نيڪ.

صدا

جيڏي زيـارت، جي مان هٿئي پرينءَ جي
۱- پهريـن گڏجـان سڄڻين، پـوءِ ڳالهڙين ارٿ
۲- چنديان ڪيهه اکين سين، آءُ پيرين وجهان هٿ.

Gul Hayat Institute

# سر آسا

## صدا

راتين راهه رڙهندڙي روءِ، پرينيان پوءِ، موٽيي موٽيي نه ويهان

١- ڏوٽي ڏيهائن جو ڪالهه پرين نه آيو ڪوءِ
٢- ويٺيي سوئيي گهاريان، پر جو مان ڏک ڏنوءِ
٣- چڙهيا ڏاڍين ڏونگرين، تن سيٽن سانگ نه ڪوءِ
٤- چڏي وڃو ڇپرين، پر ڏکيءَ کهڙو ڏوهه
٥- آن جا چڏي ڇپرين، تنهن هن هاريءَ حال نه ڪو
٦- حال منهنجو ههڙو ڪو پُري پريان کي چوءِ.

## بيت

[١]

آسا ڪجي الله جي، ٻئي نه سڄجي پاڻ
سچو جن پرياڻ، لنگهي سي پار ٿيا.

[٢]

آيي در دوستن جي، آيريوم عرق
مون کي ڏنو سڄڻين، سندو سور سبق
اڃان ايءُ ورق، ماءِ مطالع نه ڪيو.

[٣]

پيره جوڙج پرينءَ سان، نيٺي نيرانا نيڻ
ستر ڪاڏا ڪيڻ، جمن ڏنو منهن محبوب جو.

Gul Hayat Institute

[٤]

پِرهه جوڙج پرينءَ سين، نيڻي نيرانا نيڻان
ڪا هلندي سيڻان، آءٌ ويندي در دوست جي.

[٥]

دوست ديکڻ آئيون، اکيون علي‌الصباح
آپيون عرضداشت ۾، ٻي ڇڏيائون آهه
رَچنديون ري پاهه، پرچنديون پرينءَ سين.

[٦]

اپرندي سِجَّ سپرين، ڦهرين جي نه پسن
ڪِڏي ڏي ڪانگن، منهن ۾ مور نه چڳيون.

[٧]

اکيون مون نه وَهيٽيون، اکيون پنهنجيءَ متِ
وڃي لڳيون تِتهين، جتي جيءَ ڪپت
پڳي ڪانهي پِت، سِرُ ري ساتو نه ٿئي.

[٨]

مون کي پڇي تان نه ڪي، تن اکڙين آرَ
اورانگهي عالم کي لنگهي ٿيٽڙيون پار
ٻي نه ڇاڻن ڪار، وِرِهه وِهائي آئيون.

[٩]

مون کي پڇي نه ڪيو، تن اکڙين آرو
وڃي لڳيون تِتهين جِت پَهت نه پاڙو
سڪڻ ۾ ساڙو، وِرِهه وهائي ويئيون.

[١٠]

جان کي جهتَل مَ پائيان، تن اکين کي آءٌ
تان رنگ جنهن جي رتيون، سوجهي ڏٺائون
پسن پراهون، اورانگهيو عالم کي.

[١١]

وڃي ٻيڙو لاڪ تي، نظر اکڙين
ڪارو ڪين پسن، مڙيو ٿي ڳاڙهو ٿيو.

[١٢]

وڏا ٽورا لائيا، مون ڪي اکڙين
ته ٻڻ پرين پسن، ڪٽان جي ڪرَ سامهون.

[١٣]

جن سين پسين پرينءَ کي، اکيون سيئي ڏار
ٻئي ڏانهن ڪم نهار، گهٽو ريسارو سپرين.

[١٤]

آهي جن اکين کي، تو لئه آڇ اپار
پرين پاڻ پشهيار ته، آڇَ آجهامي آڇَ سين.

[١٥]

آهي جن اکين ۾، سندي ٻاپيهلَ ٻاجھ
سيڇاڻي جيئن سِکيون، ويٺيون وجهن واجھ
هاڃو سندن هاجَ، ڪم نه چاڻن ڪو پيو.

[١٦]

ساجن اکڙين ۾، گهليون ۾ گهوڙا
لاهين نه لوڙا، توڙان هاڃي هيريون.

[١٧]

ساجن ساجن تي ڪربان، جي سر ٻم ساجن ري
مانَ ٻاجهائي ڏي، متي آتي هتڙا.

[١٨]

ساجن شڪاري ٿيو، اڄ پڻ چاڙهي سيگ
ريءَ منهنجي جندڙي، ٻيو ماريندو ڪين
اسين هڏ حليم، تون ڪان هڻندين ڪن کي.

Gul Hayat Institute

[١٩]

ڪشي ڪان ڪماڻ مان، متان هٿين مون
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ٿيي توکي لڳي.

[٢٠]

اوقابيل اکين ۾، تو مُڙل تکا تير
ساجن انهي سيگ سين، ڦٽي گهڻا فقير
پيو مَ مارج مير، تنهنجو ڀهريون ٿي پورو ٿيو.

[٢١]

اوقابيل اکين ۾، تير چلايا تو
پيو مر ماري سو، جنهن جو ڀهريون پورو نه ٿئي.

[٢٢]

سائين ڪارڻ سپرين، پاسي وَڃ مَ ويهه
سڄڻ سهان نه ايترو، جيئن تون پسين ڏيهه
وَڃين ۾ ٿي ويهه، ته آچارا اکيون ڪريان.

[٢٣]

وَنيون وهاڻان پرينءَ جا، اکيون اوتارا
سڄڻ سيئي آئيا، جي جيءَ جا جيارا
پَسي پيارا، اکين آسون پُنيون.

[٢٤]

هيءَ جو هُري اک ۾، سو ڪٺر ڪڍي ويهه
ته سو ٿي پسين ڏيهه، جيت ’آهه‘ نه اپڃي.

[٢٥]

جو هيءَ هُري اک ۾، سو ڪنڌرُ ڪڍي چڏ
ته توهين سندو هڏ، پسڻ پوڇو نه ٿئي.

[٢٦]

هي جو هُري اک ۾، سو ڪنڌرُ ڪڍي لاهه
ته توهين سندو ساءُ، پسڻ پوڇو نه ٿئي.

[٢٧]

نرم جي ٽُنهن سان پڇي پڇيائون
پيڙا جي پيائڻ جا، سي پيري پڳائون
'اسين' ۽ 'آهه'، آسڻ هئي نه ان جي.

[٢٨]

آئي کوڏ ڪتڻ جو، نه ونءُ ڪاتارين وَٽ
اَچي ڳاٽ نه آئيون، من جوڙيائون مَٽ
آرٽ جيي اَپٽ، تي سُڄي صرافن ڪان.

[٢٩]

آرٽ سڄي آنگڙين، جان اَنَ گهاڙيني گهڙيوءِ
جاڳي ڪوهه نه پيرئين، ساڃو جان سندوءِ
اِنَ آلڙيان پوءِ، گهٽا هٿنديڻ هٿڙا.

[٣٠]

ڪاپاتيون ڪُندن ۾، صبوح سڏَ ڪرين
مٿي مُونن هٿڙا، پنيءِ اَو پيرين
نيٽين تند نه ڏين، سَنڪي صرافن جي.

[٣١]

ڪاپاتيون ڪُندن ۾، صبوح سڏ ڪرين
مٿي مونن هٿڙا، اکيون ڏانهن پرين
نوٽين ڪين ڪتن، ته به ڪانڌ ان جو ڪوڏيو.

Gul Hayat Institute

[٣٢]

جاڳي جني پيريو، پيريو وير سَوير
مٿي پلنگهن پير، پسو تن ڪاپاتين جا.

[٣٣]

تو هٿڙا سونهائتا، ڪوهه نه ڪتين رڏ
ڪرڪا پڙ ڪُندَ پٽيءِ، ڳُنٽي ڳالهه چڏ
ته صرافن جي سڏ، هوند حاضر هجيئي هٽَ ۾.

[٣٤]

پر پنھنجا نہ ٿيا، ڳڻھي ڳالھڙي
جان جان مالھڙي، ٽُٽيي ڏِڪاءُ نہ ڪيو.

[٣٥]

جي هيڪلي پيرين جي، توُن اهرين تن ڪا تار
ڏُنِي ڪا ڏوار، صرافن تنھنجي سُٽُ ۾.

[٣٦]

پيرين ۾ پانئيين، ايئن وڏوٽو ڪاند
اوڏي ٿي عرضداشت ڪر، ڪِڇيءَ پاڻي پاند
مڇن ٿئي وٺواند، ڪيتو وَٽو تنھنجو.

[٣٧]

آمُجھائيي اوبن ۾، نا تہ ڪيتوئي منجھان ڪوڏ
ڏيڪاريوءِ ڏڏن ڪي، آڙيو سُٽ اپوجھہ
ڏوري تنھن سپوجھہ، ميث محڪم جنھن جي.

[٣٨]

نڪي ڪتيئي ڪتڻي، نڪي ڪتاڻئي
سنھون سٽ صراف جو وئي وڃائيي
پِنيو تي پائيي، آرھتہ برابر اگھڙيون.

[٣٩]

سُنھيي تنڪَ، ور گھڻان، ڪتيان ڪچاڙو
ڪاپي مٿي ڪيترو آٽيان اڏارو
سُپان سوارو، تيندو سڌ صراف جو.

[٤٠]

ڪتڻ جي ڪانہ ڪريين، سُتيين ساهي هڏَ
سرتيون ڪنديون سڌ، تہ سڪنديئن سينگار ڪي.

[٤١]

سرمون وجھہ مَ سپرين، پنيون هڏ مَ پير
نيٺن سان ناز ڪري، جيءَ ۾ وڏھ جھير
فوجَ پرانھين قير، تنھنجن رڳين ٿي رڻ ڪيو.

Gul Hayat Institute

[١٤٢]

ڪا ڪتڻ سان ڪوڙي، ڪا سُتيائي سَتهاه
ڪا اُپيتيان نه آوڙي، ڪا ويٺي واتا ڪاهه
عجب جهڙي آهه، ڪاند وڏائي تنهنجي.

[١٤٣]

سٽ تنهنجو سڦرو، ڪَتي ۽ ڪَتهي
سري صرافن جو جي پري پاء لَتهي
ته رٽڻ راند رهي، هوند ڪتڻ جي ڪانه ڪَتري.

[١٤٤]

جيئن پون پٽڪو ئي نه سٽي، تون ايئن چرخو چور
پائي منهن مونَن ۾ اولائتي اور
صبح نيئي تور، ته ماڻڪئون مُلهه گهڻو.

[١٤٥]

آتڻ ۾ پَتها ڪري ڪتيئُم جنين ساڻ
سي نه ڏسجن هاڻ، ڪٿي ڪنهن ڪُوڻ ٿيا.

[١٤٦]

آتڻ ۾ پها ڪري، ڪِتو جَنين گڏ
ڏيئي چرخي چَڏ، ساجهر ويئيون نڪري.

[١٤٧]

آتڻ ۾ نهاريام، پائي پاندَ ڪپاهه
تان ڪٿي ڪانه پساهه، سرتين ساجهر لَڏيو.

[١٤٨]

اڄ نه آتڻ آئيون، جنين ڪِتو ڪالهه
ارٽ اڪولي مالهه، پوري ويئيون نجهرا.

[١٤٩]

آتڻ ۾ نهاريام، ته ناهه ڪٿي وائي
سرتين ساجهر لڏيو، ڇَپون ستيون سنجهيائي
پاڻهين جي پائي، ته ڪانهي پرت پتهين جي.

[٥٠]

ڪانهي پرت پتنگ جي، نڪو ڪوڙ ڪٿي
سرتين ساجهر لڌيو، پوريائون آئي
اچي ڪانه اوبڻ، جيڪس چرخائي چور ٿيا.

[٥١]

اَجُ نه آتڻ آئيون، اولاٽين ارٽ
پهيون مٿي پٽ، لُڏن لاڪيٽين جون.

[٥٢]

اکيون مون آباتيون، روڏي رَتَ ڦڙا
پرين جي پسڻ جو پٿين ڪونه پڙاء
ابتو تيمن ازاء، سِڪن ساعت سيڪنهين.

[٥٣]

اکيون پريم تنهنجون، ڪُٺي قتل ڪن
ڪوڙيو ڪٿي سپرين، اچيو جت اڙن
مارڻ آهين مَن، فنا فاني ڪنديون.

[٥٤]

آرٽ اُلوڙي پاهريون، منجهان وجهج ماله
قيرج گهٽو فڪر سين، ”صادق“ ڪج سنيال
ڪتج منجهه ڪمال، ته سُڃين صرافن سان.

[٥٥]

ڪڏهن ڪاپوي، هن ڪتڻ منجهه ڪاڻ
اڇيو چُون اپوجهه ڪي ته سٽ نه ڪڄ ساڻ
هٿي هٿي منهنجو هاڻ، ڪنهن پر ڪاپو اَڇي.

[٥٦]

مُنهن پنهنجو پاڻ ۾، جان صورت منجهه سڃاڻ
تان پڙهڻ پورو نا ٿئي، اکر جو اهڃاڻ
پيربندي پڃاڻ، آرٽ چارٿي اگرا.

[٥٧]

آنڻ مون اندوهه ۾، ڪتڻ رهيو ڪونه
آئي ويٺي اونءَ، جيئن تيو سڏ سڄان جو.

[٥٨]

جيت صلح سالڪن جو، آتڻ اچي تي اچاڻ
پاڏان ويٺس پاڻ، ڪتڻ رهيس ڪونه ڪو.

[٥٩]

اولائي ارت ڪي، سڻي سوري
تيلان تي ميري، ڪوجها ڪري ڪپڙا.

[٦٠]

آئي آتڻ وچ ۾، روڙهيائين رنديا
ارت جي ڏنجها، سنهي تند نه ڪري.

[٦١]

سرتين سنهون ڪتيو، پيرم جيئن پيري
ڦنگڙا ڦيري، تي آتڻ ۾ آهون ڪري.

[٦٢]

آرت آلاپ ڪئي، رُون رُون منجهان راڳ
ڏنائين ڏهاڳ، سڄي ڪانه سهاڳ ڪي.

[٦٣]

سورُ نه لتئم سٽ جو، ڪتيئم جان ڪپاهه
تان سنڪو اندر ساهه، "صادق" صرافن جو.

[٦٤]

سو سڃاتم سپرين، جنهن ڪتيندي ڇيني مال
ڪو پلو ڪري پال، نه ته وس ويچاري رهيو.

[٦٥]

ويا بهانا پنهنجا، پرين ورسري پاڻ
سچن هٿا ساڻ، مون پرڪيو ڪوهه نه پرڪيا.

Gul Hayat Institute

[٦٦]

ويري ورچائيي ويو، هُو جو هئو ڪال
ارٽ آڪوليو مال، پسيو پٽسان پريںء ڪي.

[٦٧]

اڄ پڻ شوق شمع جو، چِلا چاڙهيائون
ڪشي ڪانُ ڪمان مان، محڪم ماريائون
ٻر ٻر ٻارِيائون، سندو محبت مامرو.

[٦٨]

مون ڪاپائتيء ڪتيو، تُلهو ۽ ٿورو
سنئين پوي صراف ڪي، ڦولي نه ڦورو
جيت ترندو تورو، آتِ ڪائياري ڪانہ ٿئي.

صدا

پورِي م ڪر پاڻ، ڪُوڙو جوين تنهنجو چاڻ
١- ڪتيين وتيين پاڻ ڪي، کهڙو ڪرين تاڻ
٢- پٽهِيون ڪتِ مَ پاڻ سان متان پونئي ڪاڻ
٣- جِڏه ڪتين پوء ڪنبين گهڻو ته تئين سيٹڻ ساڻ
٤- ”صادق“ جو پٽهہ سڄئين، تون تند تنهين پر تاڻ.

Gul Hayat Institute

# سر ماروئي

## وائي

اي هو مارو مَ پانئيج، تہ ڪي سَڌَ سائين توريان

١- ماڙيءَ منجهہ مچَ تي سگهڙي سار لهيج، الو الو....

٢- لوئي منهنجي ليڙون تي، اچڙي سا پسيج، الو الو....

## بيت

[١]

ڪنهين ڏيهان تون نگيو، ڪتي ويڙهيچا
ساري سانبيڙن ڪي، ساڙو تيڙم ساهہ
کهڙو وريان واءُ، جيئن مون کي ڇڏيان بندَ ۾.

[٢]

تہ مان بند نہ ساريو، جي ڪَرَ لڏائون
ماروئڙن آئون، جيڪس ويس وسري.

[٣]

مارُو ناهہ مليرَ ۾، جيڪس جيلاهين
منهنجي تيلاهين، اچيو ڪَرَ ڪو نہ لهي.

[٤]

ڪَرَ نہ لڏي ڪڏهين، منهنجي ويڙهيچن وري
ماروئڙن ايئن پانئيو تہ وسي منڊَ مَتري
خبر هيءَ ڪَري، جا مون ڏني ڏوتئين.

Gul Hayat Institute

[٥]

پانڌي پرين پنوهار جا، جان تو وڃين وَس
منهنجا ڏيج مليرَ ۾ سلامن سهس
آءُ اوهان جي آهيان، گوليي مٿي گس
ڪرڙ، ڪنڍا، ڪاهيون، آن جا مُٺي وسرندم مس
ويٺي ڪريان وس، ايڏي جي اچڻ جا.

[٦]

پانڌي پرين پنوهار سين، روئي ڪج رهاڻ
جيئن تَرَ وڇون وٺيون، تيئن آءُ هٽ سورن ساڻ
ڪيان ڪانه وريان، ڏکن ڏيل ڏهيون ڪيو.

[٧]

پانڌي چُئيج پرين ڪي، ڏکن آءُ ماري
پيا وِيدَ وجود ۾، تَنَ اوهان جي تاري
گوندر ٿيا پاري، ڏکن ڏيل ڏهيون ڪيو.

[٨]

پانڌي چُئيج پرين ڪي، مقابل ويهي
سڱان سيڪان سدَ مران، ڪارڻ آن پيهي
وتان مون ويهي، ڪڏَ نه لڌيان ڪڏهين.

[٩]

پانڌي پرين پنوهار ڪي، جيئن چيم تيئن چئيج
مَ ڪنج وهلو وچ ۾، مَ ڪا رات رهيج
سگهي سار لهيج، ڪونيءَ ڪئي آهيان.

[١٠]

ڪونيءَ ڪئي آهيان، زوراور زنجير
ساريو مارو مير، ويٺي ڳوڙها ڳاڙيان.

Gul Hayat Institute

[١١]

ٻانهن ٻنهين ٻيڙيون، جُسي تي زنجير
هڪڙا ڦيڪڙا ڦيرن ۾، ٻي هنئي ڪي همير
مون کي ڏنا سومري طعنا ۽ تعذير
منهنجو رڳ ۽ ملير، هت قدر ڀيو ڪونه لهي.

[١٢]

ٻانهن ٻنهين ٻيڙيون، ڏُکن ڏينهاڻي
ڦکن ڦارون ڦٽن ڦيا، جيئن موڪن مينهاڻي
عمر آماڻي، مران آکندي ماروئين.

[١٣]

جيءُ منهنجو جن ري، اداسي آهي
”حبُ الوطن مِنَ الايمان“ تو چيت اوڏانهين چاهي
ايءُ نينهن نباهي، ملان ماروئڙن کي.

[١٤]

جيءُ منهنجو جن ري، ڏکيو ڏينهاڻي
ڦوڙائي فراق جي آڳ نه اُجهاڻي
عمر آماڻي، مران آکندي ماروئين.

[١٥]

سدا آهي سومرا، مون کي مارو من
چاچا، محل، ماڙيون، ڀيو سڀ ڏيان ڀن
مون جيڏيون ملير ۾، تيون ڏونرا ڦسي کن
رُڃن جي رهن، آءٌ تنهين سڪان سڌ کي.

[١٦]

نکو اوتي آئيو، هُتي جو هيلي
ساري سانبيڙن کي رهيم جيءُ جتيلي
آءٌ هيت گوندر ۾ گتيلي، هُت مارو تو ڏک ڪري.

[١٧]

نڪو اوڏي آئيو، نڪا خبر نه خواب
سرتيون آنِ سائينءَ جو، پڇان ڪنهن جواب
اندر ڪيو ڪباب، مون کي وِڇوڙي ويڙيچن جي.

[١٨]

مينڌا ڏوهه نه ماروئي، پيس پنوهار چيتِ
هنجهون هاري، راج رئاڙي، هٿي جيي هيت
آهي انهيءَ پار جي ڪجن ۽ ڪپت
سومرا سُپت، ڪر تہ ڪوٽيئان نڪران.

[١٩]

مينڌا ڏوهه نه ماروئي، تيس چيڙهه جي چڪ
سٿي سيئي ساريا، سڙي جن جي سڪ
تان مون پچي هيڪ، جي ڏوٿي ڳڏجن ڏيهه جا.

[٢٠]

مينڌا ڏوهه نه ماروئي، تيس ڪڙليون وار
ستيءَ سيئي ساريا، جي پائر جا پنهوار
ڏڏولين ٿون ڏار، تي ڏکيا گذاريان ڏينهڙا.

[٢١]

قيد ڪشالو گهاريان، ڪڙو ۽ ڪوٽيي
پريو مٿچُ ماروءَ لاءِ، آهٖ لاءِ تنهن لوٽيي
پسان ڪونہ پهر منجهه، آهٖ آتي جو اوٽيي
ڳولائي ڳوٺي، جنهن سان حال ڳرهيان سومرا.

Gul Hayat Institute

[٢٢]

سومري ڪونہ ڪيو، مون سين ناهہ نياءُ
هڪ وڏائين بند پر، ٻيا قيد ڪڙولاءِ
زيريون هين ضعيف جون، ساريو ڪڻن ساهه
ماروئڙن متاءِ، عمر تو ايجهون ڪري.

[٢٣]

لوئي اينگ ڪنجري، تيي سبي سيبا ڏي
ڪتيء و تيون ڪتيون، ستيي سيڙي سي
مچڻ چونم ڪي، ته لڄايمي تر چائيون.

[٢۴]

ڪتيء وتيون ڪتيون، آنديم جا تراء
لائي هٿ پراء، ڪيئن ڪرڪي ڪچو ڪريان.

[٢۵]

لوئي مون ليڙون تي، ڀهڳڻ ڀي منجيج
سدا سنگت ڏينهڙا ور م وساريج
مٽ ماڏائيء منجيج، ته آءٌ نيٺر ۾ نئون ڪريان.

[٢٦]

مون لاء آندي ماروئين، تني ڪتيي ڪال
سا ڪيئن لوئي لاهيان، متان لڳن لال
مليرَ وچي شال، ڏهيون تنوء ڏيکاريان.

[٢٧]

مون سين ماروء جي ڪيا، تورا منجھ ترن
عمر آن ڳڻن، لوئي هڏ نه لاهيان.

[٢٨]

ستنهين سڻيء سبيو، مون مارو سين ساهه
هينيون منهنجو هٽ تيو، هيت ميٺي ۽ ماهه
سدا وينيي ساريان، گولاڙا ۾ گاهه
جيئن هٽ پڪي منجھ پساهه، تيئن هيت ڪرڳل
آهي ڪوٽ ۾.

[٢٩]

ستنهين سڻيء سبيو، مون ماروء سين متن
”وَسَقٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَاباً طَهُورًا“ پياريو پرين
جيئن هٽ ورهه ويڙهيچن، تيئن هيت ڪرڳل
آهي ڪوٽ ۾.

Gul Hayat Institute

[۳۰]

ستهين سُئيءَ سبيو، مون متن ماروءَ سان
عمر آکير جن کي، سي هت نه هونديون هاڻ
مون ڏُکيءَ ڏينهن گذاريا، سدا سورن سان
جيئن هُت ويڙهيچن منجهه وتاڻ، تيئن هِت
ڪرڳل آهي ڪوٽ ۾.

[۳۱]

ٿرن ٿيلي نه مران، جي مان مارُو نه ٿيلين
پٽ پرين پنهوار جا، مر تا ڏيکارين
امر جي نه مڃين، سي ڏوتيءَ ڏولائي پيا.

[۳۲]

ماروءَ جي مذڪور جي سد نه سومرين
جيلان سنڪو ناهه سرير ۾، تي تيون البيليون آئيتن
ستر سي سِکن، جن ويڙهيچو وجود ۾.

[۳۳]

ساعت ورهيه پانئيان، گهڙيءَ ڇيهه نه ڪوهه
مون کي ماروئڙن ري، هِت پَلُ مَ هوءِ
صُبُحان هوءِ مَ هوءِ، آءٌ آڄ ٿيي ملان ماروئين.

[۳۴]

پاهين پاڪين پترين، مَر پريان سين هوءِ
متان مارو چوءِ، ته اجان ويئي وسري.

[۳۵]

مُنهن ته منهنجو سومرا، مر ميرو ئي هوءِ
لارون جي لڙڪن جون، وٺيو ويندس لوءِ
متان مارُو چوءِ، ته ڏوتوءَ ڏوراٿن ۾.

[۳۶]

ٻانهين هٿين پُنڙِيسن، لوڙي ٻڌان ٻيٺ
لڄائيي لڄ متري، ڏٺاڻ ڏوراٿن هيٺ
مون ڪا تيندي ڏيٺ، موٽيي ماروئڙن سان!

[٣٧]

ٻانهين هٿين ٻَڌڙين، لوئيءَ نه لاهي
هندورا حيرت جا، رَتا نه راهي
اندر ڪا آهي، ماروئي ڳالهه مليرَ جي.

[٣٨]

سمهان ڪيئن سُوڙين ۾، رَلي رڌ ڪري
مون ڏانهن ڏکان ڇائيا، ذات منهنجي جي
مارو ملنم سي، ته سڀ ڳرهيان ڳالهيون.

[٣٩]

مون ڏانهن ڇائيا جيڏيين، اڄ اڏ نگا وڻ
هاري هميرائين جا جيڪُس چڪيئي ڪيڻ
ساڏوهيون ۽ سيڻ، ڪِ تو ويا وسري!

[٤٠]

سُتي سارِيم سومرا، سائيه ساڏوهيون
مون سين مليرَ ڇائيون، جي هيڪانديون هيون
تان پيرهَ جون پيئون، زائچون زنجيرن جون.

[٤١]

پيرِهه آتيو پانڌِي پڇان، راتِ نيچويم نينَ
مارينم "ميڻن" ڇڻي، تن ويڙهيچن جا وِڻَ
ساڏوهيون ۽ سيڻَ، سنيريو ٿيي سُورَ ڇتران.

[٤٢]

ستڌ نه آنديس سومرا، آنديس ڪوٽ قضا
جيڪس هيءَ سزا، لِکي هيم انگ ۾.

[٤٣]

ستڌ نه آنديس سومرا، آنديس حُڪم هيت
مون ڪي ماروئڙن ري، پروسو نه پيٽ
پيهم سڀ نيرت، ڦوڙائهي جي سومرا.

Gul Hayat Institute

[۴۴]

ونهين ويڙهيچن ري، آهُ جيئندي ڪيئن
سچُ سارِ، نيتُ نهارِ، ننڊ نه راتو ڏينهه
مارن سندي مينهن، چريو مون چيت ڪيو.

[۴۵]

ونهين ويڙهيچن جا، اج پڻ چڪيم چاڪ
ساري سانپيئڙن کي، فنا ڪيس فراق
هئو جي ريج رهاڪ، تن تر وچي ٽاٽا ڪيا.

[۴۶]

عُمَرَ بندياٺيون، مٿي توڪ تيون
هڪ ڦوڙائو سچيِن، پيو سائينهه کي سِڪن
سي ڪيئن قيد ڪجن، جن بند نه ڏنو ڪڏهن.

[۴۷]

ويا گذاري ڏينهڙا، مٿي تر رهي
ڏوريان ڏوريان نه لهان، تن پنهوارن پيهي
ويو سات وهِي، جتن گذاريم جن سين.

[۴۸]

منهنجن ماڳر ماڙيون، نڪا ٽور تنوار
ڪوهه چاٽان ڪيڏانهن ويا، سِئون ڪٽي سنگهار
ويڙهيچا وينجهار، لنگهي موهه منجهه ٿيا.

[۴۹]

ويا ويڙهيچا آڪري، ترن چڏي توڪ
ڏوريان ڏوريان نه لهان، لاڪيٺا م لوڪ
ملير تيئن موڪ، آني ويا آڪري.

[۵۰]

ويا ويڙهيچا آڪري، تَرَن چڏي ٿان
جڳ م جهانگيئڙن ري، پيئي سُور سهان
ڪوهه چاٽان ڪيڏانهه، لاڪيٺا لڏي ويا.

[٥١]

مون کي پرينءَ پنهوار جي، اٿي پهر اُداس
ويروتار وجود ۾، ورد ۽ وماس
سا ڪيئن پري باس، پسي ڇتچا ڇانئيون.

[٥٢]

مون کي پرين پنهوار جو، اندر ڪُر ڪترت
ساري سانيپڙن ڪي، گهاءَ مرندس گهٽ
ماروءَ ڪونهي مٽ، آءُ لوڻي هڏ نه لاهيان.

[٥٣]

ڪالهه پيرهَ جو نيڳيو، ملا ماروئڙن
اچو آب پٽن ۾، وڏري ٿا وتن
تو ڪترَ گهٽو پچن، جان تون هٿ بندياٽي بند ۾.

[٥٤]

لوئي هڏ نه لاهيان، توئي ڏکيا ڏينهن
مون کي پرينءَ پنهوار جون، ناپون اندر نينهن
نيئي چاڙهينئم چيٽين، نه ٻه هينئڙو هُتي جو هيرئون.

[٥٥]

هينئڙو هُتي جو هيرئون، ته هين ڪرڪر
ڪريان ڪوهه
جي آءُ لوئي لاهيان ته اِيءَ ڏنوئي ڏوهه
اندر منجهه اندوهه، مون کي پرينءَ پنوهار جو.

[٥٦]

اندر منجهه اچي ڪري، ڏکن ڏس ڏنوم
ساري سانيپڙن ڪي، وري ويڊ وتوم
هنيون هڏهين هيڪڙو، سو پرينءَ سمن پوتوم
طعنا تي ڏيوم، جيئن ساءَ نه آيان سُورَ جو.

Gul Hayat Institute

[٥٧]

موڪل ڪهُري مارُئيءَ، ٿي جتن هاري ۽ روءِ
پنڌان ڪاريو پَهِرَڙا، ڪين جو آيي ڇوءِ
راڄ پرتو رَبَّ کي، سومرا سنڌوءِ
تنهنجو ڏوهه نه ڪوءِ، مون سين ايرادي ائين ڪَيو.

[٥٨]

سُورن جا سرير ۾، ٿا پرجر پرن پير
سهٽي ساڄن پيتيان، ساجهر صبوح سوير
جان ڪي گڏيس گامين کي، کلي سونهاري ڪير
تان هنئين آئي جي هير، جاڳيو ٿي جتن هاريان.

[٥٩]

ساهه منهنجو سومرا، تو منجهي ماڙيءَ منجهه
مران انهيءَ ڏنجهه، جيئن پَهر نه پنهوارن جي.

[٦٠]

نيٺ آهي نه نينهه جو، لُهڻ جا لهيو پُون
اکين جو جهڙ لائيو، چوڪس آييون چُون
هنئين جي همت سين ٿيون رت ورنو رُون
آهي گهوناگهون، مون کي ونجهل ويڙهيچن جي.

[٦١]

آئنا تر تاڏيل ٿي، پيرون پڪا لَسَ
عمر رات سرٿين، ڏيٺي مُڪا ڏَسَ
ماڙيءَ رهي نه مَسَ، تو پچي هنيون پنگيون.

[٦٢]

آئنا تر تاڏيل ٿي، پيرون پڪا جالَ
حيف منهنجي حال، آهه مُنڌ ساريو نه مران.

[٦٣]

ڪِٿيين هرول جلما تنگيمل تيڪرا
آڏيءَ رات، آئيو ڪن پُوٺين پيرڪرا
مون کي ماري سا، پُوٺ پيرندي ڪن جا.

Gul Hayat Institute

[٦٤]

وَرَتَ، وَرَها، چڙهيون، اهڪ ڇڏيائون آنهن
ڏڪوين جي ڏوريا گهڙا ڪئي پرانهن
جي پيرن باري بانهن، تي عمر جهڄان آن ڪي.

[٦٥]

نت نياپا آئيا، اوڏا جي هُيام
چِني سگ سُچَ ڪري وِيڙهيچا ويام
وچي تر تمام، مارونڙا مارين مون.

[٦٦]

وَرِتَ، وَرَها، چڙهيون، اهُڪ ڇڏيائون ڪُوهه
ڏڪوين جي ڏوريا، مارو منجهان موهه
سنجهي ۽ صبوح، تي عمر جهڄان آن ڪي.

[٦٧]

سا ڪيئن سلان ساهه ڪي، پرينءَ چِٽِي پاڻ
وچي ماروءَ ساڻ، گجهيون ڪنديس ڳالهيون.

[٦٨]

جي مون ماروءَ سين ڪيا، واعدا وَس ڏينهين
ڳِهَ تان منجهه هنئين، پاڻان تين نه پڌرا.

[٦٩]

بند نه بنديس سومرا، ماروءَ ماريياس
طعنا ڏيئي تنهنجا، پنهوارن پڇيياس
اهڙي تان نه هياس، هتان تو همير تي.

[٧٠]

بند نه بنديس سومرا، بند بنديوئي مان
هن منهنجي حال جي، ڪري خبر ڇُنان
نه ڇاڇا سوڏا ڇان، هوند پون ڇٽ پٽن تي.

Gul Hayat Institute

[٧١]

هِن حال ۾ سومرا، آهي جني لاءِ ٽياس
تن اپاڄهن پاڄهه، سين، ڀاڻان ڏڪياس
ساهيڙين سُڀاس، "صادق" انهي سور ۾.

[٧٢]

ٽيس بنديائي بند ۾، بند نه آهي ساريان
ماروءَ سندي آسري، ويٺي ڏينهن گهاريان
پٽولي نه پاڙيان، ليڙون جي لوئيءَ جون.

[٧٣]

ٽيس بنديائي بند ۾، ٽي ڏکيا گهاريان ڏينهن
مهرن جا مٿي تي تي موڪ وسايان مينهن
حال منهنجو هيئن، مان مارو مقابل ٿئي.

[٧٤]

ڪيس بنديائي بند ۾، ايرادي آئي
ڏُهيلا مون ڏينهن تيا، ماروءَ جي واري
سرتين ڪي ساري، ماڳ مرنديس سومرا.

[٧٥]

سا عمر جيئندي ڪيترو، جا سنگهارن ساري
ڏکيا ڏينهن گهاري، مري ملندي مارُئين.

[٧٦]

مارو جنهين مُلڪ ۾، اکيون اوڏانهين
تاڙيو تيڏانهين، سڪن گهڻو سومرا.

[٧٧]

ماڙي ماري ڪينڪي، نيڻر نينه ٽيوم
پرو پُوهه پيوم، جو اصلي هوم اکيون.

Gul Hayat Institute

[٧٨]

اوڏا اچي سپرين، ويا پرانهينءَ پونءِ ڪهي
هن سورن جا ”صديق“ چئي، هنڙا سيئي سهي
پچان ڪير پڇي، ماروءَ مثل نه ٿئي.

[٧٩]

جتي تنهنجو تڪيو، اصل ساهه سرير
اُڪيريو اڪير، ماروئي تنهن ملڪ کي.

صدا

متي لوئي لال لوئيي، اي هو آءٌ هار پٽولا گهوريان
لويون ميان عمر لويون اسان لاهڻ لاءِ نه رتيون

١- پرين وساريں پانهنجون، پر او پڻ ڪين' پيون
٢- مون ماروءَ جون من ۾ اکيين اڳڙيون
٣- منهنجون ملير ڏيهه ڏي سي اوڳا اڪڙيون.

صدا

سدا سومرين، انگ نه اوڇيا ڪپڙا

١- پدا تہ پانهن ۾ مون کي سڳيا تا سونهن
٢- مون کي مون پرين جون مر ليڙون ئيي لڏن.

صدا

عمر هو عمر، آءٌ ڪيئن اڇا اوڇيان ڪپڙا

١- اڇا اوڇڻ ڪپڙا، ڪاٺياريون ڪيئن ڪن
٢- جن جا ملير ۾ ور تا ويڻ سهتن
٣- ڏکَ گذارڻ ڏينهڙا اڳي انگ ورن.

صدا

الله ٿار ۾ ٿئي مرَ تيلهه، مارو پون نه مامري

١- پيرون چونڊيان پرين سان، آءٌ ٻلر ٻڌڙئو پيلهه
٢- وڻهڻ وراچن ۾، رهڻ متي رهل.

# سُر ڪلياڻ

## صدا

پيرو يار دوست ميرا، تو مليي مون ڏک لهندا
١- ڳڻ ڳالهيون ڪيترا، مون کي تار تمارا.

## بيت

[١]

محبت ميريائي نہ ٿئي، عشق ڪڙو ڪريج
فڪر ساڻ ”فقير“ چئي، هنئين ڪـي هٽيج
اندر آجاريج، جيئن ڪٽ نہ چڙهي ڪڏهين.

[٢]

محبت جي ميدان ۾، تـون ساڃو ٿيءُ سوار
سڪ ساڙيا ڪيترا، تون وڃان وِجهہ ۾ وار
عشق نانگ نبار، تي خبر ڪاڏن ڪان پوي.

[٣]

محبّت جي ميدان ۾، رُڪ جو آهي رنگ
ڪوڙيين وَهيا ڪيترا، نينهن نباهي ننگ
*عشق نانگ نِستنگ، تي خبر ڪاڏن ڪان پوي.

[٤]

محبت جي ميدان ۾، ڪُڏي پَئو ڪاهي
چڏ حيلا اڳيان لاهوتي لاهي
عشق نانگ آهي، تي خبر ڪاڏن ڪان پوي.

Gul Hayat Institute

[٥]

محبّت جي ميدان ۾، ڪاهي پنڌ ڪنڊي
پُڇهي وانءُ پُنڌي، ته پسين منهن محبوب جو.

[٦]

محبّت متارا ڪيا، جنلّيءَ جاڳاهيا جي
پَسُ پَچندا سي، عاشق اچيو آڳ ۾.

[٧]

محبّت جي ميدان ۾، سينو سپر ڏيج
منهن ۾ معشوقن جا، جهالُو ٿيي جهليج
پانهون پير مَ نيج، عاشق ٿيءُ ته آبهين.

[٨]

محبّت جي ميدان ۾، سينو سپر رکُ
منهن ۾ معشوقن جا، چاڪ چٽڪا چڪُ
سوريءَ پانءَ مَ شڪ، عاشق ٿيءُ ته آبهين.

[٩]

محبت جي ميدان ۾، ڪنهين چيٺي تـه آءُ
سيٽن جي سراءِ ۾ تا گهاتا لگن گهاءَ
مهندان معشوقن جي آپو جان جلاءِ
سوريءَ ساهه سنباهه، جان ناڻو گهيٽرءُ نينهن جو.

[١٠]

محبّت جي ميدان ۾، ڪنهن چيٺي ته آچ
سيٽن جي سراءِ ۾، تو مٿي منجهو ٻري مچ
پرين چُونٽي پچ، تون آڳ اوڏو ٿي نه وڃين؟

[١١]

محبّت جي ميدان ۾، دغا رهي نه دم
سير وڍڻ، سوريءَ چڙهڻ، اي عاشقن جو ڪم
تنهان پوءِ شرم، مڙوئي محبوب جو.

[١٢]

محبّت جي ميدان ۾، عاشق ٿي آجام
سامهان سَلَ سَيدّ چئي، ڪندئي تير تمام
ڪَٺيجُ ڪو مَ ڪلام، متان دوستئون دور ٿيين.

[١٣]

دوستئون دور ٿيو ته هنيون ڪچاڙو ڪاءِ
ڪلهي پائي ڪينرو، مر ڳڻ پريان جا ڳاهه
مون ڪي ماٺ جڳاهه، دل دانهُنءِ ري نه رهي.

[١٤]

ڪَٽِڪَ لڳي رت نڪري، اجهان تو منجهاءِ
منهن ۾ معشوقن جا، ڪيئن جهليندين گهاءِ
سو تون ڪچاڙيا، تو سڪڻ جون سڌون ڪرين؟

[١٥]

سڪڻ جون سڌون ڪرين، ته ڪانُ مَ ڪڍي لاهه
واڍوڙيو جيئن وَتين، سٽين اي سونهاءِ
متان ڪڍهين ڪاءِ، آهه سٽائين عام ڪي.

[١٦]

سڪڻ جون سڌون ڪريين ته ڪان مَ ڪڍي ڇِڏِ
ڪاڻيج خيالن ڪي، جيئن ڪثر رهي نه ڪنڌِ
آٽي اوڏو آڏِ، اِيءُ نه هوئڻ جو نِجهرو.

[١٧]

سِڪڻ جون سڌون ڪرين ته جيءُ سين لاهِه ۾ جنگ
فنا ڪج فِڪر ڪي، وڙهج انهيءَ سين ڀنگ
عاشقائي انگ، جي ناهه پيا سي نبريا.

[١٨]

جو تون سِڪڻ سڪيو، سو عشق نه آهي اِيءُ
ترسين تيڏانهين گهٽو، جيڏانهن ڇُوٽيءِ جيءُ
معشوقاٽو ويءُ، ريءُ ڪثي ڪين ملي.

[١٩]

جو تون سگھن سکيو، تنهن عشق نہ اھڙا پار
وڍي ڪند ڪماحقون رکج ڌڙ کان ڌار
تنهين لڌيون نہ وار، جي حاضر هٿا هتَ ۾.

[٢٠]

پڇين نہ پڇ تون، عشق سڏا پند
لڳو آهي، نہ لهي، هڏ نہ سچائي هند
پڇي ڪاملن ڪند، پڇاڙي پيرن کي.

[٢١]

پڇين تہ پڇُ تون، عشق نہ عقلُ هوءِ
تنهن جون رنگ رموزون ڪيتريون، لهي نہ سگھي ڪوءِ
اندر واکو ووءِ، ٻاهر دانهون تي دل ڪري.

[٢٢]

سُوريءَ خبرَ سي لهن، جي سوريءَ جا سوار
اصل عاشقن جا، سِرَ جدا، ڌڙ ڌار
پرينءَ جي پچار، آيا مَرڪن مَنجَ ۾.

[٢٣]

سوري سڪ پرين جي، نينهن ميڙوڻي نيل
ڪاتي قربن جي، نڪا ويل ڪُ ويل
ساجن تنهين پيل، ڪُسڻ جن قبوليو.

[٢٤]

آيي عاشقن کي، سُوري سڏ ڪري
محبّت جي ميدان ۾، آءُ تون پير ڀري
آڏيءَ سِرُ ڌري، پوءِ پچج پريتڻون.

[٢٥]

ڪا هلندي جمڏيون، سُوريءَ سڏ تيو
وچڻ تن پيو، جن نالو ڳڙهو نينه جو.

Gul Hayat Institute

[٢٦]

آئي عاشقن کي، سڄيائون سُوري
مُڙيا ڪين "ميئن" چوي، پرتَ جن پوري
هردم حُضوري، سدا در دوستن جي.

[٢٧]

نهار متنَ "ميئن" چوي، خُلاصيان ڳولي
سو سڄاڻج سپرين، اندر جو ٻولي
تنهجو روح نه پوء رولي، توکي منجهيئي
مشاهدو ٿئي.

[٢٨]

ڪڙو هٿي قلوب کي، اندر آجاريج
"ميئن" چئي، محبوب جي، پوء پچار ڪريج
ساجن سڃاڻيج، عشق جي اکين سين.

[٢٩]

ڪڙو هٿي قلوب کي، ڪُڙه تان لاهيج ڪسُ
اندر آرسي ڪري محبت منجهيئي پسُ
ڏيهه کي ڏيج م ڏس، دوسائي درسن جو.

[٣٠]

قلب جي ڪوڏار سين، ڀڃُون ڪنج ڀار
گنج وهن حيرت جو، متي جنهن مدار
سورج گهٽي صفا سين، جان اکين لهي اوٽار
ته منجهان نورُ نبار، اچي آب اُجلَ سين.

[٣١]

قلبَ ڪسُوٽيي هٿي، ساهَ کي ڏج سيراه
مارجُ متنُ منجهيئي، جيئن روحُ سڃاڻي راه
اندر رهي الله، پيون واہون وڃن وسري.

[۳۲]

پتنگن پڇيو ڪيو، ميڙيا متي مڃ
ڀنسي لهس نه لڇيا، سڙيا متي سچ
سندا سيسين ڳچ، ويچارن وڃائيا.

[۳۳]

پتنگ چائين پاڻ کي، ڀنسي مچ م موٽ
ساهي سپيرين جي گهڙ ته تيئين گهوٽ
اڃان تون اروٽ، ڪوريءَ خبر نه اهين.

[۳۴]

پتنگ چائين پاڻ کي نه چيري پئو چائيي
تان تان تائج تيڏهين، جان آڳ نه اجهائيي
ويهه م وسائي، متان مچ مانو ٿئي.

[۳۵]

تيلان آيو آگ ني، جي پورو هئو پتنگ
مورانهين محبّت ري، پيو نه چائي پنگ
خبر ايءَ کوري کي، ڪاٿون جيت ختنگ
آصلي سندس انگ، موراهون ٿيو مچ تي.

[۳۶]

پُري پتنگ آئيو، سُري ساهي وٽ
ڪانهه ڪريندو گهٽ، متو ڏيندو مچ ۾.

[۳۷]

پُري پتنگ آئيو، سُري ساهي جي ڍار
ڪانهه ڪريندو وار، متو ڏيندو مچ ۾.

[۳۸]

پُري پتنگ آئيو، سُري ساهي جيءَ سڪ
ڪانهه ڪريندو ليڪ، متو ڏيندو مچ ۾.

Gul Hayat Institute

[٣٩]

پُري پتنگ آئيو، سڙي ساهي جيءُ جوڙ
ڪانهن ڪريندو موڙ، متو ڏيندو مَنجهہ ۾.

[٤٠]

سنديون ڪامڻ خبرون، پُڇ پتنگن کي
آڌيو وجهن آڳ ۾، جيءُ پنهنجو جي
جوڙي جنين جي، لڳا نيزا نينهن جا.

جيڙي

[٤١]

آجُ پڻ شوق شَمعَ جو، پروانن پيو
پٽهيو پٽهيز پاڻ ۾، چي: هلو حقجُ ٿيو
پرين مَنجهُ مجاز جو، سيلانهن سچُ ٿيو
ساهہ ڪياٺون صدقو، سُوليءَ سِرُ ڏيو
جنهين عشق اهيو، آتش تنهين آب ٿي.

[٤٢]

اج پڻ شوق شمع جو، پڇو پروانن
بيرهَ آٿي باهہ ۾، دَسما ديوانا
جي ڪنا قربانا، آتش تنهين آب ٿي.

[٤٣]

آجُ پڻ شوق شمعَ جو، پروانن پڇو
اچيو ابهن آڳ تي، پٽو لال لڇيو
دل مان جن ڏُکيو، آتش تني آب ٿي.

[٤٤]

پناهر پٽوَن پرنگرا، مَنجُ منجهيئي آهہ
چور ته لڳي چاهہ، ڪامندَن ٿي ڪٽيو.

[٤٥]

ڪامندن ٿي ڪٽيو، آجهاٿن اوندا
انندر جنين باهہ، تن سيئي سوجهرو.

[۴۶]

وحدت واعظ جن جو، تن "الله" منجھ اوطاق
ان کي ويروتار وجود ۾، هئي هئي وَهي هاڪ
وِيٺا چيٺين چاڪَ، ڏيل منجهاران ڏنگيا.

[۴۷]

وحدت واعظ جن جو، تن 'الله' منجھ اکين
فاني ٿيا 'في الله' ۾، ته ماٺ مطالع ڪن
پُوتا سين پرينَ، ليڪي لوڪَ نه سگهيا.

[۴۸]

وحدت واعظ جن جو، سي الله سين اورين
هنيون حقيقت گڏيو، ته طريقت تورين
معرفت جيءَ ماٺ سين، تا ڏيلَ اندر ڏوريين
پُوتل پاسو پٽَ تي، ڪاڏان نه ڪوڙيين
نينه نباهيو نين، ايءَ پر عاشقن جي.

[۴۹]

لڳي آڳ، مچُ ٻريو، درد دانهن لائي
ڳجهو ڏيلُ گهائيو، سُورن سامائي
ويچاري وائي، هردم حبيبن جي.

[۵۰]

لڳي آڳ، مچُ ٻريو، درد دانهَ ماري
من واڍ وڙيو ونجهلي، گهنگهر تو گهاري
وائي ويچاري، هردم حبيبن جي.

[۵۱]

لڳي آڳ، مچُ ٻريو، وَهي آکيئنئون آب
من واڍوڙيو ونجهلي، ڪسي تيو ڪباب
وڄي روحَ رباب، سگهو ساعت نه جندڙو.

[٥٢]

لڳي آڳ، مَچُ ٻريو، لائي دانھن درد
مــن واديوڙيــو ونجھلي، آئي ٽـيــو اڌ
سپيريان جي سڌ، سگھو ساعت نہ جنڊڙو.

[٥٣]

لڳي آڳ، مَچُ ٻريو، چٽي چٽڪي چيت
مَنُ واديوڙيو ونجھلي، هوتـن ڌاران هيت
جھوري جھجھي نت، سگھو ساعت نہ جنڊڙو.

[٥٤]

لڳي آڳ، مَچُ ٻريو، اندر من ملور
جيء ۾ جوش پرين جي، اچي لائي اوُر
تـن ۾ ٻـري تـنور، سگھو ساعت نـہ جنڊڙو.

[٥٥]

لڳي آڳ، مَچُ ٻريـو، سڄڻ سنيريــام
جيء ۾ جوش پرين جا، اچي آيـريـام
چـِڪـي چاڪُ چُريام، سگھو ساعت نہ جنڊڙو.

[٥٦]

تير نہ راس

نہ سَرُ، نہ قَرُ ڪو، نہ تُڪو قير فراس
لڳي آهي، نہ لھي، هَڏَ منجهاران هاسَ
انـدر وهي اُداس، هنيون حيرت ۾ پيو.

[٥٧]

نہ سَرُ، نہ قَرُ ڪو، نہ تُڪو نہ تير
لڳو آهي، نہ لھي، ڪتلي منجھ ڪُنڍير
نوٽين ٽيمي نير، هنيون حيـرت ۾ پيو.

[٥٨]

نہ سر، نـہ قر ڪو، ٽِينگـ نہ تيندارو
لڳو آهي، نـہ لھي، مَنَ انـدر مـارو
سجو ٿـي ســارو، هنيون حيرت ۾ پـيـو.

[٥٩]

نہ سِرُ، نہ قرڪو، نہ ڪَبير، نہ ڪانُ
اندر جيءَ جنگ وَهي، مشاهدو ميدان
ٿهريو ڪنهين نہ ٿان، هنيون حيرت ۾ پيو.

[٦٠]

هنيون حيرت ۾ پيو، ويو پاڻ وساءِ
لڳس ڪان قريب جو گهٽ منجهاران گهاءِ
پُٺون ٿيو پرزا، سڙيو انهي سَرَ سين.

[٦١]

پُناهر پُٽ نہ نڱيو، سڙيو سرُ پٺي
تنهن ولوڙي ويڇون ڪئي، اندر ماهہ سَهِي
سگهي ڪين سگهي، هنيون حيرت ۾ پيو.
لَهي

[٦٢]

سَرَ جو سنڌيو سڄڻين، تنهن لوريءَ لوهہ پيو
تنهن لڳي ڪان قلوب ۾، ڪڙڪو ڪِنُد ڪيو
منجهان مون ويو، ڳهائيندو گهڻن کي.

[٦٣]

آيو آهيان اَنهين، لوري جيت لڳوم
سُور هڻي پرين سندوم، مانَ ڄاجهائي پيو هٺي.

[٦٤]

سَرُ جو سنڌيو سڄڻين، پر پيڍيءَ ڏيئي
تنهن ڪانَ ڪرنگهو ڪپيو، پاسارا پيئي
سوجهي سپيئي، وجي چيهہ چمڪيو.

[٦٥]

سُپِرِيَنِ ايندي سامهون، گاسيون گُلَ هنيون
سيءَ لوهہ نہ رَڪَ جون، ري سراڻ سنيون
تن پيچي زَرِهَ ذرا ڪئي، ريڪون منجهہ رهيون
مون ڪي نيت نيون، ميان محبوبن جون.

[٦٦]

سُپرين ايندي سامهان، ويندي ڳڏيم ڳچي
تن هنيو هنيانءُ سامهون، ڀريون ڀُر ڪري
لڳي چيهه چمڪيو، ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري
آهه دانهين، تون دوست، وڃان ڪنهن ڳري
اکيون آب ڀري، مون پنهنجون پلئيون.

[٦٧]

محبت جي ميدان ۾، سَنوتو سِرَ سَٿيج
جي ڪُلو قبول ٿئي، ته وِيهه پيرا وڍيج
هَلِيي هٿن سين ڏيج، مٿو محبوبن کي.

[٦٨]

سِرُ نه وٺن سپرين، ڪُلو قبول نه ڪن
هٿي هڻيون نه آڻيو، مٿو محبوبن
نوڙ نماڻو نينهن سين، قلب قربين
چشمن چاڪ چڪن، پٽسي ڪاڻ پرين جي.

[٦٩]

همه حق حجاب ويو، جان ظاهر ٿيو ظهور
فرق فرع جو نه ٿئي، اصلي آهه امُور
دل ڪان دوئي دور ٿي، سڀ پرين جو پُور
وڻ ٽڻ واڳي هيڪڙي، مڙيئي منصور
اُگيو منجهان نور، ساڄن جو صديق چئي.

[٧٠]

حيا حڪيمن ڇڏيو، طمعدار طبيب
ويڄن ڳنان وٺاءُ هٿا، گورين ماڻ غريب
جي تون رکين هٿ طبيب، ته وڃن سور سنڌا ڪيو.

[٧١]

ويڄن سين واڙي پيا، ڪِري ڪن نه پاڻ
اگا اِن اهڃاڻ، پسو سور سڄهائيا.

Gul Hayat Institute

[٧٢]

وِڇڙن سين وائيڙين پيا، ڪِري نہ ڪِئُون
جــِي پر پاربائُون، تہ سِگها ٿــي سگها ٿيا.

[٧٣]

جــا گهايل گهران ڪڍي، تــڙي طبيبن
وِڇن ورچي چــڏي، پسي ذات ڏکن
چڪن چاڪ فراق جا، ڪڙيون مور نہ ڪن
دوست درسن تنهنجي، وڏس ٿــار ٿــپن
ڀِڳي حُجّ سين، آءُ پريــام تہ آپيان.

[٧٤]

تون حبيب، تــون طبيب، تونهِي ڏِنن ڏَبُ
مارئين جيارئين تون ڏئي، تون هادي، تون ربّ
آهيم ايءُ عجب، جيئن وارِهــو وِڄ ويهاريين.

[٧٥]

تون حبيب، تون طبيب، تون درد جو دارون
آءُ عاجز آهيان، تــون سگهيون لهين سارون
ڪريان ٿي ڪارون، جيئن ڀُڪي تنهنجي هٿ پر.

[٧٦]

✻ ✻ ڪنليئُون ڪلمون هيڪڙو، جــان قلب
ڪوڏ ڪــتهيوم
انــدر روح رهيوم، آواز انّا الحقّ جو.

[٧٧]

✻ ✻ ✻ عشق سنڌِي آڪِـ جو، قلم ڪــيڍائُــون
معرفت جــِي مَسّ سين، ’لاالٰہ‘ لکيائُــون
آئــي ’اِلّااللّٰہ‘ جــو پنون پــڙهيائُــون
ورق وارِيائون، تــان منجهان ڏِيي معلوم ٿيو.

Gul Hayat Institute

[٧٨]

ڪيتي هَٿُ حبيب جو، تا پاپوهيو پڇن
عاشق ازل سامهان، تا اوچي ڳاٽ اچن
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي پاڻ نه ڪن
ڪُسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو.

[٧٩]

ڪُهن ڪوٺين سپرين، تا ڪُهن ڪوٺڻ سان
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪَرِ مَ پاڻ
چُل وڃائي ڇاڻ، عاشق اجل سامهون.

[٨٠]

جيئن تون سچو سڦرو، عاشق ايئن نه هُون
پَهِه پروڙيو پرينءَ جو، تا راتو ڏينهان رُون
آيا ايئن ڇُون، ته سِرُ لٿو سورُ ويو.

[٨١]

آهون ڪن اڏيءَ تي، عاشق اڏ ڪٽا
مَرَن ڪين مُٺا، سچا ڪُهه، صديق ٿيا.

[٨٢]

هٿن حلالن ڪي، مارين نه مردار
ڏُبرا ۽ ڏُوارَ، ڪاسائن نه قبوليا.

[٨٣]

پيهي جان پاڻ ۾، ڪَهُم دل پرڪ
تان اکر اهو ئي الف جو، لکڻ وارا لک
سهسين آتِ سالڪ، سڙي ويا صديق ٿيا.

[٨٤]

معني ميٺل نه جُڙي، عجب آهيم ايءُ
ڏسيو ڏسان نه سپرين، جلي پيو جيءُ
هاٿي ويو هيءُ، هو پڻ ويو هينَ سين.

[٨٥]

پڇن پروانن کي، آيون تان نه هوءِ
پاڻ وڌائون پوءِ، اکيون اڙائي آڳ ۾.

[٨٦]

جيئن جوڳي متڪڙي، آيي ڪوڙ ڪري
گهڙڻ هاري ڪينڪي، وڃان ٿيو وري
مون ساهي ري نه سڙي، ايءَ پڇن پروانن جو.

[٨٧]

موڙي هلي متڪڙي، ڇراٽيي ڇيري
ترسي نه تو ڏي، فڪر ٿئي ڦيري
پهرئين ٿي پيري، پڇن پروانن جو.

[٨٨]

جتان موتي مڪڙي، آتر پڇن پروانا
سدا شوق شڪار جو، ڏُرس ديوانا
ڪُسن قربانا، موتن تنهين ميهڻون.

[٨٩]

پتنگين پهه ڪري، هلي هيتهين هاڻ
کهڙي پيئي ڪاڻ، جو موٽيو وڃي مَڪڙي.

[٩٠]

پڇن پروانن جو، مون تان اڳ نه هوءِ
پير سُڙي مَ پوءِ، جو ڇيري ڇيهون لائيون.

[٩١]

ڪرڪن ڪاڙهن ۾، ٿيو پرينءَ جو پيهي
ڏس ڏوراڻا سپرين، سٽن منجهه سهي
ڏُو ڏُو ڏنئي دم سهن، جيئن ماٽيءَ منجهه مهي
ڏاڍا سور، صديق ڇٽي، مٿي تو تٽي
پروانن پٽئي، ڪورو ڪين ڪجائيو.

Gul Hayat Institute

[٩٢]

ڪُسي پيا ڪيترا، هتان تو حبيب
مٺا ماريين ڪينڪي، ڪهل نه پيئي قريب
جي تحقيقي طبيب، اِنَ مرض آنيي ڪي ماريو.

[٩٣]

جدا جڙن ڪينڪي، نڪي تن طبيب
دارون دخل نه ڪري، اهڙو حال حبيب
ڌُسو ساڻ نصيب، ويڄن واري ڪوٺيو.

[٩٤]

ڪا پروڙي ڳالهڙي، ويو پاڻ وسان
پيئي دل ڏُورن ۾، حبيبن هٿان
محبوبن مٿان، هوئڻ مون حيران ٿيو.

[٩٥]

جنهين چئيم ڳالهڙي، تن ويڄن کي واهه
پُڪي ڏيئي ڀاڄه جي، سمجهايوم ساهه
حبيبن هٿانء، مان ماري موٺيو.

[٩٦]

ويڄن کي وس ڪريان، عُمر تي آئون
پر ترس نه طبيبن کي پيو، چاڪ نه چيڻيائون
ڳجهو ڳارياؤن، هٿي ڏڪ ڏکن تي.

[٩٧]

چيٽي جن چڳي ڪئي، ويڄ وڏائي وير
ڪڏهن ساهه سڌير، ڪڏهن مارين سُڀرين.

[٩٨]

سمجهه سيڻ سودا گهٽي، ويڄن ڪيو وس
پاسي ڪري پاڻ ڪان، پوه ڏنائون ڏس
طبيبن ترس، جڏن جو جيڏو ئي ڪيو.

Gul Hayat Institute

[٩٩]

ڏيل منھنجو ڏُکَ سين، ويڄن وڃايو
ساڙيائون سينچَ سين، تَنَ کي تپايو
ڪاٺين ڪانيو، سُٺيون ڏيئي سورَ جون.

[١٠٠]

ڏُکَ گذاريم ڏينھڙا، ويڄن وٺ ويھي
تن مخفي مڙيئي، چاڪ منھنجا چوريا.

[١٠١]

شڪاري شڪار سين، ڪوڙيين ھٿا ڪي
سُڃاڻي صورت ڪي، وسھي ويٺا سي
عنقا آنڊائون ڪينڪي، ڪيائون الف بي
عجب انھي ڪي، ”صادق“ ٿو سور چڙّان.

[١٠٢]

پڙي ھلي نہ پيچرو، نالو ٿيو نانھ
تنھان پرانھين ڏانھ، شڪاري شڪار جي.

[١٠٣]

نالي ۾ نالو ٿيا، پرين تا ڪي پٽسَن
آھي احديت آنَ، وحده واحد ٿيا.

[١٠٤]

شڪاري شڪار ۾، پاڻ وڃائي ويھہ
مڙي ميل مقصود کي، عنقا اھڙو ڏيھہ
سُڄي جو سائيھ، تنھن ۾ڪئين شڪاري سيڪي ويا.

[١٠٥]

ڏوڏوان ڏٺينديَ، لھس لھارن آئي
ڪاريگرن ڪسبُ ٿيو، وررَ جي وائي
ستيت سمائي، ڪيائون رُڪُ پڌرو.

[١٠٦]

'وَهُوَ' چون وات سين، تيان ڪاريگر هٿا ڪيئي
جي پلين پاڻ کي، سَوَنڪي اندر سيئي
لوڪان لِڪي جيئي، ڳُجهان ئي ڳُجهه تيا.

[١٠٧]

مَرُ ڪُسانَ ڪاتيءَ سين، هٿان حبيبن
اکيون مون تي ڪن، مانَ ڪُهندي سپرين.

[١٠٨]

ڏاهُ نہ ڏچن سپرين، نڪا ڪران ڪن
اسين پڻ منجهان تن، جي اڱ ڪٺائون ڪيترا.

صدا

ڪا هنئين سين لاءِ، پوري ڪا هنئين سين لاءِ
توکي سمهڻ آيو ساءِ، پوري ڪا هنئين سين لاءِ

١- لڳي آڳ مَچُ ٻريو محبت جو منجهاءِ
٢- مچ ٻريو محبت جو ميان، تو ڪيئن مان جڳاءِ
٣- ڪيئن سانديئي ڪپاهہ ۾ سندي ڏاڌن باهہ
٤- سچي سِڪَ پرين جي ميان، اندر جنبي آهہ
٥- سي بانوريون ٻرن ۾ روئنديون پڇن راهہ
٦- اسين طالب حقَ جا ميان، بي نہ آهي ڪاءِ
٧- فهم فڪر "فقير" چئي ميان، سپيريان جا ساءِ
٨- "مسڪين" چوي مَنَ ۾ ميان، ڏوهہ پيريو ڏاءِ
٩- اسان پريندي پانهنجو ميان، صدقو ڪيو ساهہ.

صدا

اچي ڪر لهيج، ساجن سور تُنهنجي ماري - ساجن سور تُنهنجي ماري

١- سُورَ تماري مَران تہ مان ڏوهہ نہ ڏيج
٢- لڳين لائي هٿڙا، ٻر دارون دوست ڪريج
٣- جيئن تو ڀيرو نہ ڪيو، تيئن مان مٿيي مٿيج
٤- ڪيچئون واري ڪتڙهو، صادق سار لهيج.

## صدا

ڏکيا ڏهاڙيي، سي واديوڙيتل ورهه جا
ڏکيا ڏهاڙيي، تن جي آڳ نه اجهاڙيي.

١- لڳيي آڳ، مچ ٻريو، اُڏا آڏاڙيي
٢- سارياڻون انهي سوز سين سڀ جوين جواڙيي
٣- اصيلان ئي ازل کان سورن سين ساڙيي
٤- تن ڏنجهاڙيي ڏکن سين، اِئين عمر اماڙيي
٥- اندر آڳ عشق جي، ڪنهين وير نه وساڙيي
٦- تَن، دل، جان تن جي سا ڪوري ۾ ڪاڙيي.

## صدا

لڏائون لاڏون، ٿي واديوڙين ورهه جون
سي تان ڏيئي ڏُوائون....

١- اندر خيمان عشق جا، خوبان کوڙيائون
٢- ڏيئي ڏيل ڏکن کي ويران ووڙيائون
٣- ٻهرين چڻائون پاڻ کان 'اسين' آئون
٤- سچر سُور پرين جا سهسين سُٻيائون
٥- اچي سُور اُڏميا، ميان او ڪنجن ڪيڏاهون
٦- تن جان پنهنجي جيڙي، سا متري مارياڻون.

## صدا

ٿاريءَ اِنَ تارين، اِيءَ پنهنه آهي پرينءَ جو،
ٿاري ان تارين، سي ڪنهن ويل نه وسارين

١- وديو، ڪُٺيو، چچريو، جيءَ کي جيارين
٢- شَرابَا طَهُورا ميان او، پُر ڪنيو پيارين
٣- مُوتُوا قبلِ الاَنتَ مُوتُوا مرڻ ان مارين
٤- وَهُوَ حيٌ لاَ يَمُوت جيئو جيارين.

## صدا

مُونهين کي مارينِ، اِيءَ پَهڻ پنڙو وو سڄڻين لا

١- نه سا پائينُ ڪانيِ ڪمان ۾، چِلو نه چاڙهين
٢- نه چاڻان ڪنهن ڳالهه سين ميان وو، مَحبّتي مارين
٣- مُونکي سندا ڏکڙا مونهِي کي مارين،
٤- ڪوترا ڪاهن تي ڪيو سهسين ويچ وتن
٥- آهي پريان جي هٿ ۾ دارون جو دردن.

## صدا

مون کي هوتن ري، سرتيون ساعت نه سري

١- آهَ هلندڙي، پَهِي پڇندڙي، اوءِ ويندڙي پرين مٺي
٢- داغَ جن جي دل تي، اوءِ وِهن ڪيئن ڪري
٣- سي ڪيئن ويسليون، اوءِ ٻر ٻُنيان جن ٻَري.

## صدا

مان ڪَرَ پرين پڇن، آئين ڪي چڱا آهيو، اڇيو دوست پڇن
چڱا آهيو، ڀلا آهيو، ڀال ڀلي جا ڀائيو
١- سُکن ڀريون راتڙيون، ميان او ڏکويون جاڳن
٢- داغ جن جي دل تي ميان او، سي ڪيئن ننڊون ڪن.

## صدا

آهَ پهتيس سيڻن سينءَ، ڀوري چائيم ايئن،
لالچ تنهنجي لوڪ ۾ ڪامل چائي ڪيئن

١- ڪڏهن شادي، غمُ ڪڏهن، ميان او هونءَ هوندءَ هيئن
٢- لوهارا ڪري لوهه سين، ميان او جيرو ڪري جيئن.

*

# صدا

جو ذڪر ۾ نہ آيو، مون تنهن سان چيت لايو
جو فڪر ۾ نہ آيو، مون تنهن سان چيت لايو

١- ٻنان نالي سپرين، جو ڳالهين ڪنهن نہ ڳايو
٢- نبيؐ وليؓ ويهون تيا، تان پار نہ ڪنهن پايو
٣- سُبحانؒ جندؒ کَ معتر فتُ اهوئي سور سي ڪنهن چايو
٤- "صادق" انهي سڪَ ۾ روئي رت وهايو.

Gul Hayat Institute

# سُر سهڻي

## صدا

اي سچا سائِرَ مون کي تون، نيئي نيئي پار پريان جي ميڙئين

١- ڪُنَ جي ڪارونڀار جا، پاڻيان سيئي پون

٢- سندو جيئڻ آسرو، مٺان لاٿو مون.

## بيت

[١]

پَهِرُون پنيون اگري، نوڙِيءَ ڪي تعظيم

اوڏِي ٿِي ’اَلف‘ کي، مٿَن گڏيائين ’ميم‘

لکڻ واري لکيو، تنهن ۾ خطا ڪين

منهنجو رُوح رَحِيم، داخل ڪِجُ مَ ’دال‘ سين.

[٢]

نينه نوازي سُهڻِي، توڏي توڙائين

هٿان هار حبيب جو لائق لڌائين

جيلان عالم آسرو، سو تِنڙُ سونپائين

سا موٽي ڪيئن پانهين، جنهن جو منهن محبوب ڏي.

[٣]

گهڙو ڀڳو نہ گهوريو، مَرُ چُور ٿئي چُوڙو

طالب المولٰي مذڪر، اِيءَ ٻُڌ ندين ٻُوڙو

گهوريو ڏَمُ ڪُوڙو، اسان ميهار ڏي من ۾.

[٤]

گهڙو ڀڳو تان گهوريو، پاڻان هو حِجاب

مون کي سِڪَ ساهڙ جي، ڪُهِي ڪيو ڪباب

ڪونهي پيو جواب، جيءَ ڏني ري نہ جُڙي.

Gul Hayat Institute

[٥]

گهڙو ڀڳو، منڊ منجهه، وسيلا ويا
تنهان پوءِ سڻيا، تي سهڻي سڏ ميهار جا.

[٦]

سانيارا ساهڙ جا، هاري حق رکيج
وهم جي وجود جا، تن کي ترڪ ڏيج
ساهڙ ساگاهيج، پوڙي جو پانهيارڻون.

[٧]

سانيارا ساهڙ جو، هاري رکج حقُ
وهم جي وجود جا، تن کي ڏيج ترڪُ
متان پوئي ڪڏهن ڪو فڪر منجهه فرق
ڪري غير غرق، ويجهي تيءَ وصال کي.

[٨]

سانيارا ساهڙ جي، ڏونهين ڏونهن ڪيو
لڳي ڪنڌ ڪنپار ۾، پليتو پيو
ساهڙ صحي ٿيو، جيڪي پنهنجي ڪنديين.

[٩]

پارهن ڪُنَ، پتيه تڙ، تڙ تڙ متي تُوتُ
عشق جن جو ڦُوت، پُجهان سي نه پُڏنديون.

[١٠]

پارهن ڪن، پتيه تڙ، تڙ تڙ متي پتُون
اتيو آڏيءَ رات، جو سُهڻي ڏٺي ستُون
چڏيو ڪيمر ڪتون، لڏي لهرين وچ ۾.

[١١]

پارنهن ڪن، پتيه تڙ، تڙ تڙ متي نانگ
نه مان گهڙو سانگ، جي آٿان ٿي نه گهڙان.

[١٢]

ٻارنهن ڪُن، ٻتيه ٽڙ، ٽڙ ٽڙ مٿي شينهن
تہ مان کھڙو نينه، جي آئان ٿِيي نہ گھڙان.

[١٣]

ٽڙ تڪڙ کان نہ لهي، گهيڙان ڪري نہ گهُور
انڪل ناهيس آر تي، وهمن ڪي وهلور
جنهن ڪي ساڻ پرٻان جا سُور، تنهن ڪي نتندي
ناهہ نظر ۾.

[١٤]

ٻُرن ٻهلاين جا، چوڏاري چڙا
سٿي سنيارن جو ٻنڙم ڪن پڙاء
وهمن مون نہ وڙاء، سٿو جهانہ جهجي هنيون.

[١٥]

لٿهہ لبڪاٻان نہ رهي، سانڍ ٻان رهي نہ سُور
جانسين پنسان نہ پرينء ڪي، تانسين مَنُ ملُور
مون ڪي ماء ضرور، لوڪان ليڪي مهڻو.

[١٦]

جيڏهون چُونتم جڳاندو، ڏمَ پڻ ڪونهي ڏوه
مون ڪي سِڪَ ساهڙ جي، سڀ منجهاٻان پتہ
لِڪو رهي نہ لوه، چيرو اندر جيڏهون.

[١٧]

اصلان ٿي اَلَستُ کان، ٿي توڏي تواري
ٻاڻ وڏائين تار ۾، عشق جي آري
نؤ ڪندبہ نهاري، *تنهن ڪي مشاهدا مڙيئي ٿيا.

[١٨]

آصلان ڏي اَلَستَ کان، آهہ توڏيء ڪي تَوار
قالوا بليٰ کهيائين پتسيي مُنهن مهار
چوڪندبہ چوڏار، تنهن ڪي مشاهدا مڙيئي ٿيا.

Gul Hayat Institute

[١٩]

سبق جهليائين سور جو، حقيقت حرفاءِ
آءٌ تنهن وائيءِ ويگاڻي ڪئي، طلب جي طرفاءِ
گهڙو گهڙيندي جوڙيو، سائر جي صفاءِ
وسيلو وفاءِ، آهي منڌ ميهار جو.

[٢٠]

وڃيو وڻاڻن ۾ پيءِ ڪان پڇيو روءِ
ڏُک نه سٽڻ ڏيهه ۾ ساهڙ ڇام سندوءِ
هنيڙو تو مَٺل هوءِ، آءٌ هيت هونهين گهاريان.

[٢١]

هينئڙي هڙون چڏيون، هڻيندي تڪيم هٿُ
متي متي مهراڻ جون موجون وريم مٿُ
نيئم ڪُنَ قوت، پر پليرا سپرين.

[٢٢]

ڪاريءِ رات ڪُنن ۾، ڪا جا آيس هيرَ
تنهن متي متي مهراڻ جا پري نه پسي پيرَ
متي لهرين پيرَ، اڪڙيون ميهار ڏي.

[٢٣]

پنيءِ پرجهڙ پاڻ ۾، ڪا جا ڪُنَ ڪرين
آڏيءِ انهي آب لاءِ اڪيون اُڪيرين
توٽي تيڪون ڏين، نه اُجَ اُنين ڪي نه لهي.

[٢٤]

پنيءِ ڏنو پنيئين ڪي جو منجهه ڪُنن
پيتائون پڪ پرمل جي، ڍايون نه ڍاپن
اُپيون اُجَ مرن، اڪيون انهيءِ آب لاءِ.

[٢٥]

اوران آءٌ اُڪنڊي، پار منهنجو پيءُ
ڪاريءِ رات ڪنن ۾، تي تي سهان سيءُ
جانب ڌاران جيءُ، ڪنهين وس واڳيو نه رهي.

[٢٦]

سانگ پنهنجي سُپرين، ڇڄهان ويا پيان
ڏونهيون دوست ميهار جون، هائي ڪين ڏکن
ماريس تن ماڳن، جتي ڏيکيم دوست کي.

[٢٧]

اوراڙ نہ اڙجي، نڪا جهول جهليس
ڏمَ ڏينهائي ڪيترو، تو پر ۾ پٽليس
تان تان جان جليس، جان جان پٽسي نہ پرينء کي.

[٢٨]

اوراڙ آهِ اڪنڊي، پار منهنجو پيءُ
گهترَ وَرَ واڳيو نہ رهي، ٻنان ڄانيبَ جيءُ
حال منهنجو هيءُ، معلوم آهي ميهار کي.

[٢٩]

اوراڙن آهِ اڪنڊي، پيء منهنجو پرار
گهترَ وَرَ واڳيو نہ رهي، ارواح مون اختيار
دوستن جو ديدار، دل ڏيکئي ري نہ رَهي.

[٣٠]

ويتو جيئن ويليئين، ڏمَ ڪٽنئي ڏينہ
* مڇين مارڳ لاٿيا، هڏن مٿان هينئن
قول پڇنديس ڪيئن، ٻڌم جي ٻوليي ڪري.

[٣١]

کهٽئين پٽئين گهوريان، ڏمَ کي ڏيهائي
منهنجون مُحبَ ميهار سين، آهن رُوحَ ۾ رهائي
* تيلانهن پاڻي، سرتيون سُکو ڀانئيان.

[٣٢]

ڏمر سهان ڏمَ جا، ڪير ڪُن، آهِ ڪير
رڍيء قضا ڪيرَ ڏري، مٿي پاڻيء پير
پيمر پيميء وير، اڳ لڏو تي لوڙيان.

[٣٣]

مَرُ اولجان انهي پار ڏي، پُڏان تان پن
مانَ پِرُ پر ڪن، ڪنڌيءَ آيي سپرين.

[٣٤]

ڪي جو پَسي آئيون، اڪيون وچي پار
هڪ ٿيون ديوانيون دل ۾، پيو اپر لائي آر
تنهان پوءِ قرار، سُٽيون ڪين سُڪ ٿي.

[٣٥]

صورت ساهڙ چام جي، جيڏيون ڏنيان جي
سُٽيون ڪين سُڪ ٿي، ڪانڌ ن پاسي ڪي
مونهان هوند اڳي، گهڙا ڪٿي گهڙيون.

[٣٦]

صورت ساهڙ چام جي، جيڏيون ڏني جَنَ
ڪٿيي جيءَ متا ڪيا، ڪي گهوريس ڪيو گهڙن
ميهار ماڻيو تن، جن سانگو ڪيو نه ساه جو.

[٣٧]

چڙن مون ڪي چريو ڪيو، جار وڏائون جُوهه
سُٽي سنسارن جي هُن پَرَ پُڌم هُوهه
اچي ٿيءُ روبروهه، نه ته دوست ٿي دَم ڏيان.

[٣٨]

سار نه ڪرين سهڻي، نون نڪو نماڻيي
وَهُه ويندڙيءَ نڪري، اهو جوين جوانئي
پچاڙي پاڻي، ڪٿي تالان ڪنڌءَ تار ۾.

[٣٩]

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيائين الله توهار
چنگهه چرڪي وات ۾، سيسي نيي سيسار
چُوڙا پيئَس چِڪَ ۾، پيا لڙ ۾ پيئَس وار
موڏِجُ يار ميهار، نه ته دوست ٿي دَمُ ڏيان.

Gul Hayat Institute

[٤٠]

گھڙي گھڙو ھٿ ڪري، ٻوڙيائين ٻانھون
تنھن وڏيون ڪيون ويچاريءَ، درياھ ۾ دانھون
اڇج اوراھون، نه ته دوست ٿيي دم ڏيان.

[٤١]

گھڙو ڀڳو ته گھوريو، شال مَ ڀڄي گھڙي
مولھيو مُحِبَ ميھار جو، ڀڄي ٿيوم ڀڙي
چِڪَنِ تان چڙھي، ڏسان منھن محبوب جو.

[٤٢]

ڪاري رات، ڪُنَ گھٽا، لڙ، لھريون ۽ واءُ
سائيي جن الله، ٻجھان سي نه ٻڏنديون.

[٤٣]

ڪاريءَ رات، ڪُنَ گھٽا، ٻي اٿيھين اونداھي
چنڊ پنھنجيءَ سنئينءَ ويو، ٻي درياھ دَڙ لائي
اھو اَمُر الاھي، نه ته ڪُنن ۾ ڪير گھڙي.

[٤٤]

تِڙ تَڪِ، تارَ گھڙڻ، ايءَ ڪاڻيارين ڪمُ
ڏه ڏه ٻيرا ڏينھن ۾، ڏئي ڏوراپا ڏم
عقل، مَت، شرم، ٿيئي نينه نھوڙيا.

[٤٥]

نڪو ڏوه سُھڻي، نڪو ڏوه ميھار
نڪو ڏوه گھڙي جو، نڪو ڏوه ڪنيار
آئي ڪنھين آر، قضا وڌي ڪُنَ ۾.

[٤٦]

آڳي اِنَ تڙان، وھنجندي وَرِھ ٿيا
قضا آنديس ڪُنَ ۾، گھرائي گھران
جڏھن پورا ٿيا پَڙيان، تڏھن تانگھو ئي تار ٿيو.

Gul Hayat Institute

## صدا

آءٌ ويندڙياس دَرَ هادِيءَ جي، مون کي ڪانہ جهلي

۱- جيڪا مون کي جهلي، تنهن کي مر جان الله پلي

۲- مَر ڪا مون کي جهلي، آءٌ تان وڃيس نينه اُڇلي

۳- جيئان ڏَجهڻ ڏيئي، تيئان سڄڻ منهنجو اچي

۴- نورا پايو نينه جا مٿر دوستائي اچي.

## صدا

آءٌ جا آنءُ ڏي ايندي ويندي، الله هُو، الله هو

۱- ڪَچا مون ٻچاريو، واڳون سڀ وَڏِيندي

۲- ڏيئي ڏيرائي ميهڻا، ڪاڪيون ڪوه ڪريندي.

Gul Hayat Institute

# سر گهاڙو

صدا

آءُ مَ گهوريجا گهوري مڇن رڇ وڃايو گهاتوئا
ڪاله ڪلاچي جي ويا، ڇانيون ڪٽي ڇڳير
١- جي ميون ڏکيءَ پر تي، ڪهڙي خبر لوڪ
پاڻن پيرو نه ڪيو، ادن ڪي آويرَ.

بيت

[١]

جتي گهاتوئن گهوريو، تتي واريءَ لٽ
سٽ سکو، سڱکي گيا، سهسين سانئي مٽ
رُئان رت ميٺ، تي هاڻي اَن ٽڙن تي.

[٢]

لٿيُون پٽيون پيچرا، تڙ اوتڙ ڊونڊيام
مڏ نگي موتيا، سانيڙا سندام
سانئيڙا ڪيٺان، وانئني وري ويا.

[٣]

اگھ آيو سانئين، ڪو ڪرو خبردار
اوباهيو آهون ڪري، سٺيو سا تنوار
ڪن پٽکو پار، تن مهانئين مُنهن ڊيکيا.

[٤]

پرجهليو پاڻن ڪي، تي سيرئين سڌ ڪري
اوري هٿا تہ آئيا، جيڪس ويا پري
گهاتوئڙن گهري، آرتي عمد وَهي.

[٥]

ماڻهو پسجن مهراڻ ۾، مانَ گهاتُو هُون
تان ملاح نہ مکرا، سهسين ساڻيي رُون
کنڌي آيا ڇُون، تہ اوءَ ملاح ٿيي مري ويا.

[٦]

ملاح ٿي مَري ويا، وَهٽَ واريائون
هاٿي آنِ ترن تي، کري اوباهيو آهون
کو ٻيو سَرُ سوناٿون، جيئن گهاتُو گهر نہ آئيا.

[٧]

گهرن منجھ گهاتُوئڙن جون، تيون سَرَن سِتائون
کيڄان خبر نہ لهان، تي آتي جو آئون
جي ٻيلي هٿ ٻانهُون، سي کوھ چاڻان کيڏانهن ويا.

[٨]

مڪُ ڏنائون مڪُرين، رڱيائون رانئُون
ڪالھ کلاچي جي ويا، کنهن پتهہ پُورِيائون
آنهن لاءِ آهون، تي کريان کُنَ کنڌيين.

[٩]

ڪَهيا ڪالھ کُنَ ۾، گهاتُو کري گهُور
مادر ملاحن ري، وڃي سهان سُورَ
مون کي کري مُئُور، کوه چاڻان کيڏانهن ويا.

[١٠]

آهريا اوءِ عميق ڏي، پره کري پرياڻ
تن ساڻيهڙن ري سرنيون، هٿ تيس سورن ساڻ
هٿي هٿي کيو هاڻ، وڃي گهوڙها گرڙيان.

[١١]

آهريا اوءِ عميق ڏي، ڪالھ کلاچي لوھ
ساريو ساڻيهڙن کي، تو روح منهنجو روھ
وررهہ ڏيئي ووھ، گهاتُو کنهن گهور ويا.

[۱۲]

سهسين ڪري سڏڙا، تي جر وهايان جالَ
اڄ نه موٽي آئيا، جي ويا ڪلاچي ڪال
جي هينئڙي پائي حال، سي ڏوريان گهاٽو نه لهان.

[۱۳]

سهسين ڪري سڏڙا، تي تنواريان تڙَن
سارو سانيئڙن کي تا جهوريءَ نيڻ جهجن
مادر ملاحن، ڏوريان ڏوريان نه لهان.

[۱۴]

نه تنوارون تڙن تي، نه گجان نه گاجِ
نيڻن تا سڙن ساڄ، جيئن لاڪيئن لڏيو.

[۱۵]

* ڪو جو قهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي نه وري
* خبر ڪو نه ڪري، ته رِڇَ ڪيڏي رنديا.

[۱۶]

رِڇَ اولجن ريل ۾، لڳيو لهرَن ساڻ
ڳِنا ڳري لائيو، تي هَنجَ هاريان هاڻ
مانجهي مُنهن مهراڻ، آونهين ويا اوهري.

[۱۷]

رڇ اولجن ريل ۾، جهڳيا جاه نه ڪن
ملاحن سندا مڪُرا، تا لهرين پاند لڏن
چِتو چڳيرن، آونهين ۾ تي آئيو.

[۱۸]

گهوري سگهبو نه گهاٽوئين، نڪا ڪِنَ ڪنار
رڇ متي ئي رنديا، پيا نه پاتار
نيٽين ٽيمن نار، پٽسيو قهر ڪلاچ جا.

Gul Hayat Institute

[١٩]

ڪرڳل ڪُنَ ڪندين تي، حشر ٿيو هاڻ
"صادق" گهاتو گهور ۾، ٻوڙي ويا پاڻ
* پيا تنهن مهراڻ، جتي سڏ سيرائين جو نه سُڄي.

[٢٠]

* ملاحَ انَ مهراڻ ۾، وڄڻ ڪي ويا
حال ڳرهيان ڪنهن سان، نه ڪي آتِ هئا
پڙاڏا تي پيا، متي ڪُنَ ڪندين.

[٢١]

ملاح ان مهراڻ ۾، نه ڪا تانگهه تري
ويو هوش ڇڏي، گهوريندي گهاتوئن جو.

[٢٢]

مگر متي هتڙا، ڏوران سِرُ ڌري
سامهان جگر ڪري، سڃاتو شڪارين

[٢٣]

گهوريان تي لهريون، الله گهاتو آڻ
.... .... .... .... پاڻ، مڇُ نه ماري موٽيو.

[٢٤]

مڇَ جئين تي مارياس، گهاتُو گهتر نه پاڻ
.... .... .... .... ....، آئيو آئيو انَ ڪي.

[٢٥]

جا ساڻ نه هئي سائين، سا گهو .... ....
.... .... .... ....، تانگهي تان نه ترسيا.

[٢٦]

رَڇَ جتي رنڌيا، آتي گهاتُو ڪو
آهري ويا او، ڪنهن منهن موڙي مڪُرا.

Gul Hayat Institute

[٢٧]

ڪلاچي جي ڪنڌيين، ڪا جا ٿيي ڪُوڪَ
سَٺي گهاتو گهڙيا، موٽيا تان نہ ملُوڪَ
پيا سڙن سازَ سلوڪ، مادر ملاحن جا.

[٢٨]

گهاتن گهورڻ ڇڏيو، ڪِينَ پروڙي ڪا
مڪُرا مهند نہ هليا، کهڙو ورين واء
جيلان آئُن سڳن ساء، ٽيلان ويا ٻڏي بحر سڪوت ۾.

## صدا

وساريج مَ ويڻ، جويتنَ ۾ ٿي ڏينهڙا

١- پايو پور پرينءَ سين، ڪر سين ڪاٺن ڪيڻ
پسي ڏکيا ڏينهڙا، آڇُو مَ والها ويڻ

٢- آسن پري آهيان، موٽي ايندو سيڻ
جٺي ماريا مَڇڙا، آءٌ تني جي پيڻ

٣- سي ملاح مري ويا، جي سانيي هوڙم سيڻ
هاٺي آنِ ٽڙن تي، نِيت ٺمايان نيڻ.

## صدا

هي نہ ڪنهين سيڻ، جي تو پنهنجا پانئيا

١- وهڻ ٿيندءِ ڪڏهن، هي جي ڪاڏئي ڪيڻ

٢- ”صادق“ سنگتي نہ تنهنجو، نہ ڪو پاڻي پيڻ.

# سر ڌناسري

## صدا

آءٌ جا لڳي پير پريان، آءٌ جا لڳڙي پير پريان
١- سونهارا مون سپرين، جي آڄهو آهين مان
٢- مٿي مونن هٿڙا، آءٌ سگر تنهن سڙان
٣- ڪوڙيين پيرا ڪعبي مٿان، صدقو ساه ڏيان.

## بيت

[١]

آءٌ ميريائي گهوري، اڇا پيرُ سندام
واهر سچي ٿيندام، اڳ وسوڙي آهيان.

[٢]

• ميري پٽسي نه مٿيو، مون کي مون پيرن
• هڪڙا ڳڻ ڳچيءَ ۾، ٻيا پوبو هار ٻڌن
• آءٌ ڪيئن سندي ڌن، ڪلهي ڪيرت لاهيان.

[٣]

جيمَ ورچي چڏيين، ٻڌو پيراڻو
ٿهڙو نه پاپاڻو، جهڙو اڄهو پير جو.

[٤]

• آءٌ ميريائي آهيان، پاڻيهاري پاڻ
• هٿَ گهڙو، سيرَ سينهين، ڌنَ ۾ ٿاڻو تاڻ
• گوليءَ جا ڳماڻَ، موليٰ ڌون معافي ڪرين.

Gul Hayat Institute

[٥]
مون پيراڻي ڳجهڙي، چوئا چندن چڪ
جت آهنگ ڪنئوري آيري، پاڪ نرمل پڪ
اونهان ڏيو ٽيڪ، اچن شاهه سمگيا.

[٦]
مون پيراڻي ڳجهڙي، سدا چندن چڪ
جنهن سندي سِڪ، هلي هنيون هند ٿيو.

[٧]
هليس پيرَ چِتَ ڪري، پيون ڏيئي ٻن
آسائتيون "احمد" چئي، ويس ڪامل ڪن
تنهن هيڪائي هيڪ چيو، ٻي مٽدي ناهِس من
مون کي مون پرين، نظر ساڻ نوازيو.

[٨]
جي تون هينئڙا اڇيو، ته وڃُ پيرنئون پُڇي
ٻُڪي ڏينديئي ٻاجهه جي، جيارينديئي جيءُ
جنهن سندو وِيءُ، مگر مور نه پيليو.

[٩]
پانڌيئڙا پيرن جي، پيو پاڙي گهار
توکي نيندا پار، لنگهائي لطف سين.

[١٠]
پانڌيئڙا پيرن جي، پيو پاسي آور
توکي نيندا تُوڙ، لنگهائي لطف سين.

[١١]
تُوڙان طالب تنهنجو، آءٌ پڻ آهيان
تون صاحب سوئي، جنهن تي ٻول ٻهون ڪيا.

[١٢]
پانڌي وڃي پيرَ وٽ، ڪوڙين ڪرنشون ڪر
چئو آءٌ آسائتو آهيان، دوست تنهنجي در
تون آڳهه اڙين جو، وِلهين ڪرين
مون ڏانهن مهر ڌر، آغا "اسماعيل" چئي.

Gul Hayat Institute

[۱۳]

آگا "اسماعيل" چئي، مون ڏانهن مهر ڌَرِيج
سائين صبر ڏيج، مولي ميران پور ۾.

[۱۴]

ميران پور جو مگڻا، ڏسين جي ڏاتار
توڙان طالبن جو، صالحَ جو سينگار
منجهان نور نبّار، پڪرجي پيدا ٿيو.

[۱۵]

ميران پور جا مگڻا، ڏسين جي ڏيو
سگهوئي سون ڪري، سينگاري سيهو
جانسين ٿا جيّو، تان رڙهندا انهي راه تي.

[۱۶]

پڪرجي پيدا ٿيو، هادي سندو حقّ
لاتائين لطف سان، سندا شؤمتن شڪّ
جي رڙا هئا رَڪّ، تن ورلهتن سان وتون ٿيون.

[۱۷]

* پڪرجي پيدا ٿيون، نُوري منجهان نُور
ظاهر تون باطن، تون هادي منجهه حضُور
پرين تنهنجو پور، واسنگيو وِڪَ ڪٺان.

[۱۸]

نيمّ نوراني پير جا ڪِڙَن ٿ ڪٺلن
خوشبوءِ ڪٿوري ڪَر مشڪي مينهن وسن
ميران پور ميرن، ڪوسو واءُ نه وارئين.

[۱۹]

نيمّ نوراني پير جا، نيمُن وسي نُور
قلندر شاه ڪرم سين، ڏي پريو پرپور
تيهان پرايو پور، وَٺَ به اڇن واسيا.

[٢٠]

صبحاڻي شاه پيئيون، پوءِ ڏهُون ميران پور رات
آئنديمي اکين سين، ڏسون پير پرڀات
موچاري محبّت سين، ڏيارينده ڏات
جُنگ سوڀاري ذات، تو پياري پالوٽ سين.

[٢١]

پيارين پالوٽ سين، ميران پور جا مير
لاٿمي اَڄ اکين سين، پوڄ پياري پير
گهرِ اَنَ جي ڪيرَ، جي آساڏو تي آئيا.

[٢٢]

جي آساڏو تي آئيا، ڏسُ تنين جا پار
جن کي پيٽ ڀروسو ناهِ ڪو، تنڪيو توهان ڏار
سائينءَ لڳ ستار، ڪج مهر مشتاق تي.

[٢٣]

ڪجو مهر مشتاق تي، داتا دستگير
گهرِ ان جي ڪير، اڳي جن اوڙ ڪيو.

[٢٤]

اڳي جن اوڙ ڪيو، هاڻي ڏسو سي
ساريو سوالين کي، آيو سڏ ڪري
وڃو ڪين پري، ماڻڪ نيهو مڱڻا.

[٢٥]

ماڻڪ نيهو مڱڻا، جهجها ميڙي جال
نوازي نيڻن سين، لاٿائين خام خيال
سائينءَ ڪري سنڀال، نالائق نوازيا.

[٢٦]

ونءُ طالبَ طلب پٺي، ڪامل پاس ڪٿهي
جو هدايت هٿ ڪري، پياري پٿهي
ڏيکاري راهه ستهي، جو پيغمبر پيدا ڪئي.

[٢٧]

وڻ طالب طلب پڻي، پکن ڏيئي پاھ
گوھرُ غريبن جو، "صادق" آهي شاهه
ڏيکاري سا راهه، جا پيغمبر پيدا ڪئي.

[٢٨]

پيرُ ولايت وترو، پاندي پيرُ پٽس
ڏيکاري راهه رحمان جي، گوهر آڇي گٽس
لٽڻو جاجڪ جسُ، لٿي چنتا چارئين.

[٢٩]

پيرُ ولايت وترو، پاندي پير سڄاڻ
لاهي جو لطفَ سين، غيرن جو گماڻ
سو ڏياري ڏاڻ، جو طمع کي ترڪ ڪري.

[٣٠]

پيرُ منهنجو پاتشاهه، پيا وَلِيَ سڀ وَزِير
هلن حضرت شيخ ڏي، فوجون ڪيو فقير
ڪن عرض، "اسماعيل" چئي، هنئين منجهه اڪير
داتا دواهه پير، تون نالائق نوازئين.

[٣١]

پيرُ منهنجو پاتشاه، جو نتو ڪنڌ نمائي
فريادون فقير جون پيو عرض اونائي
آسرو مون آهي، هادي حضرت شيخ جو.

[٣٢]

سي سيئي شيخَ ٿيا، جي پڻيءَ لٽڪ لڳاءِ
تن مريدن مٿو ناهه ڪو، جي وڏا شيخَ سنداءِ
تون هادي هدايت جو، ڪر منهنجي ڪاءِ
سي مون پٽڻهه پاهه، جي صبح ڪيم سڏڙا.

[٣٣]

صُبُحُ ڪيم سڏڙا، سڄ هادي سندا حقُ
آڏا جي اندر ڪي، سي شيخُ لاهيين شڪُ
ڪوڙين آن تان لڪَّ، نالائق نوازيا.

[٣٤]

ڪي ڪنهن جا ڪارڻي، ڪي پڻ ڪنهن سندا
اسين صوفي شاه جا، بالله لڳ بندا
ميرا جي مندا، پيرُ پڙاهي پانهنجا.

[٣٥]

ڪي ڪنهين جا ڪارڻي، ڪي پڻ ڪنهين پَر
اسان ڪي صوفي شاه جو، آهي وسيلو واهر
تڪن ڪي تاهر، جهلو جهوڪ ڏٺين جو.

[٣٦]

صُورت پانءِ مَ شيخِ ڪي، آهي معني مڙوئي
حقُ حقيقت جنهن ڪان، ٿئي ثابت سڀوئي
اکيون اهوئي، پسندي پاڪ ٿيون.

[٣٧]

صورت ناهي سپرين، اي تان اورانهين
پيهي پرانهين، ڏسڻ ڪنان ڏسُ تون.

[٣٨]

صورت پانءِ مَ شيخ ڪي، جنهن جي مثل نه مُقابر
آڇي راه الله جي پيغمبرائي پَر
ونءُ دوستائي در، "صادق" گهٽي صدق سان.

[٣٩]

جي ڏسين منهن مرشِدَ جو، آٽي منجهه اکين
تہ ٻولي منجهان پين، سٽين سڏ صاحب جو.

[٤٠]

جي پيهي وڃن پاڻ ۾، منجهان منجهه مرشد
ته اکيون پسنئي عيد، اوسَرُ ڇڏي اورهون.

Gul Hayat Institute

[٤١]

سَٽِي سڏ شيخ جو، متو م موڙاءِ
آئيڻي اگهاءِ، ته مانَ آهينئي مگڻا.

[٤٢]

سٽي سخن شيخَ جو، وسهي تون ويهه
ته ڏاتار سندو ڏيهه، اندر تو اثبات ٿئي.

[٤٣]

جي هينئڙا تون آچيو، ته پلو اٿئي پُرُ
ويندي واٽڙين تي، تڏو پانئج تَرُ
قلندر شاه ڪرم سان، ڪندو نيڪ نظر
داتا سندو دَرُ، اٿئي پهر اکين ۾.

[٤٤]

دلِيئون دَستگيرَ کي، جيڪو ڪري آهه
تنهين سندي پانهه، تو ڇڏائي ڇيهن ڪان.

[٤٥]

دلِيئون دستگير کي، جيڪو ڪري سڏَ
تنهين سندا هڏ، تو آڪاري آوڪيءِ مان.

[٤٦]

ڳڻن ڪنهيو جندڙو، اوڳڻ آهي ڪونه
جي تون ڪَترِيين اونَ، ته توري پڙهن نه آن جي.

[٤٧]

نالو سندو سچئين، مٿي محبوبن
نبّي نور سئين، آدم ڪنان اڳي هو.

١٥٥

هي جي آيا پاند پيڙا پيرَ مُلا،
تن جون متنَ مرادون پنيون، اچي پيئا پاڪَ دَرا
١- پٽسيي پڙ پيرن جا، منهنجا تنهن سين نيڻ ٺريا
٢- پٽسيي تن پيرن کي، مون تان سهجان سڏ ڪيا
٣- ساري تن پيرن کي هي ڏان سرها سيئ ٿيا.

## صدا

پيراڻيي پچار، منهنجو جيءُ جياريو

١- ٿونٽيين، منبدين، مگٽين لهي سيني سار.

## صدا

ڪنديس آءٌ قربان، مٿان پرينءَ جندڙو

١- توٽي ڪوٽي نه سپرين، جي مان ڏئي نه مان
٢- گوليي آهيان اُن جي، ڪهڙو ڪريان شان
٣- سيپٽي ساز سڙ ڪري، تالن هٿان تان
٤- ”صادق“ ڏسن سپرين، منهن ورائي مان.

## صدا

جي مان پورهيت ڪن، پورهيت تي پاٽي پريان

١- سِر ڪريان سيٽهين، پيون ڏيٽي پِنَ
٢- ساهُ ڪريان صدقو، هوند گهوري مٿان تَنَ
٣- ٿوري پڙان نه ان جي، مون ڪي جياريو جَنَ
٤- اهڙي حال هلن جي، ”صادق“ سي سڏجن.

Gul Hayat Institute

# سُرُ موکي

## صدا

توُن نہ پِرندڙي مٽ، او آيل! توُن نہ پرندڙي مٽَ،
اي هو پيالي پرينءَ جي
١- جي سِرُ ڏني سُپجي، تہ سهانگڙي سِٽ سَٽَ.

## بيت

[١]

ڪين سٽيان ڪيٿهين، جان پڇيم پاساري
مون کي سُلي سچٽين، ورِهہ جي وائي
اهڙا عطائي، ڪٿي ڪنهن ڪُونڻ تيا.

[٢]

موکيءَ سندي مَٽَ تي، آيو اِيءَ نہ آهہ
جو جتن آهي جان جو، سو سانگ سِسيءَ جو لاهہ
اچج اگهُورين جيئن، مچي اچيئي ساءَ
سارو چوءَ شراب جو، اگهہ اهوئي آهہ
پيئڻ ڪارڻ پاءِ، توُن ڪاني ڪرٽ ڪپار مہ.

[٣]

جني وڌو ڪرٽ ڪپار مہ، تن سانگو ڪيو نہ ساہ
سندي شوق شراب جي، رَمِي ڏنائون راہ
پيئندي ڏيي پُرِ تيا، ٻي ڇڏيائون آهہ
ساقي جيئن صلاح، تي سِرَ ڏنائون سَٽَ مہ.

[٤]

پيار ڀين پرت سين، تن مٿن مات نہ هوءِ
وڏو ڪوڏ ڪلاڙ جو، تن ڪاتن ڪُسّ نہ ڪوءِ
تَڪِينَ ۾ طلب جي، هُوڪ ڏهاڙي هوءِ
واڪو وهي ووءِ، موڪيءَ جي مڪان ۾.

[٥]

موڪي مُٺي مَٽَ جهُريا، وهاڻُو ويا
لٿو ڪوڏ ڪلاڙ جو، ڪاتن ڪُسّ ڪيا
تڪيا "تماچي" چٽي، پتسو پَٽَ پيا
ساهان سُورَ تيا، موڪي متارن جا.

[٦]

موڪي متارن جا، ويٺي ڳَڻ ڪري
هي جو متندُ مٿن ۾، سو پيو سڙي
ڪوڏيا جي ڪڙي، سي "ڪِٺي" چوءِ ڪٺي ويا.

[٧]

موڪي متارن جا، سُهمَ ساريو ٿي روءِ
جي تڪي جا طالبُو، تيان هاڻي هيت نہ ڪوءِ
پياڪن ٿون پوءِ، ڪڏي آءُ ڪن ڪي ڏيان.

[٨]

موڪي متارن جا، ويٺي سُهمَ ساري
چئي: وجهنديس واٽن ني، هيتَهُون آءُ هاري
"پيرو" چوءِ پاري، ويا ويچارا ڳالهڙي.

[٩]

موڪي پٺي ماري، متارا ماري
ڪالهہ اوريائين جن سين، سي اڄ نہ اوتاري
سانپيٽرا ساري، پڙهڪيو پاهر نڪري.

Gul Hayat Institute

[۱۰]

جڏهن ڏٺوءِ سڀ شراب ۾، تڏهن ڪُوڪيو تان ڪلار
پڇي مٽ پورا ڪري، هٽ هٽي هوند هار
تہ تــو اگڻ پيهار، اگهُوري تيي آئيا.

[۱۱]

موڪيِي مٽو نہ گهريو، وِهَ نہ وِهاٽيا
سُرڪيِيءَ "سليمان" چئي، اتهين تيي آتيا
جي ڳالهيُن ڳڳاٽيا، تن جون ٻٽيءَ ڏاري ٻڌيون.

[۱۲]

ڳالهيُن جي ڳڳاٽيا، پَسُ تنهين جا پارَ
حاضر ڪري هٽَ ۾، ڪاٽيائون ڪپارَ
ويندي ڪيائون نہ وار، ڪو مُنهن متارن آئيو.

[۱۳]

متارا مَندَ ري، پيا سِڪَ سڙن
جي وڍينس وِڍَ ڪري، تہ ڪِين پڪ پڙن
پيا پِسِين، "پِرو" چئي، مٿي ڏڙ ڏڙن
پِٺون ري نہ پڙن، ڪانهي ڪلاڙن جي.

[۱۴]

ڪلاڙن ڪا وهي، اڄ نيسري سيرَ
موڪيِيءَ مٽ آپٽيو، ڪئي عاشقن اکير
هٺا وڏائيِي وِيرَ، ڪو مُنهن متارن آئيو.

[۱۵]

ڪلاڙَن ڪا وهي، اڄ نہ سري سيٽ
شيشن مٿي سون جا، هٺا چڳيرا چيٽ
موڪيِي تنهنجا ميٽ، هيڪاندا ئي هليِي ويا.

[۱٦]

واسينگ ڪيِي وِهُ جا، آنداءُون اتور
سي ڪاڙها ڪُٺيِي چاڙهيا، ڏيئي ڪنگوءَ ڪور
مٿيِي چوڏيِي چور، پسو پياڪن جيِي.

[١٧]

واسينگ ڪڍيو وير جا، آيو وير وهي
ٻنهي هيٺ ٻاھ ڪري، پياريائين پٽهي
چوکي ڳالھ چٽي، ماريائون متارن کي.

[١٨]

واسينگ ڪڍي ور جا، جوڳي آندا جٽ
ڪاڙھا ڪٽي چاڙهيا، پڪي سان پرت
لتڙي نينهن نرت، تي موڪيي متارن جي.

[١٩]

واسينگ ڪڍي وير جا، جوڳي آندا جال
ڪاڙھا ڪٽي چاڙهيا، متي ڏيٺي مال
موڪيء سندي پال، تي ماريو متارن کي.

[٢٠]

متارا مري ويا، موڪيي تون نه مرين
کهڙي پر پرين، تيي ڏکي ڏاتارن ري.

[٢١]

ٻنهيء هيٺ ٻاھ ڪيو، ٻهون تي پاري
سرو سنباهيائين سيکهه م، داتهَ ديناري
پڪن نه پاري، تي متا متارن جا.

[٢٢]

ٻنيء هيٺ باه ڪري، ماڪ پاريائين مچ
موکي متارن کي، ڳاڙيو ڏئي ڳچ
سرڪ تان سچ، ڪٿر تو ڪوڙ لهي.

[٢٣]

پيڪ نه ڏين پٽ م، آيا جان ڪلار
سندي سير پچار، آئيو وجهن وچ م.

Gul Hayat Institute

[٢٤]

نڪا ٻاھ ٻٺيءَ جي، نڪو مٽيءَ مُلھ،
مٿا اُتر، "محمود" چئي، توريائين نہ تورُ
اُٺان ڪيي آمُلُ، پيري پيار پيلا پرين.

[٢٥]

سائين نہ سري تنھنجي، ڪوڙين پيا ڪلار
ساقي انِ شراب ۾، توحيد جيي تنوار
گُڏِيا گهوٽ هزار، جي انِ پيالي پُر ڪيا.

[٢٦]

وڏو دَور دُڪان جو، هي موکي، هُو مٽَ
پِڪَن ۾ پوشيدن جون ٿيون پلٽون مٿي پٽَ
سري جيءَ سهٽ، اچن ڪُوَنر ڪڪوڙيا.

[٢٧]

اڳهوري الماس جي، سرو چڪايو شاھ
عاشق آيا اُسِري، جي ٻٺي جاءِ پيا
سا وٽ نہ قِري وَٽيين، نڪو چيني چاءِ
ڪاھو ڪپارا، ڪوريو جهلين قطرو.

[٢٨]

ڪو جو ڏنئين قطرو، تنھن قيمت پڇي نہ ڪوءِ
معرفت "محمود" چئي، هٽ تنھن جي هوءِ
سرو سهانگو توءِ، مٿي ڏني جي ميلي.

[٢٩]

ناھ نُرخ نفعي جو، ٻٺيءِ ڪانھي ٻاھ
قرب قطرو قيمتي، سرو برابر ساھ،
سيران پوءِ صلاح، تي موکيي ڏنو مٽڌُ جو.

[٣٠]

جي اٺئي مٽڌَ سُرڪَ جيي، نہ وَڃُ وِنيارن وَٽِ
سرو پهچ سڀ پٽرين، ڪري سيرَ جي سٽ
موکيي مُور م مٽ، تہ وڃهو ٿئين وصال کي.

[٣١]

*** جي اٿئي سِڪ سُرڪَ جي، ته ڪلارن ڏي ڪَـهُه
ساماهان سُور، "صديق" چئي، سَرَي سندا سَهُه
لـوچي سي لَـهُه، سر جن جـا سٽ ۾.

[٣٢]

*** جي اٿئي سِڪ سرڪ جي، ته وڃ ڪلارن ڪهي
وٺـي رَڪيي وات نـي پيرڌان پيج پهي
رهج سور سَـهيِ، ته سچو ٿئين، "صديق" چئي.

[٣٣]

پِـڪَ پيئندي پرزا ٿيو، متو نه ماڻي وَٽ
ساقيءَ سر نه قبوليو، چي: اي سهانگي سٽ
پاڻ هنهائين پٽ، ڪـٺهي وٽ ڪلار جي.

[٣٤]

موڪـيي چوڪي نه ٿئي، ايءَ پڻ اوچي ذات
وٺيون ڏيئي وات، ٿي ماري متارن ڪي.

[٣٥]

موڪيي متُ آپتئيو، ڪي ڪلارن ڪـُوڪَ
مارياڻين متارن ڪـي، جي محبّتي ملوڪ
پاڻ ڏنائون پِـڪ ۾، هئي هئي وهي ٿي هُوڪ
"صادق" ان سلوڪ، ڪوڙيين ڪـٺا ڪيترا.

[٣٦]

موڪـيي منجهئين مٽ مان، ڪو جو ڪـَيف ڪيو
تـوري تـرازوءِ سين، صورت منجهه سچيو
متـيءِ جو مثل نه جڙي، هُو قطرو ڪوثر جو
مٽي جو مٺهه نه ڪو، سِرُ تان ڪاڻي ڪاڻ ۾.

## صدا

مون کي آيل آمڙ پوءِ ماريندا ويڻ، پاڙيچيون پرين جا
١- ڏيرن ڏمر من ۾، نکو ياڻي پيڻ
٢- سمهان سک نہ جنڊڙي، سُڻي ويڻڙم سيڻ
٣- هڏ مڙيئي جل ٿيا، مري جهڙا ميڻ.

## صدا

اي ووه ووه جيڏين ڏنا ميهڻا، آءٌ موتان ڪيئن ڪري
اي پهہ پڻڙم اي آيل وڃان ڪيچ مٿي، توڻي توڻي توڻي پند پري
١- هو اک نہ سوتيڻڙو، آٿ اي ٻر ٻاڙي
٢- پند نہ پنڌن جيترو، وينئي گهاٽ گهڙي
٣- جانڪيي ٻڌا مون ڪيا، تان ووه ڏمر ڏير ڪري
٤- ڏيان ڏولاؤن ڏونگرين سو مان هوت وري
٥- چلان متي چپرين پهڻن پير ڌري
٦- ڪيا اوتارا اوتيين، لنگهي پب پٽري.

## صدا

آرسيون آسُور جو، اي هو تن اکين کين کيو
١- سورن بنان سپ ۾ ڏسن کين ٻيو
٢- سي متر مترن مامري، جن سُڻي سات ويو
٣- رتو روئيمن پرينءَ کي، وڻ وڻ هيٺ وهو
٤- غافل ٿي غفلت ۾، ٿيون ڏکيءَ ڏوه ڏيو
٥- ”صادق“ رهيون سگنديون، تن اهڙو پڻهہ پيو.

# سر سسئي

## صدا

سي سڄڻ الو الو لڏي لوءِ ويا، لڏي لوءِ ويا، اي پر لڏي لوءِ ويا
سي سڄڻ الو الو لڏي لوءِ ويا، جي هوند ڏُک ڏکويا ماءُ منهنجي

١- ٻاروچا پنهور ۾، منهنجا آڳاهان ويا
٢- ڦوڙائو فقير کي، الا ڏينءِ ڏهر ويا
٣- سورن جو سرير ۾ مون کي ٻاري مچ ويا
٤- مون کي سور سرنيون، اي پڻ لکيا اڳ هتا

## بيت

[١]

تيئن تيئن تاڙي پنڌ ۾، جيئن جيئن تپي ڏينهن
کو اڳهائج نينهن، ٻانهي ٻاروچن سين.

[٢]

تيئن تيئن تاڙي پنڌ ۾، جيئن جيئن پيچي رات
پوري ٻي نه تاتَ، جهڪا سا جتن جي.

[٣]

ڪَنُ پٽر پرينءَ جو، ماءِ وهاڻو وار
جيڪي ڏنوءِ ڏيج ۾، سو سيوئي سار
وڃان تي وڏڪار، مڇڻ موٽڻ نه ٿئي.

[٤]

ڪنُ پٽر پرينءَ جو، ماءُ مٺهارو جهل
ڪرلاهُو ڪيچ ويا، آئي هاڙهي هٿل
آهل مون مَ پل، ورهه واڻون لائيون.

Gul Hayat Institute

[٥]

ڪَنُ پَتُر پرينءَ جو، هِت نه هونداسون
جيجل جوڀن ڏينهڙا، ڏکيا جالياسون
آيل مٿان مون، وِرهه واتون لائيون.

[٦]

ڪَنُ پَتُر پرينءَ جو، هِتِ نه هونديَاسِ
پُنهلَ کي چُونديَاسِ، فريادون فراق جون.

[٧]

ڪَنُ پَتُر پرينءَ جو، چَريو ٿَئُم چِتُ
ڪَتَر لاهُو ڪيچ ويا، ڀيو ڀروسو نه ڀيت
هاڻ نه هونديس هِتِ، وِرهه واتون لائيون.

[٨]

ڪَنُ پَتُر پرينءَ جو، چريو چِت ٿيوم
هينئڙو هوت هٿي ويا، وسان ٿيي ويوم
جيجان جيءُ اڙيوم، وِرهه واتون لائيون.

[٩]

ڪَنُ پَتُر پرين جو، سيوئي ساري
ڏک منهنجي ڏيل ۾ ويو ڀاروچو ڀاري
آيلَ مون ڏاري، وِرهه واتون لائيون.

[١٠]

آتُ نه ڏونگر ڏوريون، ستيهين سُک نه ڪوه
پڇون پرهيارين کي، واکو وڃهو پوءِ
اڳڻ آيو هوهه، مان کو پارانيو پنهونءَ جو.

[١١]

پارانيو پنهونءَ جو، اڳڻ کي آون
ميچڻ ڪنهي ڪيچ وڃن، توکي ڇڏي ڇپرين.

[١٢]

مون کي ڇڏيائون ڇپرين، ڇاڻي سچاڻي
پريم جو پاڻي، سو ڪم نه آيو ڪيچين.

[١٣]

ڪيچان ڪيچي آئيو، آءُ پڻ سندي ڪيچ
اڳ آڏ ڪي آهيان، پٺيان ڀاڳن پيچ
هيس گهڻو سنيچ، پر نند نهوڙيس جيڏيون.

[١٤]

ڪيچان ڪيچي آئيا، اڪيون ايئن ڪرين
نه ڪو سانگ سسئي جو، نڪا ڳالهه سڻين
هوت پنهون تا نين، ڀاروچا پانهون ڪيو.

[١٥]

ڪيچن مون سان ڪونه ڪيو، جتن يارانو
نالي سيتس هوت جي، متم ڀارانو
تيلاهين طعنو، ڏيندي مون ڏير ويا.

[١٦]

ڪيچين مون سان ڪونه ڪيو، ڪو پٽهه پوراتو
متس نيائون مانُ پرين، ڪو جهلي جوراتو
اڏيون اوراتو، هتيئين سين هيڏو ٿيو.

[١٧]

ڪِ پاڻهيو ڀاڻ ۾، تي آئن اوتارن
ڪتنُ اڙائو ڪتنَ ۾، تا ڪجهيون ڳالهيون ڪتن
ايءَ پٽهه ڀاروچن، تي مرڻ منهنجي جو ڪيو.

[١٨]

اٺَ سوار آئيا، مادر آءُ مٺيي
ڪتن اڙائي ڪيچئين، سرپر ڪا ڪٺي
سرتيون سيجَ ٺئي، هنيڙو اوُ تان ڪٺي ويا.

[١٩]

ٻولي ڀاروچن جي، وڃي وڏيس ماءُ
اچي تي اوچتي سانگين سين ساڄاءُ
جيجان جهل مَ پاءُ، هنيون هوت هٺي ويا.

Gul Hayat Institute

[٢٠]

ٻاروچي ٻولي جن جي، ڪيئان لهنديين سي
سچي جوءِ ڪري، پيهي ويا ڇپرين.

[٢١]

ڇپر ڪنهن ڇيه ويا، اونهين پند اجهاڳ
ڪوهيارو ڪيچ ڏئي ويو ورائي واڳ
پتيئي مُئي ماڳ، رڻ ۾ رات رت ڦڙا.

[٢٢]

پير نهاريم پرينئي [redacted]، هاڙهو ۽ ڳاڙهو
روئڻ ۽ راڙهو، پينر مون پاڳي پيو.

[٢٣]

پينر مون پاڳي پيا، ڏوراپا ۽ ڏُکَ
هُو جي سُڄڻ سُکَ، سي وندر جي واٽ ويا.

[٢٤]

جان مون گهٽو نهاريا، رَندَ روئي رائي
پيئس نه پائي، آيل پاروچن جي.

[٢٥]

هيئڙو هوتاڻن سين، ٻڌو ڪنهن ٻنڌاڻ
ڪا جا پيس ڪاڻ، نِبيرِيانس نه نبري.

[٢٦]

آن ڪا ڏني ڏوتيا، پاروچي لاڏاڻ؟
ماڇوئي رهاڻ، مون سان ڪري هليا.

[٢٧]

هُيم هوتاڻن سين، ريتيين رِهائي
ڪاٺي ۾ ڪوري آءُ
پسي پٽر پرينءَ جو،
پنهون آرياڻي، ڇڏي هليو ڇپرين.

[٢٨]

سُمهڻان ساڙو
تمو، جيڏو ئي جيڏيون
ننڊ نبيرو جيڏيون.
پنهونءَ سان پاڙو،

[٢٩]

سُئيس ڪنهن سياڳ ڪي، ڏٺي اولاڻو اکين
هاڻي هِنَ پنهور ۾ گهُمان خاطر ڪن
اديون اوتيُڙن، هنئين سين هاجو ڪيو.

[٣٠]

جاڳان تان جيئن ٿيو، هيس منجهه خمار
ڏسان نه ڏيرن جا ڪرها منجهه قطار
جيڪر هُيتر سارَ، ته هوتن هاجو نه ڪيو.

[٣١]

لوڪ نهاريان نه لهان، پاروچائي ذات
جيئن جيئن ڪريان مات، هينئڙو تيئن سُور چري.

[٣٢]

ڪو ڪِنِ پاروچن جو سٽهي سنيڙيوم.
ڪِتل ورهاڻو پُسيو، جاڳي جال رُنوم.
اوڏيهه چِڪَ نه ڇُهيا، پٽي نه پيرون
پوپون اِيءُ پيرون، جيئن نينه نبيري هليا.

[٣٣]

هتان مون هوت ويو، هٿي هٿي حادثو
هيڏو قهر قلوب سين ڪڏهن ڪونه ٿيو
ڪنجاڙيان ڪيچ ويا، مون تان ڪِنِ ڇيو
پائيهي پٽهه پيو، رضا راڻا سپرين.

[٣٤]

* ** گوندر هن غريب تان، اُچِن نه لاهِين
مون ڪي جوش جتن جا، تا پَرَ ۾ پچائين
لتڇُون جي لاهين، سمئي سور سمهان ٿيا.

[٣٥]

ڏک پريان جو ڏيل ۾، ويران وير آجهل
سُورن يرد و پتل، جيئن وندبيان تيئن وترو.

Gul Hayat Institute

[٣٦]
ڏُڪوئي ڪانہ لهان، پَري پَٽان سُور
سَرَهيتَن جي حضور، پار نہ ڪَٺان پرينءَ جو.

[٣٧]
ڏَکي ڏُکَ مٿي ڪري، وانءَ چِپر ۾ پيهي
مان گَڏجن ڏيهي، جي سوڏيون ڏينئي خبرون.

[٣٨]
سوڏيون سپيرين جون، واڪا نہ وائي
پنهنجو پِريم جنڌڙو، سُورن ساماڻي
وَرَ لئي واجهائي، ماءَ مرنديس ڪَڏهين.

[٣٩]
سوڏي سپيرين جي، خبر ناهي ڪَنڙي
سُورن سانگهيڙا ڪيا، ولهن جيئن وَري
رائي منجهہ رڙي، ماءَ مرنديس ڪَڏهين.

[٤٠]
پيرس ڏاڍي ڏونگرين، پنهنجو پِران پاڪَ
پاروچا پانهنجي سين لاهي ويا لاڪَ
وڏي ڪنهن سِياڪَ، آتَ پسنديس اَن جا.

[٤١]
چُڪيتَس چور مَ ڪرهو، مُنئيس جهَل وَ مهار **
ساجن توهان ڏار، ڏِنُمر ڏينهن قيام جو.

[٤٢]
وڃيو روئي رَتَ ڦڙا، ڪاڻي ڪيرن هيٺ
مون ڪا تيندي ڏيٺ، پيهمَ پاروچن سين؟

[٤٣]
سُوريتي سُورن ڪي، آيي ڪري سنڌَ
سُورن پگس هنڌَ، نہ پئي سڪي سُورَ سين.

[۴۴]

آهت نہ سچي سُورَ جيءِ، نڪا ڏڪ پچار
ڪانهي تن تنوار، نينهن نمائيون جي ڪيون.

[۴۵]

گهيڙ گهمندي جي ڏنيون، پنهونءَ پيرڙيون
سي مون واتڙيون، نت نهارڻ پيئيون.

[۴۶]

هينئڙا ماڳ متين جا، وانءُ وچي وانئٺ
چُمي آهُ چانئٺ، جا پرين لائي پيرَ سان.

[۴۷]

هلو هلو جيڏيون، پسو لال لٽئو
اديون آرياڻي جو، سچُ ڪ سات ڪٽيو
هينئڙو جن هئيو، سي جتَ نہ پسان جُوءِ ۾.

[۴۸]

جتَ نہ پسان جُوءِ ۾، اوتارا آهيئي
اکڙيون سوئي، ماڳ نهاري موٽيون.

[۴۹]

هلو نهاريون هوت جون، پينر اوطاقون
سڪيون نہ سيٹن جون، ماڳن تان ماڪُون
نسورياڻي ناڪُون، سچي هليم سُور جون.

[۵۰]

ميڙو منهنجي نجهري، اچو ڪٽي آرٺ
آن ڪي سلان جيڏيون، گهاءُ اندر جي گهٽ
قوڙائي جا ڦٽ، ڪڙيون ڪن نہ مورهين.

[۵۱]

چاڪَ منهنجا چوريا، پاڙيچين روئي
مون سين سورُ سوئي، جو نہ جياري جيڏيون.

Gul Hayat Institute

[٥٢]

ڪرهـــا ۽ اوٺـــي، آن ڪي لڪي ڏٺ
مون سين هٿا آٿ، تو پاند پُڇي نه جهليا.

[٥٣]

پرهه پاند پنهونءَ جو، لڪي چوه لڳوم
ڏڪنوبو ڏنـــوم، توهٿئون گهڻو سـپرين.

[٥٤]

چنڊ يم هيج هلڻ جي، چاڙهيڪا چڪيام
آرياڻـي جي آسري، ڏونگر ڏينهن لڳـام
مونج پرين سندام، ويئس ورڪ نه آپڙي.

[٥٥]

لتـاڙينـدي لڪيون، مـاڳهين آءٌ مُياس
بـازن ڪاڄ ٿياس، سگهو مـونج سُپرين.

[٥٦]

تون اساري اوجهرين، هـوتـن هلڻ وارَ
چوري رڪج چيتَ م، پـريان جيي پچار
ڏيئي سُور سنبار، مچُڻ وچنئي سنجـري.

[٥٧]

تـون اساري اوجهرين، هـوتن هلڻ من
آرس اڪڙين م، ڪاڻياريون ڪيڻن ڪن
جن وڻان هوت وچن، سُڌ تن کي سُور جي.

[٥٨]

تـون اساري اوجهرين، هـوتـن هالاڻو
ڪميٺي ڪيچين ري، ڪيڻن تو سُڪ سيباڻو
ڏيئي پڳ پـاڻو، مچڻ سين وچنئي سنجري.

[٥٩]

جنئيي ديکيو دل سين، پڻيءَ سي پيئون
نه پڻ تي ويئون، جي پنهونءَ پاڻ لڪائيو.

* * *

Gul Hayat Institute

[٦٠]

مون جٺن هوت اکين سين، ڏٺان جي ڀروچ
تہ مون کي ڇيان لوچ، آئين پڻ ڇڏيون ڇپرين.

[٦١]

آن جي ڏٺي جيڏيون، پنهون جي پاپوھ،
تہ اندر اوراچو ڪري، هوند رُنان منجهان روح
سنجهي جي صبوح، هوند نہ ويان وسري.

[٦٢]

مڙيئي مون کي نہ ڪري هو، آهہ جا هيرئين هوت
داغ دارون سين نہ لهي، ڏنا جي بلوچ
هاڙهي سندا هوت، ڦبن ڪيئن فقير کي.

[٦٣]

واري جا واتن جيي، سا جي تيان پيون
تہ ڪيچي مٺان مون، اچن قطارون ڪاهيو.

[٦٤]

جتيي مون سين گهاريو، تن سورن کي شاباس
هيڪڙا وهيا پرينء سين، ٻيا رهيا مون پاس
ماڳهين هوند مياس، پر ويچارن وس ڪيو.

[٦٥]

ڪيچ اڳاهون پنڌڙو، ڏوتين ڇيس ڏور
پاڻان پتسي پور، وڪ وڏايائين وترڪي.

[٦٦]

اسان نمائين جي، کهڙي پڇين ذات
ڏينهن سچو ئي رات، مٿي ڪلهن اوئيون.

[٦٧]

اجان آهيم هيڪڙو، ڏونگر توتي ڏڪ
منهنجو پڳو سڪ، تون ڇپرُ ڇوتا نہ تيين.

Gul Hayat Institute

[٦٨]

ڏينهن تتي ڏونگر ۾، اوچنگارون اچن
پڇيو پاڙي وارين، اِيءَ چُرِي چوري ڪَنَ
مٿي مُئي لتن، سجاڻائين سرٽيون.

[٦٩]

پَرَ لڪن تي لمندي، ڪارا ڏنائين ڪانگ
پانئي ڪِ پَڪا پرينءَ جا، تان وٺن تا ويراڳ
سپيريان جي سانگ، مادر مون کي ماريو.

[٧٠]

پانئي ڪِ پڪا پرينءَ جا، ڏونگر ڏنائين
واڪا ڪيو وِتِرين ۾، پُهي تي پڇائين
سَڏَ جي ڪيائين، ميرُون ماريائين اَنَ سين.

[٧١]

آئيــنُ جي وَرَن واريُون، وڃو سپ وري
آريائي پنهُونءَ جي، تِي سُڃي ڳالھ ڪِرِي
ٻُنييان جن ٻِرِي، ڏونگر سي ڏوريندِيون.

[٧٢]

آئيُن جي ورن واريون، وڃو سپ موٽي
ڪانھ هلندِي ڪيچ ڏي، مون ڪَرهو مَ ڪوٽي
ڪَڍيمُ ڪاڇوٽي، ورِ ڏِمُ جوڳَ جتن لئي.

[٧٣]

مون سين ڪا مَ نڪري، سرتيون آڏي سُڃَ
پاٽي ناھ پند گهڻو، رُڃُ، راتو ۾ رُڃَ
متان مري اَڄَ، ڪا ڏُئي پاراتو پِرينءَ کي.

[٧٤]

ڪلهي قاتو ڪنجرو، جهَنگن جهوتون ڏي
ڳالھ ڳَرهيائين جن سين، سور پريائين سي
وپچاري هاڙهي، گهڻو ڏکوئي سَسُئي.

Gul Hayat Institute

[٧٥]

ڪُلهن ڦاٽو ڪنجرو، ڏکوين آهيان
پيٽن گوندر گڏيون، لوڪ نه آڇن پاڻ
ٻاروچاڻو ٻاڻ، جنهين لڳو تن لکيو.

[٧٦]

ڪُلهن ڦاٽو ڪنجرو، متو اگهاڙو
ساجهر "سُليمان" چئي، هوت لنگهيو هاڙهو
ڏوٽڻ سيئن ڏاڙو، جتن جيڏو ٿي ڪيو.

[٧٧]

ڪوڏ ڪوهياري ڪنجرو، اچا رات رَتوم،
پينر پڇايوم، صبحاڻي ٿي سورن سين.

[٧٨]

آيي اوسر آسَ م، مُنڌِ مَ متڪَ وبهُ،
تو سيئي سيڻ ڪيا، ڏور جنين جو ڏيهُ،
تون نماڻي نندون ڪرين، پٺيءَ پنڌ آڇيهُ،
پاڙي پاڙي پيهُ، وَٽُ پڇندي پنهيرا.

[٧٩]

پڇو، نه آبٿو، پينر پنيورا
اڳي هن ماڳا، سرتيون سور پرائيا.

[٨٠]

پنيور ٿي هتن ڏيان، ڪنهن ڪتن، ڪنڌِ ڪپاهَ
ساجن منهنجو ساهَ، هاڃي منجهه هٿڙي وڃو.

[٨١]

گهوريان سُڪ پنيور جا، متَر لڪن جيي لوڏَ
امڙ تو جي آڇيا، سي ڪم نه آيم ڪوڏ
هنيين منهنجي هوڏَ، ٻڌي ٻاروچن سين.

Gul Hayat Institute

[٨٢]

پُنهيءَ هوت نه هليو، پُليو سڀ پنهور
شهر سڃاتو ڪينڪي، هو آرياڻي آتور
ماڻيو تنهين مور، ڏٺيو جن ڏِل سين.

[٨٣]

وِلاڙي وڻ چڙهي، ڪين جو ڏنائين
موت مارِيائين، پاڻ تنهن جي پُٺِ ۾.

[٨٤]

رڙهه روحاني سسئيءَ، مري جيءَ معذور
قدم قريبن جو هيڪڙو، سيئن چوٽي پُر چُور
(سرتيون مون ڪي سُور، پرينءَ ڳڏجي پوءِ ٿيا.)

[٨٥]

متڇُڻ ڇڇئين سسئي، هاڙهي جو ڀروچ
اوٺين ڪنان اڪاهون، جيڪي چونس هوت
(پهرين ڪندئي موت، پوءِ پارينداپريتڙو.)

[٨٦]

ساڻ محبت قطري، هارينده هڙِي
آلا قٽ فراق جا، ڪندئي چاڪ چڙِي
جت آهين جوءِ ۾، گهارين تان نه گهڙي
وڃج منڊ مري، جتن ساڻ جيئري.

[٨٧]

نه ڪا ساڃاءِ سونهن ۾، مٽڇُڻ ٿيو موت
سري ڪاتي قتل ٿيو، هاڃي هنئي هوت
نه ڪو پنهونءَ پوت، نه ڪو سڏُ سسئيءَ جو.

[٨٨]

سڏ نه سپرين جو، هاڙهي منڊ مري
پسڻ لاءِ پرينءَ جي، اکيون آب ڀري
سسئي ڏانئن سري، پرواهه ناهه پنهونءَ کي.

*

Gul Hayat Institute

[۸۹]

سَسُئي سين سروائن ڪئي، جتن اي زاري
ان پريت پروڙي-و ڪينڪي، پانهنجي تي ياري
ووه ووه ڪيو وسائي تي، واتن سير واري
ڪانَ لڳس ڪاري، سيڻن جا ”صديق“ چئي.

[۹۰]

منڌ! جتيندا ڪيترو، جي هلان هلان ڪَن
اوٺيي انهي پار جون پنڌ پچارون ڪن
سَسُئي ڪي، ”صديق“ چئي، جاڳايو جتن
پينر مانَ پيرن، هين سوريتيء جا سپرين.

[۹۱]

مون جهليندي نه رهيا، اوٺيي آئهارا
جتَ هليا جُوء ڏي، ساجهر سوارا
متيا تيم مارا، جي ڪيم سيڻ، ”صديق“ چئي.

[۹۲]

نه ڪي سيڻ سَسُئي جا، نه سا سسئي پاڻ
روبو ڪري رهاڻ، ساڻ گڏجيو، ”صديق“ چئي.

[۹۳]

ساڻ گڏجي سڄڻين، تيس ڏوهياري هاڻ
سي سچاتم، ”صديق“ چئي، جي ويا لڪائي پاڻ
جيت نه چاڻي چاڻ، آتِ تهو پسڻ پرينء جو.

[۹۴]

پسڻ وچايم پانهنجو، هلي منجهه هُوء
اِي پَرَ ڪوهيارل جي، آپَرَ تمو اوء
سچڻ روبروء، منهن مقابل نه ٿئي.

[۹۵]

مرڻ مُڙ مَ مون ڪنان، ٿي اجل آڳاهون
سسئي جي سڪرات م ٿي دل ڪري دانهون
تيء م آڳاهون، ساڻ آهين سپرين.

Gul Hayat Institute

[٩٦]

پيهي جان پاڻ ۾، ڪتيم رُوحَ رهاڻ
ته نڪو ڏونگر ڏيهَ ۾، لڌي ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي مون سُورَ هئا.

[٩٧]

پنهون چوندي ڪن ڪي، نه سا سسئي سُور
محبّت جو مذڪور، مڙيئي معني ٿيو.

[٩٨]

پوءِ به نه سُڃي سسئي، نڪا اڪ هئي
اوّل آخر نه جُڙي، سا ڪيئن هاڻ مئي
سگهر منجهه سُئي، سو پڻ هئڻ هئس هوت جو.

[٩٩]

ويا ڦوڙائي سپرين، ڏنم جي هيڪار
انهن لاءِ پيهار، ٿي ڏيان وڙولون وڻڙين ۾.

[١٠٠]

هاڻي تن هوتن ري، ڏوريان ڪونه ڏُکُ
هُو جو سُڃي سُکُ، سو ويچاريءَ وڃائيو.

[١٠١]

ڪڙهيو ڪڙهي پرينءَ ڪي، رڻ رَمي ۽ روءِ
ستسُئي سانگ نه ڪوءِ، ڏبر ڏوراٺا هليا.

[١٠٢]

ڏيرَ ڏوراٺا هليا، ياچاڻي نه يانئي
وارينديس وَرَ ڪي پنهون پرچائي
ڪيچين لئاي ڪاهي، سيسي ڏينديس صدقو.

[١٠٣]

ڏسڻ جو ڏيرن جو، پسڻ پاراتو
اڏيون اوراتو، پرينءَ ڳڏجي جو ٿيو.

[١٠٤]

ڪين سڄاتم سپرين، ڏٺم جان ڏيرَ
اوٺيي گھڻو اڪابر هئا، شان وڏي سان شيرَ
منهنجا ڇپن ڇِنا پير، هُو هاڃي هيروان.

[١٠٥]

ڏک ڪريان نه ڏيرن تي، پاڻا بيپرواهه
سِنڌِڙيُڪيي سات ۾، ڪن نه ڪوهيارا!
ماريو وڃن ماءِ، پاروڇِيءَ پوليءَ سين.

[١٠٦]

سورن جي سٽيي وجهي، وِيس ڏير ڏهيي
آلا ڦٽ فراق جا، سگھي ڪين سهيي
هوتن جا هنئي، سا وچڻان وٺي سسئي.

[١٠٧]

پاڙجَ تون پاڻ ۾، ورِهه جِيي واڻيي
سيڻ تنهنجا سسئيي ويا سيٽ سمائيي
جيئڻ جُڏا ٿيي، مرڻا مرڄ ڪينڪيي.

[١٠٨]

پاڙج تون پرينءَ سين، ڪري ڏُکڻ ڏور
هنيون ورجهه ۾ هور، ته ساڻ گڏجين سڄڻين.

[١٠٩]

نه ڪو سيانو سسئيي، نه ڪو مِيٽُ سندوهه
ڇڏ لاڳاپا لوڪ جا، ايءُ قرب ڪوهه ڪندوهه
ڪئهُ ڏکين ڏيل وڌوهه، ان سورن گھڻيون سڄهائيون.

[١١٠]

ڪتهڻ نه پوهه ڪيڇئين، سسئي وڏو سٽ
ٿيو زوراور جت، روئڻ راهيو ڪينڪي.

[١١١]

پدَر وجهي مَ ڳالهڙي، رڙي ۽ روهه
پنهون سُور سندوهه، سيڪ سُلايان ڪن ڪيءَ.

Gul Hayat Institute

[١١٢]

سنجهي ويئس سپرين، تي پيرهتہ ڪٿي پير
ھَي هتي هٿي هتڙا، آٿي آڏيءَ وير
ڏکي ۾ ڏير، پرچي ويا نہ پاڻ ۾.

[١١٣]

اکيون لُڙڪ لڙائيون، مُنهن ۾ ڪِلوڪِيل
سُورن سَلو سَلَ، مون کي مون پرين جا.

[١١۴]

سي ويري، نہ واهُرو، جي مون پانيا ميٽ
پاڻا پاڙهي هليا، سندي سورن سيٽ
ڌهڙو نہ پيٽي پٽ، جهڙو حشر هوت جو.

[١١۵]

هنگامون ۾ هَل ٿيو، ڪيو جتن زور
آتَ اولاڻي آٿيا، پولي پيو پنهور
غافل سندو غور، ڪيچين ڪڏهين ڪونہ ڪيو.

[١١٦]

★ نهاريندي ناهِہ ٿيي، پسي پار پريان
هاڻي ڪيئن ڪريان، ڪوهيارو ڪيٽِ لِتيي.

[١١٧]

★ ڏُکَ سُکَ چڏي سسئي، ڪهين تيڏانہ ڪاھ
پٽري لنگهج پاڻ ڪان، وچ نہ ٿئي واھ
سسئي جي صلاح، ان پر پوہ ابتهِين.

[١١٨]

اوٺي اڻانگا گهٽو، ويلَ نہ رهيا ويھي
مون پانيا ڏيهي، تان ماء مسافر سُپرين.

[١١٩]

★ اوٺي اڻانگا گهٽو، دَمُ نہ دَميائون
مون کي ڇپائون، تہ ويلو ڪجَ مَ وچ ۾.

[١٢٠]

** سکن پٺو مَ سسئي، هليا وڃن هوءِ
پنهون ڪنان پوءِ، مٿان پٽوين مامري.

[١٢١]

سات نہ ويندا سپرين، مون ڄاڻيو مون ساڻ
مادر هئا مهماڻ، مون ويسليءَ وڃائيا.

[١٢٢]

ڏسي مون ڏک ٿيا، ويا ڦوڙائي
مادر هِن متيّن ڏي، ڪيچ ويندي ڪاهي
اڄان سين آهي، سنڌو انهيءَ سات جو.

[١٢٣]

ڏسنديئي ڏک ٿيا، ذات اٺانگي جيئن
پرٿياڻي پنهون ڪي، نيئي نباهي نينهن
ڏوهہ منهنجي ڏينهن، ڪي پلي ڪانہ مٺيءَ سين.

[١٢٤]

ڏسنديئي ڏور ٿيا، سڃاڻي نہ سري
اهڙا صاحب سپرين، گڏ ٻا ڪيئن ڪري
*** نہ ڪي منڌ مري، جيئن جنهن وڃائيو.

[١٢٥]

ڪنهن پر ملي سسئي، آرياڻي آجهوءِ
آٿ نہ اوٺي گڏ ٿيا، وڃن وِٽ وِڄهوءِ
اهڙو سات سڄهيوءِ، تہ سٿين ڪوهہ سڪ ٿي.

[١٢٦]

** مونٽ ٿيس ميهڻو، اڇڻ ڪي آئي
سسئي واجهائي، وڏي ٻاجهہ ٻروچ کي.

[١٢٧]

★ [ ڪيچي ڪهڙا ڪينڪين، مري ٿيءَ معذور
ڏسڻ [illegible] ڏور، نہ تہ ساڻ آهينئي سپرين. ]

مڪر

[١٢٨]

* * پاڻ نہ ڏورين، سپرين، مون سين ڪن مذڪُور
سرتين ٽيئڙا سور، جي سچاتائون سپرين.

[١٢٩]

* * پاڻ پوڄاريون جيڏيون، پريان ڪن نہ پَرُوڙ
جتن لاءِ ضرور، ڪٿئي آءُ ڏينهڙا.

[١٣٠]

ساهيڙين ڪي سُورَ جي، سُڌِ چوندو ڪير
پَري ڪٽن نہ پير، واڳيون آهن ور سان.

[١٣١]

سُڌِ منهنجي سُورَ جي، اديون ڪان آنَ ڪي؟
قائم ٿي ڪيچي ويا، مارياڻون مانُ ڪي
چِپر! تون چا ڪي، ڏکوئيين ڏکيون.

[١٣٢]

ڪيچ اٿيئي ڪونہ ڪو، جِڏي وڃ چِپَرُ
صفت يانءِ مَ سپرين، اِي ٽيڏي آهہ ٽڪَرُ
اِنهُون پري پُرُ، سيڻن ڏانهن، "صديق" چئي.

[١٣٣]

★ پَري پيتُن پرينءَ جو، اوڏو ڦوڙائو
ڏک وسائن ڏيل ۾، سرتيون سجائو
اديون اجائو، وِهُن مون وِهہ ٿيو.

[١٣۴]

پهچان تان نہ پند ڪري، وِهِتُن مُون نہ وس
ڏوريم گهٽي ڏُکَ سان، تان ڏونگر ڏئي نہ ڏسُ
مانَ چُونم جتس، مُئي پچاڻان سپرين.

[١٣٥]

چڙهي ڏاڍاين ڏونگرين، اچان ڏينديس جهوت
مانَ چُونم هوت، تہ مُئي انهيءَ مامري.

Gul Hayat Institute

[۱۳۶]

★ پار اور نہ پند کي، جڪس منڌ آچاڻ
"صادق" سڏڻ ساڻ، سسئي ساهہ وڃائيو.

[۱۳۷]

*★ پار اهو ئي پرينءَ جو، ويئي نہ وُوڙي
ڏونگر تي ڏوري، سسئي ساهہ وڃائيو.

[۱۳۸]

** پاڻ وڃايو پند ۾، روئي رتَ نارين
ڏاڍا ڏونگر ڏيهہ ۾، پنهون جي پارين
اديون اوتارين، هيئين سان هاڃو ڪيو.

[۱۳۹]

** پاڻ وڃائي پند ۾، هائي ڪا هلي
"صادق" انَ سسئي کي، ويا سُورَ سلي
پيئر پتاڪ پلي، مانَ ملان اوئيين.

[۱۴۰]

پاڻ وڃايم پندَ ۾، تان چڀرَ چيهہ نہ ڪوءِ
پارانپو پنهونءَ کي، ڪو چُڪيءَ جو چوءِ
تہ رڻَ آپيي روءِ، آري! لاءِ انن جي.

[۱۴۱]

پاڻ وڃايم پند ۾، تيس سُورن ساڻ
پنهون اچي پاڻ، ڏوري ڏسُ ڏکيون.

[۱۴۲]

مون مٺي متي سپرين، موتج تون پروچ
لڄڻ ۽ لوچ، ورهہ ويچاريءَ نہ لهي.

[۱۴۳]

جيئري جدا ڪين ڪئين، مٺي بہ تنهين ساڻ
پنهون تيس پاڻ، ڏوريان ڏوريان نہ لهان.

Gul Hayat Institute

[١٤٤]

جيڪري جُدا ڪيئنڪين، مُئي ٻه تنهين ڳڌ
سُپَتَني ۾، ”صديق“ چئي، سُتي ڪري سڌ
اوڏي ڪريو اڌ، پاسي ڪريو نه پرينئان.

[١٤٥]

ڏکي ڏورج ڏونگرين، وڃي واجهائيج
سيسي ساهه سڃيج، هٿ ڪري هوت کي.

[١٤٦]

آءٌ تي پڇان ڏوٿيا! آهين ڪي ناهين
مون کي تا لاهين، پَرَ ۾ پُورَ پرين جا.

[١٤٧]

ڏوٿين چيئس ڏيهه، خبر ڪا ڪري
سسئيءَ تو سري، مرندي منڌ واٽ ۾.

[١٤٨]

جڏهن ويا تي سنبهي، ويٺي توهي وٽ
ڪا توهي ۾ گهٽ، جيئن مُئيين نه اِنهيءَ ماڳ تي.

[١٤٩]

نالو ڪٺي سسئي، لڄايئمي سيڻ
وِرِهه ڪرين ويڻ، ماڳ نه مري ان کي.

[١٥٠]

اندر منهنجو ان کي، اجهاميو ٻري
پسان، تان نه پري، اوڏا آهن سُپرين.

[١٥١]

پاروچائي ذات جا، سِتَم جي سُورَ
مادر! سي مذڪُورَ، آءٌ ڪيئن اوريان عام سان.

[١٥٢]

جا هتڪلَ ڪيتم هوت کي، چاڙهيڪن چڙهي
تنهن لتڪَ سپيٺي لهسيا، ويو سات سڙي
واڪو ناهيه وٽي، پاروچائي ذات جو.

Gul Hayat Institute

[١٥٣]

چوٽيون چاڙهيڪن جون، روڙن هڻيون رات
ٽيي پاهڻ وڄهان وات، آهه پيادي پنڌيين.

[١٥٤]

چاڙهيڪن چُور ڪيي، پنڌن آهه نه پنيي
رندن منجهه رُني، سسئيي سُور آپٽيا.

[١٥٥]

* پڃان ڏونگر چوٽيون، جهڪر ڪريان ڇيڻهن
پر هوت چوندم هيڻئن، ته پٽر وڏئيي پيرپٽون.

[١٥٦]

ڏيئيي مـران ڏونگرين، اڃان هونـد آلير
پر ڇڄُن ڇـنم پيرَ، رهيم واڪ وڃڻ جي.

[١٥٧]

جيٺري آن جتن سين، هُيَس جي آئون
ته ڏيئيي ڏورائون، هوند سات ورايم سرتيون.

[١٥٨]

مارڳ مٿي سسئيي، چـوٽين تـي چڙهي
ٿوري تان نه پڙي، جو اصل رکيو اوئئين.

[١٥٩]

مُنڌَ مـري ڏونگريـن، ويـٺيي ويچاري
تن اندر ناري، هُيَس هوت پنهونءَ جي.

[١٦٠]

جي مُنڌ مٿي ڏونگرين، لڳيي سان لڪن
ته سونهي هوندَ ڪڪن، پٽر پاروچن جي.

[١٦١]

* * ـــ پـاٺـان وڃيي نـه ڪيو، سسئيي سياڪو
تيلانهن اولاڪو، آيس ڪيچ ڏٺيـن جـو.

Gul Hayat Institute

[١٦٢]

سيئي سُورَ سارينديون، ڏنو جن هيڪار
آنهين جـي تـنـوار، ڏکـوئـي ڏونگريـن.

[١٦٣]

مُيـَن متي مامرا، تو جيئن کونه کري
آرِي اَکنديَن تي، آهَ تـون پيرَ پـري
پُنهُيُان جن پَري، گهڻو پڇجي انهن کي.

[١٦٤]

سندا ڏُکَ ڏکين، جي پنهون ڏسين پاڻ
تہ سسئي نيهين ساڻ، هوند نہ ڇنڊين ڇپرين.

[١٦٥]

هڪ ڦوڙائـو سڄڻين، بيو تپي ڏونگرُ
آڏو آريـچـن کـي، بـارِي ٽِڪي ٻرُ
کيچين لاهہ ڪَرُ، اَپـاڙيو آهون ڪري.

[١٦٦]

ڏيرن جا ڏيلَ ۾ سنهان پُون سُراتَ
ڪَنُ ڏيان کيچين کي، تان وينا گهڙين گهاتَ
پـورا لڳُمِ پـاتَ، تـہ پنهون نيندا پـاڻ سين.

[١٦٧]

سيـڻـن هٿ سـاٽيِ، وِچـانـي وِـٽـي
کري پـرڏيهي، ڏيـهـيـُنِ ڏکوئي گهڻو.

[١٦٨]

مُنڊ ڪُرڪي پيٽي، ڏيـرن ڏکـوئـي
رَتائين روئـي، پهڻ مڙيئي پَبَ جا.

[١٦٩]

[سُکن پاپائيون سرتيون، حال پاپائي نـاهـي
ڪنڊي تن مَ ڏي، سپريان جـي ڳالهڙي.] **

[١٧٠]

سُلهِين سُورَ پرين جا، اِيءَ پڻ ڪَچائي
توکي ٿيلاهي، ڏِهندا ڏيرَ ڏکن سين.

[١٧١]

*** سَهنجيون سپرين سين ڪر، جي آهنجيون ڪن اوءَ
متان "صادق" پوءَ، رکن حرف حساب جو.

[١٧٢]

ڪَرهه قطاري هليا، وطن تي واري
آوءَ نه اوتاري، تازا پيرَ پنهين.

[١٧٣]

نه سي وَڪتِ وَتِ ۾، آتَ نه اوتاري
هينئڙو بيڪاري، جيجان تن جتن لئي.

[١٧٤]

تهڙا نه سڄاتم سپرين، جهڙا هوت هئا
تيلان مون پيا، روئي ستر اکين ۾.

[١٧٥]

** ڏونگر ڏکويس ڪينڪين، پنهون ڏکويس پاڻ
پهرين گڏي ساڻ، پوءِ ڇُلائي ويم ڇپرين.

[١٧٦]

پاجهائي پانهيءَ ني، پرين موٽيا نه پوءِ
سورن گڏي روءِ، ٿي آهون اونين لاءِ ڪري.

[١٧٧]

سَچيون رانيون سسئي، جيلان نه جاڳيي
تيلان نياڳي، ڪري ڪيچي هليا.

[١٧٨]

چائي چڏي هليا، هُيس جڏ نه سڄاڳ
تيلان ٿيو نياڳ، هن منهنجي حال تي.

[١٧٩]

مون وٽ ئي ويا، سڄي پاڻيو هوت
هيس نه پنهون پوت، تيئن نه جهليا جيڏيون.

[١٨٠]

اوٺي آپهارا ٿيا، ڪا پروڙي مام
ڪَرهن هٿي ڪام، مون جاڳائي هليا.

[١٨١]

سسئي سياڪو، ڪج مَ ڪيچين سان
لڪائيندا پاڻ، تو ڇلائيندا ڇپرين.

[١٨٢]

ساڙين آسُونهين ڪي، جتن جا جولان
ايءُ، گوليي! ڇڏ گمان، جي پائين ميٽ منهنجا.

[١٨٣]

پيون سڀ سڪياٽيون سرتيون، مون ڏٺائون ڏُک
سي سپيٿي پانئي سُک، مون مٿي نيي متجيا.

[١٨٤]

پيون چنيون روئن سرتيون، آءٌ ڪنيدجو روٿان ماءِ!
ڪتر لٿي ڪاءِ، سُدِ انهي سور جي.

[١٨٥]

ٿورا ڪري تڪيون، ڏونگر جيئن ڏاڍو
تيئن وڏي مون ڪاڍو، جيئن چني پير چپن سين.

[١٨٦]

ڪِران ڏونگر چوٽيين، مران جي جهُران
پيئر ڏان نه پيران، جي ڇُوتا ٿيان ڇپرين.

[١٨٧]

پُرِيين، پتڙاڏا ڪريين، تونهي ڏيين آلير
نه ڪوهه چاڻان ڪن جيي، تون ڪميٺيي ڪير
آن پرانهان پير، تون اوري ئيي آهون ڪريهين.

Gul Hayat Institute

[١٨٨]

جت سسئي سڏاريو، تت ڏوٿي ڏس نہ ڏين
اُت نيهن نماڻي کي نين، پارانيا پنهونءَ جا.

[١٨٩]

مُٺي جت معذور، اُتہ ڏوٿين کڙو ڏس
پهريائين وڃائي وَس، پوءِ تي ڏوري ڏونگرين.

[١٩٠]

جو ڏيہُ ڏوٿين ڏوريو، اُتہ پيري نہ پير
ڏيتي ڏينهن نہ رات کا، نکا پٽي مير
هنئين آڌهين هير، لائي پاروچن سين.

[١٩١]

ڇڏي هليم ڇپرين، هڪ آکهين آسُونهين
تيئن دل اندر دونهين، هريم پاروچن جي.

[١٩٢]

هڪ جبل گهڻو جهاجهتہ، ٻيو اُچا ڏونگر لڪ
ٽيو مٿان شڪ، تہ پانيم اوٺي اهيئي.

[١٩٣]

هوند نہ پيهس مامري، جي آمڙ نہ ڇائي
جيئن تو سامائي، آءٌ ڇنلي پيهس ڇپرين.

[١٩٤]

ڏوريان گهڻو ڏونگرين، جيڪر کريان وَس
پر امڙ منهنجا ڳس، جهوري واءُ جهونا کيا.

[١٩٥]

هڪ جبل جاڏا آيرا، ٻيو جهنگل پوءِ جهنڪ
اچن اڻ سونهين کسي، شيرک گهٽائي شڪ
سي لنگهائيين لڪ، کنهن سبب سان "صديق" چئي.

Gul Hayat Institute

[١٩٦]

اکيون اوجاڳيا، وڃي وهائي آئيون
ڏسي نہ ڏيئيون، منجهان پسڻ پرين جي.

[١٩٧]

اکيون نہ پسن پرين کي، سي اوڏائي؟ ڏور
پريون پِٽن سُورَ، متعذوريون مُلڪَ ۾.

[١٩٨]

پُٽي ۾ پروان تي، پنوه ڪٿو پار
جني وڃڙيا يار، روئندييون سي رت ڦڙا.

صدا

روئي لاٿو مون، روئي لاٿو مون، اي جان جان ڏُک نہ ڏونگرين
١- اڃان پاهڻ پري ٿيا، تان ڏاڍڙي لڳيس پُون
٢- هنجهڻ ڪئي هري ڪئي، الا ڪيڃان اوري پون
٣- ڪميڻي ڪيچين ڪي، الا رَبّ ميڙيندا مون
٤- سندو جيئڻ آسرو، الا منان لاٿو مون.

صدا

پُنّچ ساٿي ٻنڌ سندرو، ڪنڌي جان ڪهون، اي پچ ساٿي ٻنڌ سندرو
١- ڏونگر ڏينہ ڏُجهارا، جتي پاپ پڇهُون
٢- ڪوڙيين مُيون ڪيتريون، الا واڪي اُتِ وهون.

صدا

ادا هئي ڏونگرَ مون سين ڪرِ م هيئن،
مون سين ڪرِ م هيئن، آءٌ جا نماڻي ڪيي نينهن
١- لڪُون لڳن ڪوسيُون، ڏاڍا تپن ڏينهن
٢- پير نہ ڇڏيان پرينءَ جو، آءٌ ساهت ورندي سيئن.

صدا

مون سين موڙهَ جي م چور، اي آبل
١- هلان هاڙهي سامهون، وبهان تان نہ پنيور
٢- اي آبل سڳر لڳيي آءٌ تاڻي رسان تورُ.

Gul Hayat Institute

## صدا

تون جو وچي ڪيچ ڪنهي، هو ادا ڏيج پارانيو پرينء کي

١- آءُ ڦوڙائي ماري، بر سگهان ڪين سهي
٢- ڪرڳر ڪيچيءَ تند جيئن، سگهي ڪين سهي
٣- چُڪيءَ متان ڪيترا ويڙا ڪانگ لئي.

## صدا

ڏوريندي آءُ مان ملان، آيل پاروچن کي

١- پاٽي ڪٺان نہ پاڻ سين، مون کي سمر سور گهڻا
٢- سورن پڌيو سندرو، آءُ متي راهہ رڙهان.

## صدا

ادا پنوهار، پرين منهنجا، اي کي گڏيئي ڪوهيارا پاروچا

١- گهڻو اڄڻ چڏيا مون پتهر پنيوران.

## صدا

مون کي آيل آيل م موتاء، آءُ ماء نہ ماڪيهين مران، اي آءُ پرين پچانا

١- هينئڙي ۾ هوتن جي ڳالهہ ورتي ڪاء
٢- آءُ تي ڏونگر ڏوريان، سپيريان جي ساء
٣- سپيريان جي سور جا چڪيا چاڪ متنجهاء
٤- آيل اهڙي اکرين نيئين نند ڪياء.

## صدا

مون کي آيل پاهہ م جهل، آءُ هلي ملان هوت کي

١- پرينء جي پسڻ جي هينئڙي هلو هل.
٢- ڏونگريا ڏيهہ ويا، سورن ڏيئي سل.

## صدا

مون کي و روئنہ وپروتار وپروتار، او هينئڙي منجهہ هوتن جي

١- جهڙي صورت سيج کي، منهنجي پرينء تهڙا پار
٢- جهڙي سيڪ سڄڻ جي، او تهڙي تان ترار.

Gul Hayat Institute

## صدا

پوري آمڙ ماء منهنجي مون جيئن، ڏک نہ ڪيئي ڪيئي
لهه لايو نيڻن نيئي، آه جا ويندڙي سنئين سنئين

۱- هينئڙو واريءَ مٺن جيئن ڪر ڪريو ڪيئن ڪيئن
۲- هينئڙو ڏاڙهون گل جيئن روئي رتم ڪيئن ڪيئن.

## صدا

تڪر ماء پير تريا، سا منڊ ڪنگوء ڪور
۱- چپر ڪتوري ٽيو، ڪر تازڙي ڦلن ڦور
۲- اڇن پرهہ پتنگيا، ڪريا منهڙا ۾ مور.

## صدا

ڪر نہ هئڙا هوت، ماء منهنجي نجهري
ڪنڙي پاروچن، هاء هاء هاچو ڪيو هوتن
۱- ماء منهنجي من سين، مون کي سمهڻ سور نہ ڏين
۲- مون وتان هاڻ ويو، ڪاتي تان ڪئن.

## صدا

مون کي جڏڙي پانهي ذات، آيل آيل چڏي ويا پنهور ۾
۱- ڪيهي ڪميٽي هليا، ڏيئي ڪرنگهہ ڪات.

Gul Hayat Institute

## صدا

چڻڪن تا چانگا، ڏيهہ ڏوراٽي وو ڏيهہ تي
گهڻا ڏيهہ ۾، او آهن اڙانگا
۱- ڏونگر ۾ معنيٰ ۾، چڏ صورت جا سانگا
۲- منجهيج پند ڪي، لاهي سڀ لانگها *
۳- ڏور پراهين ڪنج اوڍهين، او ڪين جيئن ڪانگا.
۴- اڪيون

## صدا

ڪو ڏوٿيا! ڏس ڏهو، هو ادا! مون پرانهين وو پنڌ جو

١- آهه اسونهين آهيان، وو سٿي سات ويو

٢- پانڌي ڪٿان نه پنڌ سين، او مون سين سور سهو

٣- اجان پرندين پٿيين، او وٺيي نينهن نهو

٤- "صادق" سونهان آڳت ۾، او مون سين ڀب پٿهو.

## صدا

پوري آنڌ مائي، مون سين م ڪر ويهڻ وائي

پاڻان پٽلي پري ڪان، ڪهڙي ڪرين سڳائي

١- مون ته نمائيءَ سان تو ڪيڄڻ ڪپت لائي

٢- ڏيل جنهن جو ڏکيو، رهيا سور سمائي

٣- هٿي سيڪ سڄڻ جي، رنڌن رلائي

٤- "صادق" طعني تن جي، هاري هلائي.

## صدا

اجان اي ڏس ڏيندا، جيڏيون منهنجي درد جو!

١- ڏونگر هين ڏکيءَ سين، ڏکن پائي ٿيندا،

٢- ڪنيو پار پنهونءَ جا، مون سين رندن ۾ روئيندا،

٣- مون مٺي مٺي سپرين، آريچا ايندا،

٤- اڳ نه چڏيائون ڪنهن کي، مون کي ڪيئن چڏيندا،

٥- منجهان ميهر مريض کي، "صادق" سي سڏيندا.

## صدا

ڪرهل ڪيم ڪڏايو، هو ڏير! ڪرهل ڪيم ڪڏايو

١- آهه پيادي، پنڌ ڪهڻو، مون ڏي واڳ ورايو

٢- ڏکيي چڏيو م ڏونگرين، نيئي محبت ملايو

٣- نماپا نينهن گاڏٺان، پنهل کي پهچايو

٤- چڪيي چاڙهيڪن ۾، رندن ڪيم رلايو

٥- آهيو "صادق" سپرين، هي مان لڪ لنگهايو.

Gul Hayat Institute

## صدا

او ڏونگر ڏِٺئِي ڏک، ڏٺئي ڏکَّ، او اسان آسونهين کي

١- گونگٽنَ گس وڃايئي، ٻـي اڳايئي لُکَّ

٢- جبَلَ جاڏايون تنهنجون، سيئي پـانيم سُکَّ

** ٣- جيئن تون پير تر هنيين، تيئن تان وَڏي وِکَّ

** ٤- ”صادق“ سڪان سڄڻين، ٻي ساريان آچ نہ ٻُکَّ.

## صدا

** ٻانهي ٻـاروچن جي آهيان، اهڙي منهنجي ذات

١- هلان هٿان ان جي، آهـي آهـــن سات

٢- نـہ هٿڙ نہ هنجَ کـيي، نـہ مـون هٿو هات

٣- ڇُونـم تيئن ڇڏان، اي پـڻ آن جي بات

٤- جي اگهون عـدَمُ آهيان، نـاهـم واڏي وات

٥- پورهئي ڪـمي نـہ پتڙان، ڏينہ سڄو ئي رات

٦- ”صادق“ رهن سپرين، جي مري تيين مات.

## صدا

اوني آگاهـان ويا، ڏونگر چڙهي ڏير

١- سُورن پـريـو جندڙو، تـــازا ٻيئي پير

٢- اڇنم جـوش جـتـن جـــا، پتو پيتين پير

٣- ڏکن گڏي آهيان، سونهان تـيـا نـہ سير

٤- آلهـي اونـداهـو تـيـو، آيـل ٿـي آوير

٥- ”صادق“ سهسين سيڪي ويا، تون نمائي ڪير.

## صدا

** اوني آهين اوڏڙا، ڏونگر پـانءِ مَ ڏُور

١- مائـي ڏينہ ڏڙا، منجهـي تـيءُ م ملُور

٢- ”انّ مع العسر يسراً“ مـتـان مـوتين مُور

٣- دانهون جان ڪي درد جون، ”صادق“ رهہ صبُور.

## صدا

ڪيچي ڪين ڪنديون، سنگ سياڪا سينديون

١- آهين اباڻا آڳاڻا ۽ هين، سي نماڻيون نه نين
٢- مون ائين پائيو، مون ڪي تان نه ڇڏين
٭ ٭ ٣- "صادق" سدائين ساهه سين، وينيون ور رهڻ وندين.

## صدا

ربّ صاحب سائين آهي، مٿان ڪا سينو ساهي

١- حڪم حاڪم هٿ ۾، ڪام وٺيو تو ڪاهي
٢- موت موراهين نه ٽري، ڪي ڏنا ڪي ڏاهي
٣- "لا حَوۡلَ وَلاَ قُوَّةَ" ڏس ڏنو اي ڏاهي
٭ ٤- "صادق" سي سيڪنهين، "لا" سين وڏائين لاهي.

Gul Hayat Institute

# سر سارنگ

## صدا

پکو پرينءَ ساڻ، اي ماءُ! سونهي سانوڻ ڏينهن
١- آهيم عجيبن سين راتيون ڏينهن رهاڻ
٢- گهوري هيس جن جي، سي پرايم پاڻ
٣- آئي ڪنديس ان سين، ريلن منجهه رهاڻ.

## بيت

[١]

سارنگ سنبهي آئيو، ڪوڪ لائي ڪڙڪو
سونهن سنگهاريون ٿيون، پسي ڦڙيءَ ڦڙڪو
جو پرين جو پڙڪو، سو واءُ وڄڻ کان ورو.

[٢]

سارنگ سنبهي آئيو، جهڙ لائي جهاتي
لفظ سين "لا" جي، ڪفر ڇڏيائين ڪاتي
جا باهه برهه جي آتي، سا واءُ وڄڻ کان ورتي.

[٣]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سڄڻ سونهاري ڀار
متان ڪي مون جيارئو، ٻاڙي جيءَ تنوار
توراڪ توهئون ڏار، آءٌ ڪانڌ ڪنديس ڪن سين.

[٤]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سڄڻ سونهاري سيٽ
اڳي مَ وڃ ولها، مُحِبَ منهنجا ميٽ
اڳڻ راڳي چيٽ، آءٌ ڪانڌ ڪنديس ڪن سين.

Gul Hayat Institute

[٥]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سڄڻ سونهاري جوڙ
اڳ م وڄ وَلَتِها، مُحِبَ منهنجا موڙَ
ڍينگهر ڍاري ڍور، آهَ ڪانڌ ڪنديس ڪن سين.

[٦]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، وڄُن جو وارو
آءُ تہ پرين تو ڏيان، اکين اوتارو
ساجهر سوارو، هوند ڍول ورائي ڍَڪين.

[٧]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، وڄُن جي وائي
اکيون ري وَلهي، چمن جا چاهي
جن ري جڏا ئي، سي تون الله آڻي ميڙئين.

[٨]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، وڄُن ڏنا وَرَ
وريتيون وانديُن جي، اڇيو لنهن ڪترَ
اديون اوهان جا گهترَ، ڪي نِگهہ آهن نجهرا.

[٩]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، اکيون ڪنَ ڪرين
هئي هئي حبيبن جا، سور سنيهڙا ڏين
جوري جينُ جيين، سي مانَ ملنم سپرين.

[١٠]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، هينئڙي لاهو هيڄ
سارنگ ري سرتيون اندر تيو آريڄ
وڇان پيو وڏ، سِڪن ڪي سڄڻين.

[١١]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪارونيُر سونهن
لڳو قتتُ فراق جو، دل م دُکي دُونهن
تو رِيءَ ور وِرُونهن، ڪانڌ ڪرينديس ڪن سين.

Gul Hayat Institute

[١٢]

اُتران تي آئيون، پَسي پاڻهي پَٽَ
ڪي ڀَڪيون ٻيلي تي، ڪي ڊيريون مٿي ڊَٽَ
موٽيي "ميران پور" تي، ساري ڏناڏون سَٽَ
واهيين وٺا وَٽَ، جي ملڪ سڀ معمور ٿيو.

[١٣]

جهانءِ جهانءِ ڪري جهڙيون، اوهيرن اڇي
اکين آڳ لائيا، پرين لاءِ پڇي
جن ڏي هيئر سِڪ سچي، سي آئي وٺا آکري.

[١٤]

جهان جهان ڪري جهڙيون، اوهيرن آئيون
اکين آڳ لائيا، ڪنهن ڏُک ڏسائيون
جن ٿي قُربَ ڪوڏائيون، سي آئي وٺا آکري.

[١٥]

وُٺو مينهن وڏڦڙو، جهان جهان ڪري جهڪور
سوچاري ملير ۾، مينهون تيلن مور
هادي لاٿا هور، ولهارن وَسَ ٿي.

[١٦]

نئين پر آڏِ مَ نيجهرو، ڇڙن ڇڏي وڄ ڇِڄَن
ڪاندا! سوبيري نه ڪرين، ڪا پتڪي جي پرن
مون جهڙُ ڏٺو آڀ ۾، ٿيون وِڄون ڪن وَرَن
سانوڻ جيئن سمن، ڪيئن ڊولَ ڊِلو ٿئي؟

[١٧]

گهڻا گهاريا ڏينهڙا، آوسَر اسان ساڻ
دوستن دلاسو ڪيو، پرين اڇي پاڻ
ريلن منجهه رهاڻ، آئي ڪنديس ان سين.

[١٨]

گهٽا گهاريا ڏينهڙا، اوسرَ اسان لوهه
پڪو پرائو ٿيو، ڪو پريان ڪي چوهه
وِرهه منهنجو ووهه، مانَ آئي آڳاهون ٿئي.

[١٩]

سڄڻ سانگي آڪري، نڪڳهه ويا نٿهي
آئان ڪونه آئيو، پڇان ڪير پٿهي
رهيو سور سٿهي، هينئڙو آنَ پرينءَ ڪي.

[٢٠]

سڄڻ جنهن وڇوڙيا، تنهن اوسر پنا ڏينهن
پريسن پيهي آئيا، منڊن وُٽا مينهن
ڏولائي جا ڏينهن، واحدَ سڀ وساريا.

[٢١]

پسيو مينهن، "محمود" چئي، ساريو ڪري سڏ
آنو اوهرا ڪري، لڙهو مٿان لڏَ
پال پرائي پڪڙين، چاتَ نه سهي چڏَ
جو هوم هيڪاندي گڏ، سو واحدَ ور ورائيين.

[٢٢]

پسيو مينهن، "محمود" چئي، ساريو سڏَ ڪري
پال پرائي پڪڙين، وجهي هٿ وَري
اڳي مٿان اوانديو، ويئي پاڻ پري
لائيم جو ڳري، سو واحد وَرُ ورائيين.

[٢٣]

هئي هٿَ ٻنڌي م، اکيون منجهه وَرِي
تارا "تماچي" چئي، مُنڊ پيريو آب پري
جهيميو جهڙ ڪري، چئي آچُ، پراڻو پڪڙو.

[٢٤]

گهَرُ جهونو، جهڙ گهڻو، اُتر ڏئي اوتَ
ڇنيءِ چارئي پوتَ، مون ريڙهيندي رات گئي.

[٢٥]

گهر جهونو، جهڙ گهڻو، اتر اوت ڏئي
ور ساريندي يون سي، نيگهه جن جو نيجهرو.

[٢٦]

گهر جهونو، جهڙ گهڻو، اتر کيو آکس
اچي کامل پس، نماڻي جو نيجهرو.

[٢٧]

گهر جهونو، جهڙ گهڻو، پکو نه پرتم
دوست پڇاڻان دم، شال نه جيان جيڏيون.

[٢٨]

گهر جهونو، جهڙ گهڻو، جهُوپو سٺهي نه سيءُ
سٽانج سور سڄڻ کي، حال منهنجو هيءُ
اگڻ آيو ٿيءُ، ته ڏوليا ڪنهن ڏينگ ٿيان.

[٢٩]

گهر جهونو، جهڙ گهڻو، توڙي قوت نه ڪاند
پال پراڻو پکڙو، ڪري واءُ وڻاند
پرين ڏيئي پاند، ڏوليا مون کي ڏَکئين.

[٣٠]

ڏِٺَ ڏِڙي پٽَ پيون، ورچُن کيا وس
اتي اچي ککرين، نِت پريائون نيش لِس
جي هينئڙي منجهه هميش، سي سائين سڄڻ ميڙيين.

[٣١]

وهائي واهون ڪرين، وسين ساري رات
مون جيئن مينهن پرين جي، جي تَنَ ۾ هُيئي تات
ته وهائي پريات، هوند بادل! ڪيئن بس ڪرين.

Gul Hayat Institute

[٣٢]

وسڻ اکڙيـن کان، تـون جي سکين مينھ
نہ ھوند راتو ڏينھ، بس بوندن کان نہ کرين.

[٣٣]

اندر جهڙ جهور وَهي، ٻاهر بونـد برسي ٻامَ
سـڏاتـورا سـپـريـن، مُحِبَّ ملـنم مـانَ
منّي جن سلام، سي اوکائين نـہ اکيون.

[٣٤]

اندر جهڙ جهور وهي، ٻاهر بوند برسي ڀِٽَّ
سـڏاتـورا سپريـن، محب منھنجا ميتَّ
لالن جنـي وٽ، سي اوکائين نہ اکيون.

[٣٥]

اندر جهڙ جهور وَهي، ٻاهر ککر نہ کوہ
سارہـو سپرين کي، رُوح ريجهايـو روہ
لالن جنـي لـوہ، سي اوکائين نـہ اکيون.

[٣٦]

اچي وچي ککري، تي وِجَ چمکي جيئن
مون کـي پـريـن تيئن، سيلا ڀاڙي ساريو.

[٣٧]

وِڄُون ٻارَڻَ وٽ تي، تيون ڪُوڪَ ڏينھاڙي ڪن
منتھن منڙي نکرين، جوپ نـہ آڏيا جن
پسو سنـدا تـن، نئين نهوڙيـا نيجهرا.

[٣٨]

سڄڻ اکيئي سُھڻا، ٻـو ڪـجل پنن نهڻ
تيئن رهـيا رُوحَ ۾، جيئن مـاکيي اندر ميڻ
جي اهڙا سُوڏا سيڻ، سي متر اوڏا هُون اکئين.

Gul Hayat Institute

[٣٩]

سڄڻ اڱڻ سهڻا، پيو اکين لائي انگ
تن جون اکيون وه وراڏيون، پرون پير پتنگ
جن جو روپ ترنگ، سي مر اوڏا هئون اکين کي.

[٤٠]

سڄڻ اڱڻ سهڻا، پيو ويتر ڪياڻون ويس
منهن ڳوري چنڊ جيئن، ڪارا پرينءَ ڪيس
جي هينئڙي منجهه هميش، سي مر اوڏا هون اکين کي.

[٤١]

سڄڻ اڱڻ سهڻا، پيو پهريائون پٽ
نماڻا نيڻ ڪٽي، گهائي چڙهيم گهٽ
جن جو مُلهه نه مٽ، سي مر اوڏا هئون اکين کي.

[٤٢]

سارنگ سڪي وڄ کي، وڄ وري منجهه پاڻ
اوهيرا اکين ۾، تن اهائي تاڻ
وري اِن وتاڻ، ماڻ ملنم سپرين.

[٤٣]

سارنگ سڪي وڄ کي، وڄ وري منجهه واءُ
ڏونگر مٿي ڏکڙا، ان پر موريا ماءُ
هئُو جي ڦوڙائي ويا، سي مان ملنم سپرين.

[٤٤]

سارنگ سڪي وڄ کي، وڄ وري منجهه ڪين
پرين پاڻ لڪائيو، تا سڪ سنيهڙا ڏين
نيڻن سر تيون نين، ڏکوئيون ڏکن کي.

[٤٥]

سارنگ سڪي وڄ کي، وڄ وري منجهه ڏانهه
مارُو هليا ملڪ تي، اڄ چڙهيائون آنهه
دل اندر جا دانهه، سا ڪُوڪ سٽايان ڪن کي.

Gul Hayat Institute

[٤٦]

سارنگ سِڪي وِڄَ کي، وِڄَ وسي وَڏراهه
سَٽه ساريو سُورَ ڇڙان، سڪان اندر ساهه
مارو ڏڙن مَٽاءِ، ماڻ اوسر اوسيڙو لٿهي.

[٤٧]

سارنگ سڪي وِڄ کي، وِڄ وراڪي پَٽَ
"صادق" سونهن سڄڻ جي، تنهن جو ملهه نه مَٽَ
آءُ پرين! مون وٽ، اوسر اوسيڙو لٿهي.

[٤٨]

سحري سَنبَهي آئيون، سارنگ ڪيو سامان
وِڄ ڪڙڪو آيَ م ڪاري لڳي ڪان
وسڻ ڪيو ويران، سو پسڻ ڪنان پَري ٿيو.

[٤٩]

سحريء سنبهي آئيون، جتي رات نه ڏينهن
منجهيئي وسن ميهڙا، ٻاهر ٻچائي ڪيٺن
وَرَ ري وُٺا جيئن، سي مون اورڻ آئيا.

[٥٠]

سي مون اورڻ آئيون، سحريون سڀ چمار
ڪريو ڪارونيار، وسن ويل سيڪنهن.

[٥١]

مُدائتي مينهن ڪي، سحريون سَڏَ ڪرين
آئيو اوڏا ڏين، سنيهڙا سيٺن جا.

[٥٢]

سحريون سونه سڄڻ جي، اي نه ڪڪر آيَ
اَنتر واوَ اڏ ڪيا، هي پريان جي حُبَ
سانه لڳو سڀ، تڏهن ڪوٽ ڀڳائين ڪنگرا.

Gul Hayat Institute

[٥٣]

سِجَريءِ چڙهيون سامهون، پرينءِ جي پارا
آئيي مُنڌ مينهن جي، وڄڻ ڪيا وارا
ڏيان اکين اوتارا، جي "صادق" ملن سُپرين.

[٥٤]

اکين آگمَ لائيا، رَتُ جئن رنائون
لوڪان لڪي ڪيتريون دل ڪيون دانهون
لتجائيي آئون، جڏهن پڌر وڏائون پريتڻو.

[٥٥]

اکين آگم لائيا، سڄڻ ڏٺيون جي
ڪڏهن چينپيائون ڪينڪي، تنَ منهنجي تي
سيڻ منهنجا سي، جي مون ري مون کي سامهان.

[٥٦]

اکين آگمَ لائيا، ڪنڪرَ وُٺا ڪيڻ
مارو جي هُن ملڪ ۾، سي منهنجا سيڻ
آءٌ انهن کي ييڻ، ڦوڙاڏي گڏ تيان.

[٥٧]

جهڙن جهمن اکيون، ڪڪر هيت ڪيان،
ڏوراپا نه ڏيان، جيئن ۾ هوءِ جي جيڏيون.

[٥٨]

راتيان وسن وڏَڦڙا، ڏينهان ڏکن ڏور
سارنگ جيئن سرتيون، تنَ ۾ وَهي تور
جهُڙ ڦڙ ڪري جهور، مون کي مينهن ماريو.

[٥٩]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر تو ڪري
وسيو ولهارن تي خالق ڪند يري
پينگهارڻون پري، شال ۾ وڄن سپرين.

[٦٠]

اڄ ٻه اتر پار ڏي، ڪڪر ڪي ڇوڙيي
منڌائتن مينهن جي، ڪنوڻ ناه ڪوڙي
اڇين جي موڙي، تہ ڳڏ ڳذاريون ڏينهڙا.

[٦١]

اڄ ٻه اتر پار ڏي، تاڙي ڪي تنوار
هارين هترَ سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار
اڄ ٻه منهنجي يار، وسڻ جا ويسَ ڪيا.

[٦٢]

سڄو صاف نہ آيري، سرائي وڃان سيڄَ
مينهن چڙهيو ماڙهئين تي ڏئي واڏايون وڄَ
هينئڙا ڪتپُ مَ ڪيڄُ، سگها ملندئيي سپرين.

[٦٣]

اڄ ٻه اتر پار ڏي، ٻونڊون ٻرسيو پُون
جهڙ نيٽان ڏيي نہ لهي، ڪڪر هُون، نہ هون
سي متر رويو رُون، جن سدا مسافر سپرين.

[٦٤]

گهر ڪيڇي، اڱڻَ ڪنديون، ٽا پڪا پٽڻَ سُونهن
سُرهي سيج، پاسي پرين، مر جان مينهن وسن
آلا ان ڏينهن، ويٺي سانوڻ ساريان.

[٦٥]

جيئن ڪامڻ گهُري ڪانڌ کي، تيئن مينهون گهُرن مينهن
عاشق ڪي الله اڪبر، هينئين راتو ڏينهن
تيئن سيٽن سندو نينهن، مون جهليو پليو نہ رهي.

[٦٦]

ساهيڙين سين سپرين، ڪيم قول قرار
ڪامڻ ڪُوڙي نه ٿئي، تنهنجيي جا تڪرار
پرين اچي پار، ته منهن مٿاهون مان ٿئي.

[٦٧]

ور واٺهڙو سپرين، هيڪر ڀيرو آءُ
مينهَن ماندڙا ڪيا، تي وڻ ساريان واء
آٿيئي مانَ الله، ڪاند منهنجي ڪنڪڙين.

[٦٨]

جانيي آيو جوه ۾، چيٽو ڪن چيٽو
لوء لوء منجهه ليو، هينڙو ان پرينء ڪي.

[٦٩]

ساريان سنگهارن کي، وچڙيا ناهيڙين
هئي هئي ان ڏينهڙين، هڏا هيڪاندا سپرين.

[٧٠]

ساريان سنگهارن ڪي، ويٺي وَٽاڻين
ڀينر هن ڀاڻين، آئي آيندا آڪري.

[٧١]

ويا وَسَ آڪري، پرديس ۾ پٽئي
اوتارا ڀٽي، وائيم وانديارن جا.

[٧٢]

وس ڪري وريا، چِلَ نه چنائون
[اديون اڄ آئون،] مانَ سڄاڻان سپرين.

[٧٣]

اکيون ڏُکَ ڏکوئيون، وسن ڪِين وسا
سيڪاهائون سيڪ کي، ڏيئي تَنَ تنسا
ڏورين ڪنهن ڏسا، هو جو پارا سڄڻين.

[٧١٤]

*** وسن ڪين وسان، اکيون منجهه خمار
در در دائم ٿئي، تازي جيئن تنوار
مان ملن يار، "صادق" سڪندين ڪي.

صدا

آهي اِيءُ اسرار، اي ماءِ! پسي مون پرين جو
١- هنجي رهه حيرت ۾، ڪريين جيئن نه قرار
٢- "نَفَختُ فِيهِ مِن رُوحِي" آيو اِيءُ اقرار
*** ٣- تو منجهه ساهه سڄڻ جو، ستا لهيج سار
٤- وڃون ويل سيڪهين چمڪن ٿيون چوڏار
٥- اندر جهڙ جهور وهي، تازي جيءَ تنوار
٦- هٿڙ ناهي هن جو، هو نه هيئڙون ڌار
٧- "صادق" اِنهي سُور ۾، نيڻين نِمن نار.

صدا

*** ڏسڻ ۾ ٿي ڏينهن، اي ميان! هي وڻ هيٺ جا
١- سدا نه هوندا ساهه سان، ميڙائي جا ميڻهن
٢- ريلن ۾ رڙ پئي، ٿي هڪل سڄي شينهن
٣- آئي اور الله سان، سُتو آهين ڪيئن
٤- "صادق" آهين ساعت ڪا، نيڻي نباهج نينهن.

Gul Hayat Institute

# سر سورٺ

## صدا

اِيءَ پتر ڪنري نہ ڪوه، ادا تو جيئن مڱڻا
سڙ سورٺ شيخ چڙي ڪوه، ڪا چوه جوه ادا تو جيئن مڱڻا

۱- وَڏي وَڏي وَهي وَڏاڻ ۾، ميان پوليِ پيِي نہ هوه
۲- رانئو وَهي راڻين ۾، ميان رت سيڪا روه
۳- وَجَهتہ مال نہ چلي، ميان وڏو ڏڏي ڏنوه
۴- سالڪ سنيايو هو، ميان وا سين وڏيندوه.

## بيت

[۱]

الله جي آس ڪري، هليو هيائين
چارڻ سدا چنگ کي جهوڙا ۽ جهائين
ڏولي راءِ ڏياچ جي، ڏوران ڏنائين
وينتيون واحد کي تنهن دم ڪيائين
سپاجها سائين، راءِ ريجهائيين راڳ تي.

[۲]

هليِي در حبيب جي، چليِي چورج چنگ
جهنڪيج تيئن جهانہ ڪري، جيئن سارنگي سنگ
راڳ تنهاري رنگ، معلوم ٿئي ملوڪ کي.

[٣]

مَحلُ آيو منگتو، جاچڪ جنتر ڪَٺِي
تنبيري تنوار سين، ڪِيو ڪوٺ ڪَٺِي
هٿي هٿي تند هٿِي، هاچو ڪري هليو.

[٤]

محل آيو مڱڻو، تنبيرو تائي
ڪري راڳ رباب سين، وڏائين چائي
ورهه وبو واٽي، راٺين ڪي راه ڏياچ جو.

[٥]

محل آيو منگتو، اچان هلي همر
چوري ساز سر ڪري، ڪلي تندَ تنبير
وچوڙي جي ويرَ، وجهنديئي واٽ ٿيو.

[٦]

محل آيو مڱڻو، ساز ڪَٺِي سُرندو
سيرَ جي سدا سُر ۾، گهور ڪري گهرندو
مٿي ريءَ مَلُوڪَ جي، چارڻ نا چرندو
جهونا ڳڙهه جهُرندو، پوندي جهانءِ جهروڪَ ۾.

[٧]

محل آيو مڱڻو، چڙهي ۾ چوڏولَ
توکي گهوٽَ گهرائيو، راجا منجهه رَتولَ
پيچل توسين پول، وهائيءِ ودڻَ جو.

[٨]

هاچو ڪري هليو، هٿي هٿي تند هٿي
ريبڌو راه رَتولَ ۾، ڌوراڻن ڏَٺِي
مٿي جن مٿِي، سي ڏسيا ڏينه ڏياچ جي.

[۹]

محل هيٺ مَلُوڪَ جي، اچي ڳاڙهي ڳالهاءِ
هنيائين سُرُ سرُود جو، هَنيُ حيرت هاءِ
داهون، ٻاهون، ٻانهيون، ٿيون روئن راماءِ
جنهن هيءَ سُر سيباءِ، سو مَنُو ڏينڊو مَنگڻي.

[۱۰]

محل هيٺ مَلُوڪَ جي، ڪنهن ڪيري ڳت
سُڪو ساهه سين جو، پسي پانڊپ پت
هيءَ جو آيو هت، سو ڪندو ڪرڳل ڪوٽ ۾.

[۱۱]

محل هيٺ مَلُوڪَ جي، اچي وائي ڪني وِيرَ
راس هنيائين راهه وٽ، تَنڊن جي تدبيرَ
سا سيباڻي سلطان ڪي، سُرتَ منجهه سريرَ
وڏي سِرُ سُڌِيرَ، وڏو پلئه پاڪ جي.

[۱۲]

پرديسان پنڌ ڪري، سٺي آئس سوپَ
ٿيلهيا تون ٿانءَ ڪرين، تَڪَن ڏيٺي ٿوپَ
ڏارت ۾ ڏوپ، سِرَ ري سنتوڪ نباهه ڪو.

[۱۳]

پرديسان پنڌ ڪري، جهاڳي آئس جُوءِ
سا سپ پروڙيئي خواهش هماري خُوءِ
رُخ جيهاڏي روهه، ڏانُ تون ئي ڏيج مون.

[۱۴]

پرديسان پنڌ ڪري، سٺي آئس شان
سائين سپ پروڙيئي، جا اندر منجهه انسان
منگان ڪهڙي مت سين، آءٌ نسورو ئي نادان
”شهاب الدين“ چئي، سور ٿيا، غير سپ گمانَ
سو ڏياربهون ڏان، جو طمع کي ترڪ ڪري.

Gul Hayat Institute

[۱۵]

راجـــا رنگ محل ۾، جـاجڪ سر زمـيـن
هنيائين جا هٿن سان، سا سٽيي بالا منجهه بين
تازي ڏهوس تڪڙا، جتنوهتر پاڻهي زين
پيو مـنگيـئـي ڪين، سيرُ ڪيو سڏ ڪري.

[۱۶]

تن جو سيرُ آبـهيو، ڪين جو تندون چُون
تن دايون پايُون پانهيون، رت سپيئي رُون
امر جو الله جو، تنهن جـا پٽهه اچيو پُون
سي ڪيئن هيٺيي هُون، جن ڪي هٿي جو سڏُ ٿيو.

[۱۷]

چارڻ تنهنجي چنگ جو، عجبُ آهي اِيءَ
هٿين تو هٿن سين، جيئرو رکيي جيءُ
رات همارو ريءَ، ڪاٽيو تـو ڪماچ سين.

[۱۸]

چارڻ چتنگ پُرائـيـو، حقيقت حـالا
تندون تنهن تنبير ۾ ٽيون وچـن وصالا
جوهر جـمـالا، ڪامـل ڪتيا ڪيترا.

[۱۹]

چارڻ چنگ پنڪ هٿيي، وچائيو وڏاڻ
سيرَ جو هڏ احسان، پر مڱڻهار متي ويو.

[۲۰]

چـارڻ وارڻ مڱڻو، مون ڪـي ٿئي شترمُ
وٽ ماڙيڪ، هڏُ موڙيُون، ڀائيي! رڪ پرم
هيءَ هڏُ ۽ چـرم، تنهن سيرُ ۾ سڄڻ نانه ڪين.

Gul Hayat Institute

[٢١]

”وَحدَهٗ لاَ شَرِيڪَ لهٗ“ اِيءُ ننڌُن جو تانُ
ڪينهين ٻيو ڪماچَ ۾، سڀوئي ”سُبحانُ“
تنهن پٽاندر ڏانُ، سِرُ ڪُڇاڙو سڄِيان.

[٢٢]

وَحدت جو وڏانَ ۾، تنڌُون چور تنبيرَ!
وِهُسي واڙيءَ ڦُل جيئن، هنيون منهنجو هير
واهه اچوڪيءَ وِيرَ، جي مٺو لٺيوهه مڱڻا.

[٢٣]

مٿي ڪارڻ مڱڻو، آيو در دَرِ
ساز ڪيائين سوارو، پوئين رات پٽرِي
راجا رات گهُرائيو وِهائيءَ ورِي
ڪڙڪو ڪوٺ ڪرِي، جهوناڳڙهه جهُري پِيو.

[٢٤]

ڪنجهي، ڪيرت، ڪينرو، واڄو وِلاتِي
ڏسندي ڏاتار کي ظاهر ٿيو ذاتِي
ڪيڏِي تنهن ڪاتِي، وڏو ڪرت ڪپارَ ۾.

[٢٥]

ڪنجهي، ڪيرت، ڪينرو، وِلاتِي وائِي
هٿي ننڌ حضورَ ۾، تنهن وَحدَت وڄائِي
ڏنائين ڏاتار کي ڪنهن طرح تسلائِي
اِيءَ ڳُجهه ڳالهائِي، تي مٿو آندو مڱڻي.

[٢٦]

ڪنجهي، ڪيرت، ڪينرو، جاچڪ نيو نه جُوءِ
سُلطانَ ڪري سدائين صُبوحُ
سير سنڀاهو هُوءِ
هنيئون ڳنڍي منجهه، وڏو ڪرت ڪپار ۾.

Gul Hayat Institute

[٢٧]

انا پائڙي آئيُون، جاجڪَ توکي جيءَ
ڏمرج ڪم ڏياچ چئي، الله لڳ اُپيءُ
مٿو آهي هيءُ، سو ويهه ڀيرا مٿ وڍيان.

[٢٨]

انا ڀائي آئيُون، تنبيرو نون ڪالهه
ڪَرَ ڪنهيو وچين، مٿي ڪِڙهه ڳالهه
مامَ پرُوڙي آهي، مون تُمهاري مٿا.

[٢٩]

ميهن ۾ مڱٽي ڪا جا ڳالهه ڪِجهي
سا، دايون ڀايون ڀانهيون سوجهي ڪنهن نہ سُجهي
وِيهون ڀيون وِماسَ ۾ عاقل ويا آجهي
هيڪ ٻيجلَ تہي ٻُجهي، ٻي خبر هئي ڪنگهار کي.

[٣٠]

ٽهيئي ڀرتا پاڻ ۾، تندُ، ڪٽارو ۾ ڪند ***
تنهن مُلهہ ڏيي ناهہ ڪو، جو تو ڪيو پند
’شڪرُ الحمدُ‘، جو مٿو گهريئي مڱٽا.

[٣١]

مٿو مٿان ڏي گهوريان، مٿو تو مٿان **
هيءَ هڏوئي هٿ ڪر، جاجڪَ وهلو جا
اَنهيراءِ اڳيا، مٿان واڇا ۾ ولهو رهين.

[٣٢]

تندَ برابر توريان، جان سِيءَ سونَ پائي
تان آنڊلَ اوڏانهين وهي، جيڏانهن ٻيجل ٻرائي
آهو جنهن لائي، تنهن سِرَ ۾ سَڄڻ ناهہ ڪين.

Gul Hayat Institute

[٣٣]

چڙهي سر چاڪرين، جان آئين منجهه مَحلَ
تان ڏُٺي ڏڙ ڏار ٿيو، ڏنو سر سائل
هئي هئي ڪيو هاريين ڳوڙها مٿي ڳلَ
اوتي آب اُڇلَ، جهوناڳڙهه جهُري پيو.

[٣٤]

چڙهي سر چاڪرين، آئين منجهه مڪان
تان ڏٺي ڏڙ ڏار ٿيو، ڏنو سِرُ سلطان
هئي هئي وَهي حيران، جهوناڳڙهه جهُري پيو.

[٣٥]

چڙهي سِرُ چاڪرين، جان پَري آئين پيرَ
تان ڏٺي ڏڙ ڏار ٿيو، سيسي ڏني شيرَ
مارڻ اِيَ نه وبرَ، مون کي مٿو مڱڻا.

[٣٦]

رڻ ٿيو، راڄ کپيو، پٽڻ پيئي پٽَ
آڇاميي عالم جي سيٽ ويئي سٽَ
پيئي دهشت درواڻن تي، پکا محبت مٽ
اهڙا چلايو چٽ، ڪر وڃي جاجڪ جنبيو.

[٣٧]

رڻ ٿيو، راڄ کپيو، پٽڻ ٿيون پٽين
سهسين سورٺ سامهيون، اُپيو اوساريـن
ناريون ناڏ ڪرين، ڇڏي راجا رات رَمَ ڪيو.

[٣٨]

رڻ ٿيو، راڄ کپيو، سورٺ ڇڏي سار
اکيان رتُ ريلا ڪري، وڪرُ پاڻو وار
هيڪر پير پٽار، وهلو واليمَ آءُ وري.

[٣٩]

رڻ ٿيو، راڄ ڪيو، راڙو منجهه رتولَ
دائون، ٻائون، ٻانهيون، پيئي ڪوڪ ڪٽڙولَ
ڏَڪُ همارو ڍول، تنهن ساڄن اڄ سڏاريو.

[٤٠]

رڻ ٿيو، راڄ ڪيو، پنيو سِرُ ڀنڊار
نماڻا ٿيي نڱيا، موتيا مڱڻهار
سهسين صورت سيڪڙو، جي ڦريا قمربدار
هئيَس جنهن آڌار، سو راجا رات رَم ڪيو.

[٤١]

رڻ ٿيو، راڄ ڪيو، ويٺي سونهن سڀن
آئيون هٽن هٽڙا، گهوٽيون منجهه گهرن
ڀيون ڏنهو ٻن، وڃي جاجڪ جُنبيو.

[٤٢]

سورٺ منٺي، سڪ ٿيو، خيما ڪنيا ڪنگهار
تنهان ڀوه مڱڻهار، ٿي سِر ڏنو ڏاتار کي.

[٤٣]

سو مالڪ، سو مڱڻو، سو راجا سو راءِ
سوئي ڪنجهي، سو ڪينرو، سو واڄٽ، سو واءِ
سوئي ريجهي، سوئي ٻوجهي، سوئي ساڻ صلاح
اِنَّ پُرِ پاڻ الله، وڃيو ٿي وجُود ۾. *

[٤٤]

ڪڏي تندون تيڪّ مان، ٻيجل ٻُرايون
سودا چڙهي سور کي، تو وڻ ڪري وائون
روئن ٿيون راه ڏياچ کي ٻانهيون ۽ ٻائون
جي متڙهي ڪڙهه ڪائيون، تن سين جاجڪ پاڻ
جتلي ويو.

Gul Hayat Institute

[۱۴۵]

مٿي چڙهي مڱڻهي، ڏني اکين سين آڄ
پيو تنواريائين تان نہ، ماري ويو مامَ سيڻ.

[۱۴۶]

ڪنهين سڻيان ڪين، منت موڙهيم ماء
پسڻ ڪنان پري ٿيا، سڻڻ منجهہ ساء
نَڪي مڱي مڱڻو، نہ واڄٽ نہ واء
اِڀين آهہ الله، تندُن تانُ هيڪڙو.

[۱۴۷]

ڏسندي ڏياچ کي، مري پيو مڱڻو
*وندو سيرُ، "صديق" چئي، پنهي پنڻو
ڪندو ويو پتنڻو، چارڻ اِنهي چنگ سان.

[۱۴۸]

وَڄي تندَ وصال جي، ڪا جا تند ڪناس
*مان مانُ منجهہ مئاس، آوازُ "انالحق" جو.

[۱۴۹]

"بينُ" وڄائي "ڪينرُ"، تندَ تنواري جا
سالڪ سمجهہ تنهن کي، جا کائي تو ڪل ڪا
سيسيء گهُرَ نہ سا، هُو تان مڱي ڪي پيو.

[۱۵۰]

چنگُ نہ چارڻ تو ڏيان، پرهہ پڻولو ايڪ
آهين وڏو نيڪ، مينٿ مڃُ تون مڱڻا.

[۱۵۱]

چنگُ نہ چارڻ تو ڏيان، پرهہ پڻولو ڏيد
آهين وڏو ڏيد، جي منٿ نہ مڃئي مڱڻا.

[٥٢]

چل تہ چارڻ تو ڏيان، پرھہ پٽولا تي
تازي طنبيلن مان، جي کپنئي سي ني
مُحِبَ منھنجي کي، متئو گھرُ مَ مڱڻا.

[٥٣]

چل تہ چارڻ تو ڏيان، پرھہ پٽولا چار
وٺ ماڻڪَ پَتَ مُوڙيون، تون پٽَ اڳين جي پار
راڻيون ڪيمَ رُئار، منٿ مڃي آتُ مڱڻا.

[٥٤]

چل تہ چارڻ تو ڏيان، پرھہ پٽولا پنج
تازي طويلن مَ، ٻيا سونا مٿن سنجَ
هيي جو منھنجي هنج، تنھن کي متئو کھُر مَ مڱڻا.

[٥٥]

سورَٺَ مڱڻهار کي، جالَ پري جانھا
اسين ٻوجل آهيون، تنھنجا ٿيي ٻانھا
چڏ طمع جا طعنا، نہ تہ مريو ٻوان ٿيي مڱڻا. **

[٥٦]

ڏنو سِرُ ڏِکَ تي، تنھن راجا رُوءِ راءِ
حال حُسيني آئيو، تنھن ماڻجهيءِ مرَد متاءِ
شہر شھادت رسيو، پيڙھيين پاتشاھ
مھائيين مُلاءِ، **ڏِنئين سر صدقو کري.

[٥٧]

** ڏنو سِرُ ڏِکَ تي، تنھن صوفين جي سردار
ڳائي ڳالھائو ٿيو، ڌرياڻون سِرُ ڏار
تنھن جيي کير کري ڪوار، جو کلمي
سان ڪاٽيو.

[٥٨]

پوئين رات پرڀات جو، جا چارڻ ڪئي چانگار
ڏائي دروازي ڪوٽ جي، ڇوري تند تنوار
مڱي نه مڱڻهار، وٺي نه سِرُ، ”صديق“ چئي.

[٥٩]

پوئين رات پرڀات جو، ڪڙڪو پيو منجهه ڪوٽ
چارڻ تندون ڇوريون، چڙهي متي چوٽ
گهايا گهڻا گهوٽ، سڻندي سُرُ، ”صديق“ چئي.

[٦٠]

ڪنجهيون نه ڪينرا، اِهي هاتفي هُلَ
متا ڪن تا مُلَ، صوفين جا ”صديق“ چئي.

[٦١]

ڪنجهيُون نه ڪينرا، هِي هنگاما هُوءِ
اچي ٿيو روبروءِ، صبوح جو، ”صديق“ چئي.

صدا

هيجان تن هئي، اي وه ووه جو پتهه چارڻ ڇوريو
١- ريڊو راءِ رتول ۾، ميان ڏوراڻن ڏئي
٢- متو مڱڻهار ڪئي، ميان ڏنو خاص ڪٽي
٣- ڏِڪِي ڏاتارن ڪي، ميان متو اي جن مٽي.

صدا

آهيان راءِ ڏياچ جي، اي مون الله، اي مون الله،
ٻئي ڪي سِرُ نه نائيان.

صدا

اي هو ڳڙهه سين ڪرهان نه ڳالهه، وهان ڪيئن والڻها
آءٌ جا ههڙي حال، اي چارڻ چانگاري چانگاري
١- مون تنهنجو اڳهين ڪيو هي سِرُ سينگاري سينگاري
جي تون ٻولي ٻي نه ٻولين ته پوي سِرُ قبول....

# صدا

## اي هو عجب تيکيي تار، تيکيي تار

١- کوڙيين ڪٿ ڪيترا، سهسين سورهه دار سورهه دار
٢- وَليي ۾ واصل گهڻو، جي عاقل عقلدار، عاقل عقلدار
٣- 'اَنَالحَق' آکيئي ڪٿهين، تون تون ڪئي تنوار ڪئي تنوار
٤- جيئن بازيگر بازيءَ ۾ پٿرا ڪري پار ڪري پار
٥- ڪِئي جياري پنهنجو، جي هوئيس پاڪ پار پاڪ پار
٦- تيئن عاشق، اهوئيي اکيون، تو ڪئسي وارو وار وارو وار
٧- سپ ني، "صادق" هيڪڙو، تو ڪئو ڪهڻهار.

Gul Hayat Institute

# سُر ڪيڏارو

## صدا

متان موٽين ڪانءَ، ڪو پاهون پير ڏيئي

١- سَڏا سدا سائُوئين، واه واه جهولي جهمين پاند

٢- جيئن تُورا ڏينهڙا، واه واه ڪجن وڏا پاند.

## بيت

[١]

چڙهيا شاه حُسَيْنَ سين، مرد متارا ميرَ
واڳيا سي ويرڙين، تڪيو هڻن تيرَ
ڦريا تان نه فقيرَ، آمر منجهه آئي ويا.

[٢]

حَسَنَ مير حُسَيْنَ جي، جنگ ڀڏي جڳ جالَ
ڪتيُبترَ ڪانَ ڪمارا، تيغ ترارين تالَ
سانگين ساڌون ميهن جيئن، متن ڪيا مثالَ
قتل ڪڙڪو ڪربلا ۾، لائي آيا لالَ
ڪوڏيا سانڻ ڪمالَ، شير شهادتَ رسيا.

[٣]

حسن مير حسين جي، جنگ سُڻي سين
چوڏس رُڪ چمڪيو، متي متئوڪن
وَڦنڪا ويرين سامهان، هاڪاريو هڻن
مانجهي ڏان نه مُڙن، جان جان رڻُ نه رڱيو.

[۴]

حسن مير حسين جي، سٽئي جنگ جتهان
آئا اوهيرا ڪري، ڪاريهن پڪيهن ڪان
بندوقون نہ، بان، مانجهين جهليا منهن تي.

[۵]

مانجهيءَ منهن نہ موڙيو، پسي پڪڙيون
رڻ رتائين رُڪ سين، موڙي مڇڙيون
تنهن وير وڪڙيون، ڪانڌ وڌندي پائيون.

[٦]

ڪانڌ ڪلوريين ڪپريين، ور ونائيو آهُ
جت سيلهن جي سڙهہ وهي، تيت پير وڌندو پاهُ
تان تان پيو مَ لاهُ، جان جان نُوندين نہ چڙهين.

[٧]

اچريا منہ مانهيين، پچريا پاونگ
فوجن فيلَ سنباهيا، تازيين ڪنڌيين تنگ
هٿن پڙ پڙن ڪي، بڙڇا ڪوڙيو ينگ
ڪلها، ڪنڌ، ڪرنگ، جهڙن جهونجهارن جا.

[٨]

جهونجهارڪي ذات جو، جان پير پروڙيو مون
نہ اچن عراقين تي، پڙ پيريندا پئون
ور م ويسر تون، متان اٺيارن جئن اڙ پوءِ.

[٩]

ڪو ڪنهن جا نہ سٽي، سانگين وچان سٽڌ
رڻ ۾ رتولن جا، پيا هارجي هٽڌ
جتي مڙن مٽڌ، آتي جٽڪن جيئن جوڳو ٿئي.

[١٠]

جيئن تورا ڏينهڙا، گهوڙن ۾ گهوٽن
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا.

[١١]

ڏاڙهي ڏاڙهونءَ گُلَ جيئن، منجهان رَتَ رتياس
سونهين چوڏهينءَ چنڊ جيئن، پِڙَ ۾ پاڳڙياس
پِڙَ ۾ پار ڪٽيو، مر مرڪي ماڻڙياس
نيزا ننڊ ٿياس، گهوڙن گهوٽ وَناهيو.

[١٢]

ٽڪر مٿي نيريين، آيا اجاريين
سانگيون سائون هٿ ۾، ڪلهئون نه لاهين
آيائي آهين، سانجهين مرڻ متن ۾.

[١٣]

ڪٽتانءَ هيٺ نه ڪوڙيا، پاڪ جنين جا پيرَ
سي تفنگ ترارين تڇيا، ڇٽيو پٽون ڇڪير
ڏيونديءَ ٽنئي جا ڏير، ڳجهڙين ڳيري لاٿيا.

[١٤]

وڍيءَ ڳجهن ڳاڙيا، ڏنجها ڏک گهڻا
ٽنگي لٿين ٽوڻ جي، جو سورهيه ساماڻا
ڪندا راماڻا، ڪؤنر ڪيڙي جا ڪوڏيا.

[١٥]

ڪؤنرَ ڪيڙي جا ڪوڏيا، تون جاڻئين تو جيين
اڙين مٿي آسري، تون رُڪَ پيالو پيين
ڳاهه ڳجهين جو ٿيين، ويٺي جن ورهه ٿيا.

[١٦]

تارا تاڻ ۾ ڳجهڙي، جيئون ڪڏي ۾ ڪاڻ
رُڪ رهائيا، رنگڙيارا راڻ ۾
ملوڪن مٿاء، پاڻان ڪهه نه چندبين.

Gul Hayat Institute

[۱۷]

ٽيئي ڳجهڙيـن رڻ ۾ ڇانئيو، جيئن ڇپر منجهه پٽهون
وڻڪا ويرين سامُهان، ٻوڙيو ڏين ٻهون
جهونجهارن وهون، نيرُ مهانگو ڪنديون.

[۱۸]

جهوليون جهونجهارن جون، جهمنديون اچن
پاٻو ٻڪ ٻهار جا، آن جون وهون واڪا ڪن
پٽيو پار ڪين، ڇٽي رڻ متو، راڙهو ٿيو.

[۱۹]

رڻ متو، راڙهو ٿيو، رٺي نه ڏسجي سيج
مرد مرندا آڄ، جوبن پاند جهرڪيو.

[۲۰]

پاڳ ڦڙڪو جو هٿي، ڪتاريءَ جهوڙو
تنهن ورَ ڏيان ٻانهڙي، مر رڇي ڇوڙو
سائو سو پورو، پکن منجهان جو پري.

[۲۱]

متر مترين، آءُ روئين، تون موٽي ڪانڌ مَ آءُ
اڳي هٿي ڇانو تنهنجي، آس قبولي مان
آءُ پڻ پين سان، پورهيو ڪري پٽرندي.

[۲۲]

پاڳ ڦڙڪو جو هٽي، ٻڌي ٻه پاڳون
اڳين جون آڳون، ڪانڌ ڪرَهي لاٿيون.

[۲۳]

مر مترين، آءُ روئين، تون موٽي آڄُ مَ ڪانڌ
ڪجن وڏا پاند، جيئن تورا ڏينهڙا.

[٢٤]

ماءِ هماري ڪنت جي، اڙين سر اوطاق
تنهن ڪي مُنهن ۾ مصرين جا، سدا چڪن چاڪ
جيئڻ جن فراق، مرڻ تن مشاهدو.

[٢٥]

سُورهن چيو سڀ ڪي، اُنهي ڪر م اوبر
سَجهند ڏٺي سائونئن جا، پيڙ ۾ ڏسون پير
چٽڙين جيت چڱير، آت ڪانئر اپو ڪک چڙي.

[٢٦]

دُلدُل آهو سڪڻو، ڏوران ڏناڏون
بيبيءَ ڪي بيبانَ ۾ اچي خبر ڏناڏون
چئي: شير شهادت رسيا پيڙ لٿهي لاٿون
مچي رضائون، داخل ڏٺا دين ۾.

[٢٧]

رَسيو رُڪائين ۾، جهڙ جهُوڙو جهم جهير
ڪَڪيون ڪپارن ۾ چمڪيو پائن چير
ماءِ هماري مير، مانجهيءَ مشاهدا ڪيا.

[٢٨]

رسيو رڪائين ۾، جهڙ جهوڙو جهم جهڪ
ڪڪيون ڪپارن ۾، چمڪيو پائين چڪ
ماءِ هماري حق، مانجهيءَ مشاهدا ڪيا.

[٢٩]

رسيو رڪائين ۾، جهڙ جهُوڙو جهم جهور
ڪڪيون ڪپارن ۾، ڪيراڻين ڪنگور
ماءِ هماري مور، مانجهيءَ مشاهدا ڪيا.

[٣٠]

رهيو رڪائڻ ۾، ڪرن جت ڪنگور
گهاءِ جهاڳيندي گهٽ ۾، مرڪن مانجهي مور
اڻيارا اٺور، هاڪيو هٽن هاٿين.

[٣١]

ڪلهي ويڙ ڪٽڪ ۾، پاڪر جو پاڻي
تنهن ڪي جيءَ سندو آسرو آهي
مَتر سورهيه سو چاڻي، جو رُڳوئي رڻ گهڙي.

[٣٢]

* ڪلهي ويڙ ڪٽڪ ۾، متلهي جي نه متر َن
سي ڪندَ، ڪٽارا، ڪاتيون، ڪيرا ڪوهه ڪٽن
سونپا تا سنهن، سندا مانجهين مهٽا.

[٣٣]

هڻُ ڏاڻي، هڻُ جيڻي، هڻ، هٿندن سوپ
جتڙي چڙهيو لوپ، رڻ تتي جو ڪوڏيو.

[٣٤]

هڻُ ڏاڻي، هڻ جيڻي، هڻ، هٿندن حال
مار مهنديان، پٽل پوئيان، ورهج وڏُ وصال
ڪنجهين پوندي ڳالهه، صباح سورهيه تنهنجي.

[٣٥]

ناڻي جو نفس ڪي، سورهيه آهي سو
ڪلهي ويڙ نه ڪاهتو، چمي آءُ نه چوه
مانجهي ماري ڏوه، تحمّل جي تيغ سان.

[٣٦]

*** سانئو مرين سوپ ڪي، ته آڏي ڏال م ڌار
ورهيه پالين، پٺو پاڪرين، ترس م پتسي تارَ
متي تيغ ترار، مار نه متارو ٿيرين.

[٣٧]

ساهُو مَرين سوپَ ڪي، تہ جنگ جيءَ سين جوڙ
** آرڻ تيغ عشق جي، تون مرڻ ڪاڻ مَ موڙ
خواب خيال خطرا، وڃاءِ سڀ واڍوڙ
ناجي نفس نهوڙ، تہ راز پروڙين رڻ جو.

[٣٨]

** ساهو مريهن سوپ ڪي، تہ جنگ جيءَ سين لاءِ
آرڻ تيغ عشق جي، واڳون تـي وَهاءِ
ان پر تنهنجو آهہ، پيڙ پنجاهين وچ ۾.

[٣٩]

** ساهو مرين سوپَ ڪي، تہ پاهُون رَکُ مَ پير
مَتنَ مدّعي منجهيان، واڳون پايو وير
اڇـي آبتهہ آرڻ ۾، پَري پالين پير
ان پر نفس نبير، جا تو ڪنڌهہ ڪپار ۾.

[٤٠]

وڙهيا، وڳيا، واپريا، سي صوفي شير
واڳون وَڌي آئيا، سانجهي مَلّ متير
مسافر ميدان ۾ چڙهيا گهٽا ڇڪير
پيڙَ ۾ ڪوڙي پير، سِرَ ڏناڏون صدقا.

[٤١]

ڪَنڪ وير ڪلي ۾، هٿي جي حسن هو
تہ پيڙو پيڙو پاءِ تان، هوند پڙمڪن جيئن پيو
ڪندو ڪير بيو، حملو مير حسين سين.

[٤٢]

مون جهرڙيندي چڏيا، ڪاري ڪنڪر هيٺ
ڪارا ڪنڌ هٿن ۾، بيا آنند وچيرا هيٺ
مون ڪيا ڏيهي ڏٺ، ساهُن جي سردار سين.

[١٤٣]

محرم موٽيي آئيو، آئيا ٿان نہ امامَ
مدينيءَ جا چام، ڏاتر مون ڏيکارئين.

[١٤٤]

محرم موٽيي آئيو، آيا ٿان نہ امير
مدينيءَ جا مير، ڏاتر مون ڏيکارئين.

[١٤٥]

ماءُ چيو پٽَ کي، آءٌ نہ تنهنجي ماءُ
جيت سيلهن سيڙهہ وهي، اُتِ وڪَ وڌنديءَ پاءُ
آءٌ بہ بين گهاءُ، پورهيو ڪنديس پانُ لئي.

[١٤٦]

گهائي گهوڙو گهوٽَ جو، رَتَ ۾ رَتائون
آئي آلَ رَسُولَ جا رڻ ۾ ڪٺائون
مُفت مُٺائون، بيبيءَ کي ٻچيانَ ۾.

[١٤٧]

خالي گهوڙو گهوٽ جو، هليو ڏانهن حرمن
جهنڊا جهلِيي آئيا، مٿي سير مردن
شاهہ ويرين ويڙهيو، پالا ٿا پڙڪن
ڪتا ٿا ڪُهن، حملو مير حُسين جو.

Gul Hayat Institute

[١٤٨]

اولاد علِيي شير جو، ڪوفين ڪوٺايو
دغا رکي دل ۾، تہي رڻَ ۾ رلايو
جهڙو جهونجهارن تي اوچتو آيو
ڏين ڏهي دنيا تي ولِهتن وڃايو
ڪُٺن کهايو، حملو مير حُسين جو.

[٤٩]

ڪاهيائون ڪربلا ڏي، گهڙيا منجهه گهمسان
آيا اوهيرا ڪري، ڦهڙي وُٺا ڪانَ
گوڙيون گُرزن ڪيون، نينهن ڪوڙيائون نيشان
ڏاڍو امرُ الله جو، ڪنهن جي ڄڃلي ڪان
آئي ساڻهان تيا سلطان، سر ڏنائون صدقو.

[٥٠]

ڪاهيائون ڪربلا ڏي، گهڙيا منجهيئي گهوٽَ
اچي ويرين ويڙهيا، ڪوفين ٻڌا ڪوٽَ
ٻالڻ ٻڙڪارا ڪيا، چڙهيا نيزن چوٽَ
هٿا اُمتَ جي اوٽ، شير شهادت رسيا.

[٥١]

وڙهيا، وڪيا، واپريا، آتلَ آنيارا
اچي آنبارن تي ويرين ڪيا وارا
تيلهان ويا نڪري، جيلهان هٿا ٻه ٻارا
انهيءَ ٻر آنارا، ڪيا پرڏيهين پڙَ ۾.

[٥٢]

وڙهيا، وڪيا، واپريا، ڇهيڙي جهوڪَ ڏَٺي
امرَ سائڻ الله جي، اونچي ڪيائون آٿي
رضا جا رحمان جي، سڌا واحد ڪي وٿي
ڪاهوڙي ڪٺي، ويا گُذاري ڏينهڙا.

[٥٣]

ٿي ٻيٻانَ ۾، آيي ٻاڪاري ٻيهي
گهڙيا گهمسان ۾، سي ڏاترُ ڏيکاري گهوٽ
جنگ، يتيم چٺي، هنيائون هاڪاري لڳي
ٻه سينگاري، مانجهي گهڙيا مُنجهه ۾.
مير

Gul Hayat Institute

[٥٤]

مانجهي گهڙيا مچ ۾، سي ڪوڏيا موٽن ڪين
ڏسيو آچ اولاد جي، هڻن راتو ڏينهن
سي ڪيلو پڇن ڪين، جي ڪاهي آيا ڪربلا ۾.

[٥٥]

آڻي ڪربلا ۾، خيمان کوڙيائون
ڏسي رضا رب جي، منهن نه موڙيائون
لال لٿي لائون، ٿيا مسافر ميدان ۾.

[٥٦]

مسافر ميدان ۾، واڪو وهي ووء
نه تخت هت تاراج ٿيو، آيي بيبي روء
مير مديني جا ڏٺي، لڏي هليا لوء
آهون عالم ٿي ڪيون، رت سيڪو روء
تنهان ٿيو پوء، ماتم سڀ ملڪ ۾.

## صدا

* هلي ڏسي ڪو رنگ، ڏسي رنگ مردن جو ميدان ۾

١- جهڙ ۾ جهونجهارن جا، واه واه پيرن رتا پڻگ
٢- هٿي ڪند ٻڇيون، واه واه لال رتائون لنگ
**٣- مانجهي مرڻ من ۾، واه واه آيا گهرن رنگ.

## صدا

ڪانڊڙي ڪي ڪوڏ منجهان ڪوڏ منجهان،
هلي هار پڏائون هيج منجهان

١- متان پوئيم رات وچان، هو اچي اچي ڪانڊ ڪڪوريو.

## صدا

مور نہ سگهڙيون، سدا آليون اکيون

١- پَرَ ۾ پسن پرينءَ کي، ۽ لوڪان لِڪڙيون
٢- اُوسيڙي اوجاڳيون ۽ سَڄڻَ سِڪڙيون
٣- ڏين طهورا تڙ تان، ۽ تڪيو تَڪڙيون
٤- تان پڄن نہ ٺَن جون ۽ هٿڏهين هڪڙيون
٥- ”صادق“ وَهَنِ سُور ڪان ۽ هي نينهہ نِڪڙيون.

## صدا

پُنا جوڀن ڏينهن، چڙ آسانيا اکيان،
اي واه واه طعنا جهل مَ تيئن، چڙ آسانيا اکيان

١- هردم ڪاهہ قلعي ڏي، واه واه هلي مرج هيئن
٢- رؤنشو رڪ وَهي رڻ ۾، واه واه چيري چيءَ جيئن
٣- مانجهي ميڙيا مَچَ تي، واه واه ڪانئر اچن ڪيئن
٤- مرڻان اڳي مَرُ ٺون، واه واه آيو آڄ مَ ايئن
٥- ”صادق“ سوريءَ سامهان، واه واه چڙهيا نيزي نينهن.

## صدا

جو تو ڪنو ڪنڌهہ، آءٌ اهوئي آهيان

١- مون کي ڪهيو ڪاتين، واه واه منهنجي لاهئين کَلَ
٢- مون کي چاڙهيو سوريءَ تي، واه واه سامهان ڪئي سَلَ
٣- ڪَڏهن ڪرتُ ڪپار ۾، واه واه ڪڏهن جيئري جَلَ
٤- ڳِچهو ڪانئي منهن ۾، واه واه پڌري ڪَنئي پَلَ
٥- ميرَ وڌائيئي ”صادقين“، واه واه هُو جي مانجهي مَلَ.

Gul Hayat Institute

# سر سويڙو

## بيت

[۱]

ڪڙڪو ڪربلا جو، ڪيي جو ڪَن پيون،
تيئن مرڻ انهيءَ ماڳ تي پلڪان پلڪ ٿيون،
جيئڻ جال ٿيون، جي شهودا شهيد ٿيا.

[۲]

ڪڙڪو ڪربلا ۾، ڇوئين پٿر پيو
سُور هتي سڄيءَ رات ۾ قتل تي ڪيو
آيري سڀجُ ويو، سائوئن تان شهود جو.

[۳]

ڪربلا ۾ ڪُوڪَ ٿي، هتو ۾ هتو
اڇي اڪبرَ جنگ ۾، مَنجهئين منجهه مَرو
"صادق" بدو سندرو، آمُر منجهه اڙو
واڳيا ٿي وڻو، سائوئن جي سردار ڪي.

[۴]

ڪاند ڪتڪورئين ڪپڙهين، وَرُ وناهيو روه
پرين ڪنان پوه، متان ڏِڪَ نه چڙهين ڪهوڙيا.

[۵]

سور هتي جاوَن ڦِر آوَن، هينهين نه هونديام
ميسيي ٻَٽَ پونديام، نئونڌ نچندري ڪڍهين.

**

●

# سُر شينهه ڪيڏارو

## صدا

وينديون وندر سين، او آهيم وَڻُ وَرَنِ جي

١- ڏٺم ڳتيون مَتيَن جا، او ماءِ موتان آءٌ ڪيئن موٽان ڪيئن

٢- پٿيءَ سات نه ڇڏيان، او آءٌ رڙهان راتو ڏينهن راتو ڏينهن.

### بيت

[١]

تَرِي چوٽيءَ ٽَرِي موٽيءَ، ڪيهر موٽو پاڻ
ڳتجي نه ڳينور هٿي، پيا مرون سڀ آسان
پَٽس پاڻوهي پيڙ ۾، آيــو ڪنهن اهڃاڻ
ڪئيسر ڪره ڪپار ۾، پير نه موڙي پاڻ
هاٿي هِمتَ ساڻ، ٿو پڇاڙهو پُرزا ڪري.

[٢]

هٿي هٿ هاٿيءَ ڪي، اِي ڪيسر جو ڪم
سهسين واڳهوئين ويڙهيو، ته به دهليو ڪنهن نه دم
ڪيائي ويــر قدم، ڪوڙي پر ڪٿهي نهين.

[٣]

هٿي هٿ هاٿيءَ ڪي، اي ڪيسر جي ڪار
سهسين واڳهوئين ويڙهيو، نانجهو تان مَ نهار
ڪيائي ويــر قرار، ان ڪلي ڪانڌهرو.

[٤]

جُه هاٿيءَ جو هڏُ ڳهرين، ته ڪيسر ڪوڙيءَ لڳ
پَٽيهي وڏو وَڳ، جُنبيو جم جُهارئين.

[٥]

سهسين مڙيو سيارڙا، جانڪي جنبيو جاڳر ڪن
ڪيسر ڪن نه آڏڪي، ڏاءُ نه ڏڇي تن.

[٦]

پيڳا واڳهه، پيئو ٽيو، ٽيٽا ڏنـي ڏاڙهه
ڪيسر ڪنڍ آپاڙيو ته مروڙن ڪا مُهاڙ.

[٧]

ڳُرڙ مري غـذا ڪي، ماريو هاٿي گهاءِ
سمرٿ ڇهنج سمنڊ ۾، ٻي ڪيٿهين نه جاءِ
جيت پڪال پاءِ، آتي مجال ناهه ميرُن جي.

[٨]

وَڇوڙيـو واڳهه هٿي، پيڳا نه پـاري
وس جي ويڙهـن ۾، مرون سـي مـاري
آيو پٽ پاري، ڪار پنهنجي ڪُڙ جي.

[٩]

وڇوڙيـو واڳهه هٿي، پيڳا نـه پيري
ڪيسر سڄي ڪيري، جي ڳهتر گينور گيرجيا.

[١٠]

ٻيئو ٻاپان وڙرو، ڪٽ ڪهتر جو پتس
ڪلي وڙ نه ڪانهرو، ذات شينهان جيءَ جتس
جيت ٽئي دامن دس، آتِ آرڻ متي آڪرو.

[١١]

ڪيسريا! تم ڪيا جانو، جڻ ڪُڙ هماري ڪار
آدها ٽوٽا گير پڻيين مانهين، آدها گينور مار.

[١٢]

جي ڪيسر ڪاوڙيو، نه هانءِ پيچي هنڌ
آيـو ڪري سڌ، ته ڪو آچي آرڻ آبهري.

Gul Hayat Institute

[١٣]

آرڻ متي آڪرو، تو گجهي گوڙيون ڏي
ڊائو نه ڪيريا ڪري، بکيو پاپوهي
سائي جُوءِ مَجي، جت سهلن جي سيرهه وهي.

[١٤]

آئيمي نه آڪرو، جي ڪمي ته ڪاند
هٿي ڳتنيرَ هتَ سين، رهي نه راڳڻ راند
سامهون سيلن پاند، پاپوهيو پيرَ ڪٿي.

[١٥]

ڳتوُ ماريو گر چڙهي، گر چڙهيو ڳتوُ ڪاهه
ڪيهر پنلاٺيي جي سهي، ته لون ءِ لون ءِ لڪ وڪاهه.

[١٦]

ڪيهر قصد ڪباب سين، پرَ ماريو نه ڪاهه
هيڻن تان هتُ نه هٽي، تو ڳهندڙيارا ڳهاهه
آيو تڙ واجهاهه، ماڻ ڪو مون گهر ميڙيين.

[١٧]

ليڪي جهڪي لٿي ڪري، تو لڪي ڪارڻ لوپ
مونهان پڇي سوپ، جيئن هت نه هٽي هوريين.

صدا

تڪي ڪتر مِ توپ، اي ڪتر مِ توپ، اي اچا پرين ءِ پير پري ٿيا.
١- وڃائي متت تنهنجي او لاڳاپي ۽ لوپ ۽ لوپ
٢- وڃائج وجود ڪي او گهٽي ڪري ڪوج ڪري ڪوج.

صدا

مون ڪي پاڏان تو سونهاه رَبُ سونهائي، سي واٽون جي وندر جون
١- چڏي ويئم چپرين، هائي ڏونگر ڏورڻ تو جڳائي تو جڳائي
٢- چڪي پُران چپرين، آهه نيلان تو لائي تو لائي.

●

# سر ڪاهوڙي

## صدا

** پاڻ ڪنان پڇهي، عجب ۾ عجائب ٿيا

١- سڪت نه سٽا ساٿيه ۾، او ويٺا نه ويهي
٢- نڪي اورين اورهان، نه ڪي پٽن پريئي
٣- ڪاتب اِنَ ڪتاب ۾، او اڪر آهوئي
٤- لکڻ واري لکيو، او پرڪت ڪنهن پيئي
٥- لکي لوڪ نه سگهيا، او نِستنگ ويا نيهي
٦- ”صادق“ سجهن ڳالهڙي، او هُو جي ڏيل جا ڏيهي.

## بيت

[١]

ڇپرَ ۾ سڏ ٿيو، ڪِ ڪي ڪاهوڙي؟
جنهين جي سٽي، ٿي هت اڳهين ڳالهڙي.

[٢]

ساجهُر ٻڌا سندرا، ڪاهوڙين ڪٽي
لنگهيندي لڪن سين، ڪياءُ پاڻ پٽي
ڏکن ڏيل هٽي، وڃي ڇه ڇتائون ڇپرين.

[٣]

** جان مون ڪاهوڙي پڇيا، تان گهتر نه گهارين
واحد لئي ولن سين، روبو رَتَ هارين
گوندر گذارين، تن ڏوٿين ڏک ڏي نه لهي.

[٤]

جان مون ڪاهوڙي پُڇيا، تان ويهي نہ وسامن
ڏينهن تتي ڏونگر ۾، ڪارڻ قُوت ڪڙهن
جهنگن ۾ جهنڪن، ڏوٿي ڏُتَ گڏ ٿيا.

[٥]

ڏينهاڻي منجهہ ڏونگرين، ڏوٿيي ڪارڻ ڏُتَ
تن ڪي کهڙا سُڪَّ، جن ٻاريو مَچُ مٿن تي.

[٦]

سُڪا سَندَ ڪچن ۾، ڪرڪٽان پيرين
ٽيمنديي نيهُين، آن ڪي ويندا گڏيا؟

[٧]

سُڪا سندَ ڪچن ۾، ڪُرن نہ ڪرڪاڻ
پنڌ پراهين هليا، جُنبيا نہ جاباڻ
ڪاهوڙين اهڃاڻ، انگ نہ سجي اگهڙي.

[٨]

انگ نہ سجيي اگهڙي، لانگوٽيي نہ لِينگَ
ٻُوري مٿاهي پينگ، ٻرو پهڻُن، پٽ جو.

[٩]

انگ نہ سجيي اگهڙي، لانگوٽيي نہ لِڪَّ
ڏُکَ گذارڻ ڏينهڙا، ڏوٿين آهي ڏِڪَّ
چيچڙُ ڪري وِڪَّ، آ ٻاٽائي پراهان ويا.

[١٠]

ڪاهوڙِيڪهي پنڌ ۾، راتو ڏينهان رَمُ
چيني سُڪن سڱ، ڏُور تہ پَسين پرينءَ کي.

[١١]

ڪاهوڙيڪي پنڌ ۾، راتو ڏينهان ڏُکَّ
سائيُن سُمهي سُڪ، ڪيو نہ ڪٿر جيترو.

Gul Hayat Institute

[١٢]

آڳَڙ ڪاهوڙين جي، تون وَنءُ وڻهي آءُ
جوش ڏنائون جيءَ کي لڪائي لوڪاءُ
ڏوٿين ڪنهن ڏکاءِ، سُمٿهي سُڪ نه ماڻيو.

[١٣]

ڏونگر ڏورڻ ڏکڙو، جيڪو ڏُک ڪري
ڇپر ڪَنَ نه ڏئي، سڪڙين سنين کي.

[١٤]

مٿي ڏونگر چوٽيين، ڪاهوڙي ڪينوَن
ڪمل آهي تن، سپيريان جي ڳالهڙي.

[١٥]

سپيريان جي ڳالهڙي، ڪَمتر کي پڇهن
عقل اوچُون ٿيو، منجهيو مُنهن وڃن
تيائين قليلن، ٿي ڳالهه پروڙي ڳجهه جي.

[١٦]

سُپيريان جي ڳالهيڙي، لڪين دليلهين
لکيي لوڪُ نه سگهي پڇي خليليهن
تيان ٿي قليلهين، ٿي ڳالهه پروڙي ڳجهه جي.

[١٧]

ڪاهوڙي ڪيڙين سا، جا آڳاهين جُوءِ
تنهين منجهان آيري ڪا ڳجهه ڳجهان ٿي ٻُوءِ
پيئا تنهين ڪوءِ، جت پُهت پُروجهن ناهه ڪا.

[١٨]

جا جُوءِ ٻُڌي نه سُئي، ڏوٿي سا ڏورين
پاسا مٿي پاهڻين ڪيلن ۾ ڪوڙين
وَڃيو تيتِ وَوڙين، جت نهايت ناهه ڪا.

[١٩]

✓ آهي آوُڪي آڳري، ڪاھوڙيَ ڪي مامَ
تن ساڻيھين سَتَ سَلامَ، جن پنڌ پراھون ڏيکيو.

[٢٠]

آنُ ڪا ڏِٺي ڏوٿيا، ڪاھوڙي ڪي ڪيرَ
تن جا چِپُن چِنا پير، ته ٻه چارَ ھيڪو چوٿِيين.

[٢١]

* جنين ڏونگرَ ڏوريا، سانُوَرَ ٻَنڌِي پيٽ
تن ڪاھوڙين ڪِهَ ھيٺ، وچي پاسا ڪوڙيا.

[٢٢]

✓ ڏُهيلو وڃڻ ڏوٿيان، جِت نه پکيئُن جاهه
سپيريان جي ساهه، چڙھيو وڃن چوٿيئن.

[٢٣]

✓ سُوڌِي خبر پکنئان، ڪاھوڙين ڪرا
وڃي جن ڪيا، متي آگڻ آھرا.

[٢٤]

* تِت ٺِڪي باهڙي، جِت نه پکيئُن پير
آتِ ٻارِيندو ڪير، پيو ڪاھوڙين ريءِ.

[٢٥]

* جنھي ٻَنِي ڏوريا، ڏونگر ۾ ھاڙھو
ڏينھاڻي ڏارو، ڪن پرانھين پنڌَ جو.

[٢٦]

✓ پيريان سندي پارَ جي، اَڪنڌَ جن آهي
چڙھيا ڏونگر چوٽيين، ڪاھوڙي ڪاهي
سِڪ نه سِتا ڪڏهين، ڪرڪئان لاهي
سِڄيون ساگاهي، جهريُون جهاڳي آئيا.

Gul Hayat Institute

[٢٧]

مٿن ڏوءِ ڏسڪڙا، چڳهندا اچن
تن جون ڪُڙ ڀُون ڪهُ ڀُڪليون، پڳهر سر پيرن
اچيءَ پر ڏوٿيٽڙن، جيئن مون ڏلائيندي لنگهيا.

[٢٨]

پيرَ آگهاڙا پند ۾، ٻي ليڪن لڪيئن ڪهه
ڪنهن جنهن سندا ڏيهڙا، تئن تا ٻولي ڪن ٻاجهارئين.

[٢٩]

ڪتني پاٿو پيرهين، انَ آپهريءَ ۾ پيرُ
سيرَ مٿي سوٿو سَهي، تيئن ڪو پاٿي پيرُ
اَن ڀُونءِ سندو پيرُ، ڪوڙ ڀتن منجهان ڪو لهي.

[٣٠]

جهنگل هليا نه ڀليا، راهه هليا ڦرجن
اوجهڙ سي نه پتوَن، جن ٻئي واٽون ڇڏيون.

[٣١]

پيرين ڀُراڻا ڪيترا، سُڪا مُنهن سندن
سا جُوءِ ڏوري آئيا، سونهان جتِ مُنجهن
تنهان پتري ڪاهوڙين، وَرَ ڏيئي وَٽَ چوندا.

[٣٢]

نه ڪو پسڻ پرينءَ جو، نه ڪي اسين پاڻ،
اونهون پند الله جو، مَتِ منجهي تي هاڻ،
ان پَرِ اسان ساڻ، مقابل محبوبَ ٿيا.

[٣٣]

جتي سڌ سبحان، آبتي راهه آهي
وچي ڪو ڪاهي، ان معنيٰ ۾ منجهڻ گهڻو.

[٣٤]

ڦيٽو ڪر فراقَ ڪي، وڃڻ وهو وصال،
پسڻ ڪي پرينءَ جي، ڪونهي ڪو ڪمال،
هتي وهو حال، سيوڻي سُبحان ۾.

Gul Hayat Institute

[٣٥]

ڪاهوڙي ڪٺِي ويا، ڏيئِي ڏِيل ڏُکن
ڪڏهن ان نه قبوليو، سندو سانگ سُکن
ڇيپرَ ڇيهه نه ڪن، پيا "صادق" سڙن سُور ۾.

[٣٦]

"صادق" تنهن سِچ پٽين، جنهن ڇپر ڪونهي ڇيهه،
آيمان آيتن نه ٿئي، وهان ڇُون ۾ ويهُ
هيءُ تنئي جو ڏيهُ، جي عشقَ ڪٺِي آڻ ڪيا.

[٣٧]

ڪُجهان ٿِي ڪُجهه ٿيا، پڌر ڏيئِي پيرَ
هيءُ تنئي جو ڏير، جي وڃا جلائي جانَ ڪي.

[٣٨]

پتسي پريان ڪي، آسهيون اميدون
عاشقن ڪي عيدون، انگن متي انگرا.

[٣٩]

نالو نمونو جن ڪيو، 'الف' اتِ آئي
تنهان پوء تائي، پهتو ڪونه پند ڪري.

[٤٠]

'الف' ڪمان اڪي ٿيا، پرين آهي پاڻ
عاشق ان اهڃاڻ، سُجون سوجهي آئيا.

[٤١]

سُڪ ۾ ٿيڇا ساٿيا، ڏوٿيا ڏٿ ڪري
اڃان پند پري، سُپرين جي سوجهه جو.

[٤٢]

نه ڪيي ڏورين ڏٿُ ڪي، ڏٿُ به ڏوٿين ساڻ
پٽر نه سارين پاڻ، تو روئندي رڃ ويا.

Gul Hayat Institute

[٤٣]

کھٹو ڏورين ڏُتَ کي، ڏُتَ بہ ڏوٿين ساڻ
چڙ وڏائون پاڻ، پَسي پريان پيچرو.

[٤٤]

چِتَرَ پير دِکها ڪري، ڪاهوڙي مَ ڪيڙ
اِن وَرَ ڳاڏئين ويڙ، اَت ڏوٿين ڏُک پرائيو.

[٤٥]

ڪاميو ٻاڦَ نہ نکري، اڃان تو منجهان
ڏوٿي ڪنهن ڏکان، ڪِهَ ماڻهي ڪِهَ ٿيا.

[٤٦]

جتي سُڌِ نہ پُڌِ ڪا، ڏورين سوئي ڏيهہ
ڪاٿي ڏِٺيَم ڪيهہ، ويندي ڪاهوڙين جي.

[٤٧]

جتهي ڪاهوڙيءَ ڪتوُ، تِتهي ڏسُ نہ وَسُ
تنهان پري ڪس، ڏوٿين کهٽو ڏوريو.

[٤٨]

* آڏري ڪونہ آتهين، جيت نہ پکين پَرُ
تنهان مٿهي وَرُ، ڏوٿين ڏنو ڏُت جو.

[٤٩]

پيرُ ڪٺنديون پيرين، ستو جاڳيو شينهہ
هڪ تتَن ڏينهن، پيو موتي تين ميهٹو.

[٥٠]

پير پريان جو جيڏيون، ڪاهوڙين ڪنيو
چِٽو تن چيو، نہ وڃي مَ ورجا ساٿيا.

[٥١]

پير مٿاهون جو ڪيو، ڪٽي ڪاهوڙين
آنهين باهوڙين، پهچي ڪو پنڌُ ڪري.

Gul Hayat Institute

[٥٢]

ڏونڌي ڏوراڻي ڏيهه جي، اونهي ڪيڙين ڪيڙَ
انهن سندا پيرَ، پکين ڪنهن نه پروڙيا!

[٥٣]

صورت.... .... .... .... .... .... .... .... ....
تنهان پَري ڇوه، ڪو پريان سندو پيچرو.

[٥٤]

ڇپر ۾ ڇڄوتا ٿيي، ڏونگر جن ڏوريو
آڻيي تان گهوريو، ماءَ منهنجو جندڙو.

[٥٥]

ڏونگر جنهين ڏوريو، ڇپرَ پير پٽيي
وُجودان وڃيي، سونائون سائيه ڪيي.

[٥٦]

سا مون ڏني جيڏيون، جا ڪاهوڙيَ ڪيي ڪيرَ
پٽرَهان وڃيي پيرَ، ڇپرُ ڪيائون ڇاڙڪي.

[٥٧]

جيت نه نالو سڄڻين، آتِ وڃڻ ويو وُجود
تينهان پوه سجُود، پير ڪٽي ڪيو پيرڙين.

[٥٨]

سالڪَ سُڃو مَ وَڃُ تون، پهلي پيو مَ ڪٽيج
تينهان پوه نهج، سندو پريان پيچرو.

[٥٩]

اوڏيڻَن ڏِٺي ويٺري، اوڪارئون آڄَ
ڪاهوڙين سُڃَ، پيهي لڪ پٽن جي.

[٦٠]

ڪُپهري اوري ٿي، آپڊري پڏائون
آتاهين آئون، اجان ٿي آئيو.

گنجي ڏونگر گامَ جي، پيئي جن پَرڪ
واري سپ وَرَقَ، لوڇي لاهوتي ٿيا.

[٦٢]

گنجي ڏونگر گام جي، جنهين پيئي پٽي
ڇڏي ننڊ گهٽي، لوڇي لاهوتي ٿيا.

[٦٣]

گنجي ڏونگر گامَ جي، پيئي جن ٿيٽَ
ڇڏي ڪرا ڪيٽ، لوڇي لاهوتي ٿيا.

## صدا

ويل نه وسريو، ڏک پرين جو ڏوٿيئين

١- راتيان جاڳن جُرٽيون، آن ڏينهان سُور سَريو
٢- اڳي ويا اڳن چڙهي، جن جو سدا چيت چَريو
٣- تن کي هئي هئي هاه وَهي، آن بارڻ اِيءُ بَريو
٤- هينئڙو آنهي ”هو“ ٿيو، اوڏاهين آسريو
٥- تن پاڏان پهه پري پيو، واهيري نه وريو
٦- ”صادق“ سار سنگ جي، ان جو نينهن نسريو.

## صدا

ساٿيا پند پري، هاڙهي ڇپر هلبو

١- ووڙ جا وڪار ڪي، ڇپرَ پير ڌري
٢- وڏو سفر ساٿين، ويندا ڏک ڏري
٣- حَلُ ڪيائون حلِيا، پٽي پن ڪري
٤- پهڻ متاهان پيچرا، ڏورهائون ڏس پري
٥- ”صادق“ ساٿيهه اهڙو، وَڃي ڪونه وري.
وقت

## صدا

سانئي الله ڪارڻ ڀير ڀري ڏج ڀارانئو ھوتن کي
ھو دوستن کي ادا، ادا الله ڪارڻ ڀير ڀري

١- تون ڪيي چُئيج چڱيون، وڃي انھن کي
٢- ڪارڻ جن ولاڙي، سيڻ ته گڏيس سي
٣- نوان نياپا نينھن جا، ڏيو ڏوتين کي
٤- سا سا منڌ سا سا منڌ، نه ڀُوري پرين کي
٥- چڙھيو ڏونگر چوٽيين، نايو نيڻ ڌَري
٦- ڪڏھن ايندا سپرين، مون مٿان ور ڪري
٧- ڀاپي ڀاروچن جو، اچان ڀنڌ ڀري
٨- سيڻ تنھنجا سڪنئي، ڀھان ٽيا ڀري
٩- جاڳي منڌَ سنجھي، ڪوه نه ويين ڀير ڀري.

# سر بلاول

## صدا

* تون در پيليي لاهِ کو، پلا الله ري
آئي پسان نُورُ نبيءَ جو
۱- خالق خاص خلقيو، هھڙو ڪونہ پيو
۲- هن دران ڇتندا مُورهين ماڳ نہ پيو
۳- پريا تنلَ ترائيون، اڇي پٽيءَ پيو.

### بيت

[۱]

گھر گنگاجر جکرو، جنگ ساماٽو جيتِ
ناٿي "تماچي" ڇٽي، ونءُ طاماءُو تيتِ
گھوريو گهارِ مَ هيت، اوسيڙي اڻ هوندَ جي.

[۲]

پيھي پن پاتار، جيتِ گھرَ گنگاجرَ
وجي سُمني سوري، پاسي تنھن جي پٽر
جو ايندن کي آمن چوي، هُو ڪري نيڪ نظر
ڪري لتھندئي کر، وياء ويندئي مڱڻا.

[۳]

پيھي پن پاتار، جت گھر گنگاجر راه
ڇڏ حيلا هن هند جا، تون جکري پاسي جاه
ايندئي سُکن ساه، وهلتھہ ويندئي مڱڻا.

[٤]

لٽڪين وهن واهڙا، جيئن آڏ ميو اوڙاهه
سمني سرو ڇڪائيو، ٿو پيئي شاهه گدا
راهوءَ جي رهاڻ ۾، نه ڪو ڏپ نه ڏاهه
هوٿياڻي هتاءِ، ورهه به اچن وائيا.

[٥]

ڪوهه نه جُهاريين جڪرو، جو ڪامل ڪوٽ ڏٺي
آڪيرج آنَ پار ڏي، ڪري گهُرَ گهٽيي
خزانا ڪٽيي، ميڙي آندا مڱڻين.

[٦]

ڪوهه نه جُهاريين جڪرو، جو ڪامل ڏٺي ڪوٽ
لاڪيٽيي لٿهرَ سين، گهڻا رتائين گهوٽ
آتي ڪانهي موٽ، جي آيا سي اگهيا.

[٧]

ڪوهه نه جُهاريين جڪرو، جنهن ڏيهه ڏِٺا ڏيٺيي
انگ آگهاڙا جي هئا، سالُن ۾ سيٺي
ويلٿهه ٿنيي ويٺيي، جن گنگا جر گڏيو.

[٨]

ڪوهه نه جهاريين جڪرو، جو نرمل نينهن ڪري
پوڄَ پياري پٿهيڙا، منجهان سِڪَ سٿري
تن ڪي سڌَ ڪري، جي پيا دَرَ ديونديي آئيا.

[٩]

ڪوهه نه جهاريين جڪرو، جنهن پياريا پٿهيي
صورت سمي چام جي ستگهي ڪونه سٿهيي
تن ويٺي لٿڪ لٿهيي، جن گنگا جر گڏيو.

[١٠]

ڪوهہ نہ جُهارين جکرو، جو سمون سرُ سيِن
دائم جنهن جي دَرَ تي، ٻيا آسائو اچن
ٻيتو طهورا تن، جن گنگاجر گڏيو.

[١١]

ڪوهہ نہ جهارين جکرو، جو سمئون سلطان
آسائن "عيسو" چئي، ميرن لڌو مانُ
ڏنيو تن گمان، جن گنگاجر گڏيو.

[١٢]

جن گنگاجر گڏيو، تن اکين ٻيو نينهن
سندو موتين مينهن، ان تان جال وسايو جکري.

[١٣]

ڏنم ڏاتار ڏِسن جا، جيٰ تا نيٽين ڪن نهال
تو تري هيڪڙو، آئن ايءَ احوال
اچي "ميران پور" ۾ مگڻي، حاصل ڪيو حال
ڪهڙي ڪريان ڳالهہ، شاه تنهنجي شانَ جي.

[١٤]

ڪامڻ ڇهو ڪنتَ ڪي، ٻيرو ٻيجُ ۾َ ٻانَ
وَجُ "ميران پور" مڱڻا، جت ڪيرت ٻچي ڪانہ
ڪونيو ڪري ڪيترا، اڻ ڳڻيا احسان
سامائي سلطان، ٻکي ڏهرت ڏيهہ تان.

[١٥]

ڪامڻ ڪهي ڪنت ڪي، هاٿي حيلا ڇڏ
"ميران پور" ۾ موجَ تي، وانءِ سلطاني سڏ
جيت تڻهي واصل سيڪو، توٿهي وِڇا ڏڏ
ايءَ پر هڻهي نہ هڏ، ڪامل ري ڪيتهين.

Gul Hayat Institute

[١٦]

پاندپ سڀن نہ پاريان، سهسين پيا سردارَ
مثل آهي مينهن جيئن، سخي تنهنجي سارَ
حاتم هفت هزار، جهڙ تنهنجي جهپيا.

[١٧]

جهڙَ تنهنجي جهپيا، هزارين حاتم
جي ڪوجهن جا ڪم، سي ڪامل ري ڪير ڪري.

[١٨]

جهڙُس ڪونہ جهان ۾، سنڌ، سُورت، هند هوءِ
وڃي رهہ "رنگريز" چئي، لڌي تنهن ۾ لوءِ
جو گهنگهريو گهٽي پرين، ڇگو سڪهين چوءِ
مُنهن پنهنجو منگتا، هئي در ڪهين نہ ڏوءِ
شفيع چام سندوءِ، مانَ پتسي حال هٿ ڏ ري.

[١٩]

جهڙس ڪونہ جهان ۾، سنڌ، سُورتَ، هند هاڻ
وڃي رهہ "رنگريز" چئي، تن پالڻون ساڻ
در دانا منگ مڱتا، هئي جي سڌهہ ۾ ڪاڻ
پاڙيوندڙ پاڻ، مانَ پسي حال هٿ ڏري.

[٢٠]

پاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو، جڪرو جوڙي
ڪيهرَ جيئن ڪٺر ڪنيو، ٿو مثلُ مڇون موڙي
جڏهن گهوٽ چڙهيو گهوڙي، تڏهن عالم آسودو ٿيو.

[٢١]

جڪرو سڪرو، پيا سپ آنيراءَ
جيئان جڙيو جڪرو، تيئان نہ پيا
ميٺيي اِنَ ماڳيا، اصل هٿيي ايتري.

[٢٢]

جيان گهٽڙيو جڪرو، تنهن ميٽيءَ ڪونهي مُلهه، بادشاهه پيدا ٿيو اصُلي آملهه گهڙ مڙني گلُ، ڏني جنهن ڏُهرت لٿهي.

[٢٣]

سمون سوالين سين، هڏهين نه هيٺون ونديٓ ٿو وڙن سين، خالق خزينون جي سُٽيءَ جا سيڪڙو، تن ڏُيو ڏي ڏريٺون ٽيلاه نيٺنئون، گهر ڪنگاجر جڪرو.

[٢٤]

سمون سخاوت جي، آيو پاري پڙ ڪوئيو ڪنگالن ڪي، ڏني دلاسا دڙ متي ورليهين وڙ، ڏينهاٺي ڏاتار جا.

[٢٥]

صفون سوالين جون، راءِ وٺ راتو ڏينهن آئندو تيئن اوت ڪري، جيئن منداٿو مينهن قرض ڪنديين تون ڪيئن، داتا هوندي ديس ۾.

[٢٦]

صفون سوالين جون، راءِ وٺ رات ڏينهان ٻڌيو ماڪ موڙيون، ڏني ٿو گهوٽ گهران مسڪينن تي موجَ ٿي، داتا جي دران پيا تن پران، جي ڏيڻي تها ڏاتار سين.

[٢٧]

صفون سوالين جون، راءِ وٺ رهاڻي پٽسن جي ”پيرو“ چئي، هلي هوٿياڻي جو ڏيڪاري ڏڏن ڪي، خزاني ڪاڻي ڏار ڏيون ڏينهاڻي، ٿو پڇاڻي گهوٽ گهمن جون.

[٢٨]

آهه طاماع تو در پنهان گھُريو پٽ ۾
تورّان طالبن کي، آڇين پَھُون ۾ پُوٽ ۾
ڏيئي مرتبو معنوي، جيارِيو جڳٽ
تون ڏاتارن ڇٽ، آجھو اهوجهن جو.

[٢٩]

* گنگاجَرَ جي گام ۾، جي وچي رات رهيا
ماڻڪ ميڙي مگڻن خزانا کنيا
جي ويلي سر وهيا، تن کي جُکِي جان نا ٿيئي.

[٣٠]

* گنگاجر جي گام ۾، جي پهتا پري پيرَ
تن کي سندا گُونرن گير، ٿي راهوء رات بخشيا.

[٣١]

گنگاجر جي گام ۾، وچي ڇو نه وهين
حقيقت پنهنجي حال جي، سمي ڇنج صحيح
پاجهائي پَٽِيِي، مانَ اکيون کڻي آس جون.

[٣٢]

* گنگاجر جي گام ۾، وڃِي گڏ گُذار
جي تو اوسيڙو اڻ هوند جو، ته گهوريو هٽ مَ گهار
آيو "آمن" چئي، ناکس کيم نهار
جادم جام جُهار، ته ويلهه وَڃئِي وِسرِي.

[٣٣]

جادم نه جکروُ، نه گهر گنگاجر
تو سندي تر جيتري، کنهن نه پاري پر
آيا "ميران پور" مگڻا، ساز کيائون سر
تن کي تنهنجو در، اٿئي پهر اکين ۾.

Gul Hayat Institute

# ڏڌا

سيڪڙون سيئي پنهون، او اگهي تو آئي

١- جان ڏنائون پهرَ جان ڏنائون پهرَ
متي اگهي آئيا، سونهن لڳا سيرَ

٢- يا ربً يا ربً توکي متگان
توکي مڱي جي مان نينهن سيکو تان

٣- کوسو واءُ نه وارين، آلا آلا ڪمچ وَتن تان
اي آهِ سيڳر لڳڙي، اي سات جي سونهان.

Gul Hayat Institute

# سر پورب

## صدا

سڄڻ مٺن منجهان، مون کي آهل ويا نه وسري
او سيڻ ڪيئن وڃن وسري، آهل اکين جي ڏٺا
١- جهڙا وڃن وسري تهڙا تان نه هئا
٢- ڪجهي ڳالهڙين سين منهنجو موهي من ويا
٣- سڄڻ ڳالهڙين جا ڪجهاندر هئا
٤- درماندي دل جا منهنجا دارون دوست هئا
٥- هترو هنيارين ۾ تا آئين پٽلو مان پريا.

## بيت

[١]

پورب پورب تب ڪران، جب هينئڙي آوَن پُورَ
سڪنڌي ڪي سڄڻان، نيڪون وهايون نُورَ
مار پِتس تنهن مذڪُور، جيئن ساڄن سُڃي نه ملي.

[٢]

پوربيا پُوري ويا، آسڻ آڏيءِ رات
سئيون سناسين جون پچارون پرڀات
جوڳي ڪا جا ذات، مِٽ نه معذورين جا.

[٣]

جُوءِ جيڏانهين جوڳيين، منهنجا نيڻ تيڏانهين نهن
آهل آديسين جا ورهه تيرَ م وهن
ڪري سنياسي سيڻ، هينئڙي حال پرائيو.

Gul Hayat Institute

[٤]

جُوءِ جيڏانهين جوڳيين، منهنجا نيڻ تيڏانهين نيتِ.
آيل آديسين کي ڏي چاڙهيڪا چيتِ.
سامين جو سنگت، سارِيو ٿِيِي سُورَ ڇَران.

[٥]

تنين مَڙهه نه اڏيا، جيت جوڳي جي هٿا
ويا هينئن ويا، راول رَتهين ڪپڙن.

[٦]

جان مڙهيءَ ۾ مُنهن پائيان، تان جوڳي ويا جاميرِ
پيا پوچيندس ڪهيرِ، ڏُڏانهن ڏُوپ ڏَري.

ڏوڏا ساڻ

[٧]

مڙهه پوريا، ماڪ ٿِيِي، تڪيين ناهه تنوار
وڃي ڪٿيان آن جا، مٿي اڳڻ پار
سامي سپ چمار، ڏيئي ڏڪ وات ٿيا.

[٨]

آلف جنهن جي آڳڻ ۾، سا سِڪَ ساريائون
لَڙيا ڪين ليسان ڏي، قلبئون ڪيياڻون
"لامَقصُود فِيِ الدارَين اِلاَّ اللهَ" اِن پَر اورياڻون
سڳر سورياڻون، ٿيا رَسِيلا رَبَّ سين.

[٩]

'الف' سَندي آڳٽ ۾، سُجهي ڪونه شَرِيڪُ
ڇَوڙِس سچ سامهون، اندر روح رفيق
تَنَ ۾ جو تحقيق، سو سچاڻائون سپرين.

[١٠]

"وَحدَهُ لاَ شَرِيڪَ لَهُ" تا نانگا نِهارين
"وَ فِيِ اَنفُسِڪُم اَفَلاَ تُبصِرُونَ" اِها سِڪَ سارين
ڪنهن وِيلَ نه وسارين، تا پَسيو پَسَن پرينءَ کي.

[redacted]

"وَحدَهٗ لاَ شَرِيْكَ لَهٗ" تا نانگا نهارين نِتِ
سِڱِيءَ جا سُورَ جِيءِ، سا چوري رکيائون چِتِ
هَلِيءِ ويا هُتِ، جِتِ نه هَٺُ جو نِجهُرو.

[١٢]

نه هَٺُ جو نِجهرو، نانگن نِهاريو
آديسيءَ لنگهي ويا اورئين آرو
ساميئُن سوارو، سبق پڙهيو سُورَ جو.

[١٣]

سائي هيٺ، سائي بيٺ، سائي ڪمرَ ڪَسو
جوڳيءَ جُنبيءَ هليا، ڏيئيءَ تَنَ تَسو
راهَ اُن جي رسو، جن ذات نمايو نانهه سين.

[١٤]

سائي هيٺ، سائي بيٺ، سائي ڪن ڪَلهَنِ
هيون ڏنائون هين ڪي، اِيءُ وَهُ ويراڳين
آتِ تا بيڪاري بَنِ ڪَنِ، جت ناهه نهايت نينهن جيءِ.

[١٥]

سامين سُور پرائيو، اجان رَتيءَ رهه
پيئنديئي پُرَ تيا، وَتيءِ سندي ويهه
مال نه موهيا ڪاپڙي، خاڪَ خزانو کيهه
ڏوري ڏوري ڏيهه، وڃي نانگا گڏيا ناتَ کي.

[١٦]

ڪاميءِ ڪاميءِ پرينءَ لٿيءِ، ڪُسيءِ ٿيا ڪباب
تون ڪهڙن پُڇين تن کي، سندو ذوق جواب
ڏيو دل کي داغ، وڃن "ڪِينَ" ڪلهي ڪيو.

[١٧]

سامِي چاڙهين سِڪَ طلبين، سُڪين نه سامِي
اچان اورئين پنڌ ۾، تان ويٺين وِسامي
گوتن تون نه گڏيو، تـو چاڙهين انعامـي
سامي مُدامِي، پوتو رَهِجُ پرينءَ سان.

[١٨]

پِيُچ ڏبِي، ڪر ٽُڪرِيون، ڪيدائون ڪانئِي چنڊِ
جوڳِي جُنب جِابان ڏي، مڙهي مُور م آڏِ
وانءَ تنِي جي سنڌِ، جي نِگِيا "نانڪ"
ڪلهي ڪري.

[١٩]

پِيُچ ڏبي، ڪَر ٽُڪرِيُون، ڪيدائون نيئي ڪانءَ
ڪر تنهن ۾ ٽڪيو، جيتِ نِسوريائِي نانڪِ
پيهي منجهه پِريان، فنا ڪج فڪر ڪي.

[٢٠]

چِنڪرَ، چوتا، چيلهه بند، پِتِسُ آڌوتِي آسڻ
ڪؤنرا، چلم، توپيون، تن جا بِرهه جا باسڻ
سُتا ڪين سِڪَ ۾، سامي سنگهاسڻ
"تخلقون باخلاق الله" اي لاهوتين لڇڻ
جن چِڏيا چِيتِ چِڪڻ، سي نانگا نينهن نماز ۾.

[٢١]

چِڪر، چوتا، چيلهه بند، پِتِسُ بابو بيڪاري
سُورَ ڪيائون سامهان، ڏينئي ڏيکاري
"لقد خلقنا الانسان في ڪبد" اي
آتِن اوسارِي
تن سامين کي سنسار ۾، وارِي وو وارِي
جن ڪيتِرِه اندر ڪارِي، سي نانگا نينهن نماز ۾.

[٢٢]

✓ چَڪَر، چوٽا، چيلهه بند، تن هنيان لاهيا هَٽَ
* آيا پرين پار ڏي، ساميءَ ڏيئي سَٽَ
سُرڪيون سُورن گاڏيُون، ويٺا وَتين وٽ
جي اندر گهايا گهٽَّ، سي نانگا نينهن نمازَ ۾.

[٢٣]

چڪر، چوٽا، چيلهه بند، پَٽس ڪَنڌَ ڪَنِ ڪابولين
آئو پٿر اندرَ ۾ وهه وهه ويراڳين
سچر سُور سرير ۾، آهن سڌ سڌ سناسين
جي پي ڪاني پُڇهن، سي نانگا نينهن نمازَ ۾.

[٢٤]

* پينن جو پَٽُ ڪَٿيي، سو جي سچاڻن
ته بَرَ منجهه بيڪ لهن، پَٿَرُ نه پنن ڪاپڙي.

[٢٥]

پيرين جي پرڏيهه ويا، ڪانگا سيئي ڪوٺ
جنهين ري جنهانَ ۾ اڪڙيئن آروٽ
ميان لڳ "محمودُ"، چَٽي ڪج ڪاراچون
ڪوٺ
ڏمريا ڪنهن ڏوٺ، سي آڏاميي آڻ پرين.

[٢٦]

ڪانگا ڪر ڳالهڙي، ڪنهن پر ڳڏيو پيءَ
اُڪنڊيو آهون ڪري، جانبُ ڪارڻ جيءَ
سليجُ سُکهو ٿيءَ، لئون ڪيئن اينڊا پرين؟

[٢٧]

ڪانگَلَ قربن جا، اچيِ مون وٽ ويهه
تون جو ڏسيي آئهين، سندو سيٹن ڏيهه
سُکن منجهه ساٿيهه، ڪين سُکيا ڏِٺئيي سُپرين؟

Gul Hayat Institute

[٢٨]

ڪانگل قريبن جا، آڏاڻ لڳ الله
آءُ جو ڏيانءُ سنيهڙو، سو سانڍ برابر ساهه
ڳجهه اندر جي ڳالهه، ڪنجُ مَ قريبن ري.

[٢٩]

ڪانگل قريبن جا، اچي واءِ وڻ
تو مُ ٻڌو ”بلاول“ چئي، مشڪَ ڪٿوري مڻ
اچين ٿو عجيبن جو اورانگهيو اڱڻ
توکي ڏسي تڻُ، سُورنئُون صاف ٿيو.

[٣٠]

سُورَنئُون صاف ٿيو، تن ڏسي توکي
ٻيئين چو ”بلاول“ چئي، چانئين پر چو ٿي
چڏيو ڏيلُ ڏوکي، اچڻ سان عجيب جي.

[٣١]

ڪونيو ڪُوڪيو ڪانگ ڪي، رويو رويو چوءِ
آءُ جو ڏيانءُ سنيهڙو، سڻ تون آيي سو
ڪتهُ، مون ڇڏيو جو، ڪيئن چونديٖن پرينءَ کي.

[٣٢]

ڀيو آهين پٽَ مِ، ڪانگا ڪوهه ٿيوءِ؟
اڳ آس ته ڪونه سهين، اڄ سارو ڏينهن سنُوءِ
پنهنجي حال سندوءِ، ڪانگن ڪانگيرو ڪيو.

[٣٣]

ڪنهن دَرَ ڏيان دانهڙي، پورب ماريا س
متيون ڏيندي لوڪَ کي، چري ڀاڻ ٿياس
جنهين نه جهياس، لئون لڳي آنَ سين.

[٣٤]

مٿي راهه رَوان ٿيا، پورب پُورِيائون
ڪا جا اورَ عجيب لٿي، اندر اوريائون
پيا گهٽَ گهورِيائون، هڪ رامُ رکيائون روحَ ۾.

[٣٥]

* جوڳين سندي ذات ڪي، ويسُ نه وڻائي
جهنجهي ڏوڙ لڳن ۾، چيتن ۾ چائي
مٿائي وائي، سامي صبر سڪيا.

[٣٦]

* جي پائين جوڳي ٿيان، ته طمع ڇڏ تمام
گولا جي غلامن جا، تن جو ٿيءُ غلام
ته نانگا تنهنجو نام، لکجي لاهوتين سين.

[٣٧]

نانگا وڃن نڳيا، ڏون ويسلي ۾ ويهه
ڇنو سڱ سناسين، ڏيهه ڇڏيو ٿي ڏيهه
”صادق“ ويا سانيهه، سي ڪرمين ملندئي ڪاپڙي.

[٣٨]

آج نه اوطاقن ٿي، جاڳر جوڳين جو
ساري سناسين ڪي، جي رُوندهين ته رو
پس پاسيا نو، ڪر لاهو لڏي ويا.

[٣٩]

آجُ نه اوطاقن ۾، سندي جوڳين جوڙ
آيل آديسين لٿي ڪامي تيس ڪوڙ
من جٺيي جي موڙ، سي نانگا ويا نڪري.

[٤٠]

آج نه اوطاقن ۾ طالبَ تنواريون
ويا ويراڳي نڪري، مڙهيون مون ماريون
جي جيءَ ڪي جياريون، سي نانگا ويا نڪري.

[١٤١]

آچ نہ اوطاقن ۾ ونهيان ويراڳيي
ساري سناسين کي، جيجان آءٌ نہ جاڳيي
وڙھ جن جي واڳي، سي نانگا ويا نکري.

[١٤٢]

آچ نہ اوطاقن ۾، تازا پسجن ڪکّ
ويا ويراڳي نکري، پيئي آڏامي رکّ
تن جن جي تکّ، سي نانگا ويا نکري.

[١٤٣]

اوجل کوتا نڱيا، چڪي چنائون
سڱا، سيلهيون، سڱيون، نال نہ نيائون
* اتي ڇپائون، تہ آهي بُود نابُود ۾.

[١٤٤]

ڪُهنا ڏنم ڪاپڙي، ڪُنڊا جن ڪپار
عمر سڀ جهار، اوريندي آئي ويا.

صدا

ڪڏهن سي ايندا، آديسي آسڻ تي

١- ويٺي نيت نهاريان، وو وو سامي مون نيندا
٢- جاتا ڪنديس جوڳين، وو وو آءٌ آيل اميدا.

صدا

مون کي تو منگهڻ ماري، جيجان جوڳيئڙن جو

١- ڪا جا وائي وات ويراڳين جي، سا نہ سلائين ساري
٢- جڻائون جاڻن تي، آيل وار وڏائون واري.

## صدا

سي ماءَ سامي مون، ويروتار نہ وسرن
سي ماءَ جوڳي مون، ويروتار نہ وسرن

١- رَميي ڳـڏيـا رامَ کـي، ڏوري ڏايڙي پئون
٢- آلتکڪ آکڙين ۾، اوءِ تـا ٻولين نون هي تون
٣- روح رتائون رام سين، ٿيئن ٻاجھ ٻهون.

## صدا

ڀلا پاروچا، موٽـي منھنجي سار لهندا

١- اِي پر پاروچـن جـي، جڻن هـي ڪميٽي نيندا
٢- ڏکيءَ کـي ڏکـن ۾ مُور نـہ ڇڏيـنـدا.

## صدا

هنيَ ويٺين منجھ وِڙال، آن کي ڳڏيا هوت منهنجا

١- ماءَ منھنجي جـوڳيئين، ڪنـٽـين ڪنـترَ لال
٢- ڪکوريائون ڪپڙا، آھـل رَتائـون رومال
٣- ڪـڏي هنئين مان ڪاپڙي، اوءَ لـڏي هليا لال.

Gul Hayat Institute

تار = ياد گيري، تانگھ
وير = وقت، مهل، ويل

# سر ڪاموڏ

## صدا

يلا الله اي مولي هيئن، من رتو ڄامَ تماچيءَ سين
اڏيءَ اوڏي نا ٿئي ڪچل را او وو نه ڇتائين
يلا الله سي مهي موراڻين، من رتو ڄام تماچيءَ سين

١- ايڏِي اوڪرَ آئيئي مَيچُ نه پيو مهي، هي جي آيا واسنگي يورن يمن ڏي
جيءَ ڏنائين جيءَ سمي اريءَ تي، جيءَ ڏنائين جي سمي اريءَ تهي
يلا الله اي مرڪي مهاڻي، هيءَ جا سمهي ڄام سماڻي
يلا الله مهي موراڻين من رتو سمهي ڄام سين.

## بيت

[١]

اڄي ساءِ سرودَ ۾، ڪيجهي جو ڪاموڏ
متي ڪنوَرَ ڪوريا، هيٺ لهرين لوڏ
جيئن سمي گهر گندرا، تيئن لاکي گهر اوڏ
تماچي تنبور، تي رات وڄايا ريلَ ۾.

[٢]

تڙ تماچي آئيو، وري تي وراڻ
ڪينجهر پنهين ڪنڌين، تي راتو ڏينهن رهاڻ
جيلان پرچي ويٺو پاڻ، تيون مرڪن مڇيءَ واريون.

[٣]

تنهنجي تماچي آئيو، تماچي تنهنجي راءِ
تماچيءَ جي تڪيي، تون تماچي گهاءِ
ته تماچي مُلا، تون تماچي ٿيين.

[٤]

مترڪن ملاحن جا، مٿي پانڌين ٻارَ
ننڍيين وڏيين گندريين، پوئي پاتا هارَ
وڏي چامَ چمارَ، جنهن اڇي انعامي ڪيا.

[٥]

مهي مهاڻي مڇيءَ هاڻي، ميري ملاحڪيي ڏيءَ
گاڏي چاڙهـي گندري، نيئي نوازيئي جيئن
مون تان ڪج مَ نيئن، مڇُن ڪوجهيي چونم
ڪي پيون.

[٦]

مهي مُهاڻي مڇيءَ هاڻي، آهه ميري گهڻو ملاحَ
مون تان ٻاجهه مَ لاهه، مڇن ڪوجهي چُونم
ڪي پيون.

[٧]

مهي مهاڻي، مڇيءَ هاڻي، ويٺي وجهان واجهه
مون تان لاهه مَ ٻاجهه، مڇُن ڪوجهي چُونم
ڪي پيون.

[٨]

جهنگ

مهي مهاڻي، مڇيءَ هاڻي، سندي جنگ جهير
ري سُهاڳ تنهنجي، مون کي چاڙهي ڪير
مُونهان مُنهن مَ ڦير، مڇن ڪوجهي چُونم
ڪي پيون.

Gul Hayat Institute

[٩]

ٿون سمون، آءُ ڳنڍري، مون ۾ عيبَ اپار
پَسي ميڙڪا ڀار، مٿان مان گهر مٿيين.

[١٠]

ٿون سمون، آءُ ڳنڍري، مون ۾ عيب وِههَ
پَسي ميڙِڪي ڏيءِ، مٿان مان گهر مٿِيين.

[١١]

ٿون سمون، آءُ ڳنڍري، مون ۾ عيبَ لَکَّ
پِسي ميڙڪا ڪَکّ، مٿان مان گهر مٿيين.

[١٢]

مٿان ڪيِ مَنُ لوڏيين، سڀ پارينڊو ٻولَ
نِنڊيين وڏيين ڳنڍريين، هڏ نه ٿيندا هول
ڪينجهر جنهن ڪان جهول، ٿيو معافي ملاحن ڪي.

[١٣]

سمون سينئون اڳرو، سمي ڪونهين مُلُ
جنهن وڏو راهُ رَمزَ سين، ڪَهُ لاهي ڪُلُ
پکي پکي ڳجريين، ٿيو هاڪامون ۾ هُلُ
جنّ اندر آهُس آمُلُ، سي اڳڻ تماچِي آئيا.

[١٤]

سمون سينئون اڳرو، سمي ڪونهِ جيهو
جنهن وڏو راهُ رمز سين، آپَرَ عشق اِهو
جنهن لڌو نينهن نيهو، سي اڳڻ تماچي آئيا.

[١٥]

سمون سينئون اڳرو، سمي ڪونهين ثاني
جنهن ڪيو جهنگ جلوس سين، آهُس عُرفاني
تڙ تڙ تماشو ٿيو، نيرمل نُوراني
جي فِڪرَ منجهه فانِي، سي اڳڻ تماچي آئيا. *

[۱٦]

سمون سينئون اڳرو، سمون ساڻ سيَن
جنهن ظاهر ڪيو ظهور ۾، سڄيو صورتن
اچي پيئي اڳري اِيَّ محبّت ملاحن
جي وچان پاڻ وچن، تن اڳئين تماچي آئيو.

[۱۷]

سترَ ۾ سپ سهاڳڻيون، سيني ڳچيءِ هارَ
پتسن ڪارڻ پرينءِ جي، سيني ڪيا سينگار
ڏولُ تنئي جي ڏار، هيئاهيون هلن جي.

[۱۸]

سترَ ۾ سپ سهاڳڻيون، سيني ڳچيءِ هنسَ
پتسن ڪارڻ پرينءِ جي، وڏائي ڪن وسّ
ڏولُ تنئي جي گسّ، هيئاهيون هلن جي.

[۱۹]

سترَ ۾ سپ سهاڳڻيون، سيني ڳچيءِ طوقَ
پتسن ڪارڻ پرين جي ڪن وڏائي توڪَ
ڏولُ تنئي جي جهوڪ، هيئاهيون هلن جي.

[۲۰]

سترَ ۾ سپ سهاڳڻيون، سيئي مُنهن جران
سيئي اٺين پانئيو ته اهندو مون گهران
پيئو تن دران، جي پسي پاڻ لڄائيون.

[۲۱]

سترَ ۾ سپ سهاڳڻيون، تنهن نُوريءِ نينهن نتيّون
جنهن ڪي ساهه سنئيون، تو تتنَ ۾ تماچي تراي.

[۲۲]

سترَ ۾ سپ سهاڳڻيون، تنهن نوريءِ نينهن آپار
جنهن ڪي ويروتار، ٿو تتنَ ۾ تماچي تري.

[٢٣]

* ☆ سَتَرَ ۾ سڀ سُهاڳڻيون، نوريءَ وڏو نام
وڃائي وَجودَ کي، جانَ رکيائين جام
تماچيءَ تمام، نُورَ نُراري ناهه ڪا.

[٢٤]

نَڙا، نَتَر، پيڙيون، جن جا سَناڏون سُونا
تن کي لوئي چام هتن سان چندن ۾ چُنا
سي کينجهر پنهين ڪنڌين ڏسن ڪين ڏُٺا
هُو جي ڏيندا ڏَنُ هتا، سي اِن پر انعامي ٿيا.

[٢٥]

نَڙا، نتر، پيڙيون، جن جا تالڪ ترين پَنَ
تن ڪري ڳاهيون ڳجهيون، چامَ ڪوٽيو منجھ ڪَنَ
جن ڏنا ٿي ڏَنُ، سي ان پر انعامي ٿيا.

[٢٦]

وڏا طالع تن جا، نُوري جن چائي
لکين پانهين جاجُڪين، منجھ ڳُجهن ڳائي
اڳيان اچي ان جي چڏي وڃن وڏائي
سڀ جڳ ساراهي، جي جيڏس ڪونه جهانَ ۾.

[٢٧]

وڏا طالع تن جا، نوري چائي جن
پلنگن پير ڏيو اچيو چام ويهن
متي ملاحن، تو تيرُ تماچي نه ٿئي.

[٢٨]

تخت، بخت، تڙ، تماچي، نُوريءَ کي نيمن
پَتَن پَتنيون، ڪُمُ ڪُريون، متي جَرَ جهرڪن
سهسين راڄ، "سيد" چئي، پاسي تنهن پَرَنَ
سي ملاحَ ٿي مرڪن، جن جو صُلح سلطان سان.

Gul Hayat Institute

[٢٩]

ڪٺيو ڪٺوري، هيءَ مهي مڇي ماري
مرڪ جنهن جي مائٽين، ڪاري ۽ ڇاري
سا تخت مٿان توڙان ئي آڻهي آڊاري
ڪوڏان ڪرمشون ڪيان، هُو جي هزاري
جيلان عشق آچاري، تهي ڄارو ڄام هٿ ۾.

[٣٠]

عشق آچاري، تني ڄار هٿ ۾ ڄامَ
سي ڏيي ٿيا انعام، ڪامڻ جي قربائتا.

[٣١]

ڪوهه سمييون، ٻن سومريون، جي اڇن اونچي ڳاٽَ
متر سي ڪينجهر ڄائيون، تماچِيِ جي ٽاٽ
راڻهي مَٿلا رات، مائڪُ مهي پرائيو.

[٣٢]

نه وڏي، نه وِڪٽي، نه ماري، نه ڏاري
آهن ستهن ساهميون، ڏُريان نه ڏاري
ڪارو وِڏائين ڪُهيه ۾ نيرتئون نهاري
سائِيِ پر پاري، جا سمهي گهر سپجي.

[٣٣]

نه ڪنهن ڄائو ڄامَ کي، نه ڪو ڄام وياءُ
نندِيين وَڏين گندرين، تيو سمون ڄام سياءُ
„لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ" اي نزاڪت نِياءُ
جو „ڪَبِّرۡهُ تَڪۡبِيۡرًا"، سو تخت تماچي ڄام جو.

Gul Hayat Institute

[٣٤]

* آهي ٻن اکين ۾، ڪو جو ڪامڻ مهي
تنهن نيڙ پاڻو ٿهي، تن تماچي چام جو.

[٣٥]

نوريءَ ڪئي نوازيو، تيو تماچي تهي
گاڏي چاڙهي گندري، ماڙهو ڪيو مهي
ڪينجهر چوندا ڪي، ته سچ سياڻي ڳالهڙي.

[٣٦]

ڳند جن جي گوڏ ۾، ڪلهن سر ڪُڙهيون
آڙا پرين جهي آچيون، متين تن مُوڙهيون
سي اچن سنيوڙيون، سمي جي سلام تي.

[٣٧]

ڪيڪيءَ هاٿيون ڪاريون، ڇڄيءَ هاٿان ڇيڄ
پاند جن جي پاند سين، لڳو تئي لڄ
سمون چام سهڄ، آيو ڪري آن سين.

[٣٨]

چام اکيان جي چاڻيون، تن جي نرت نوريءَ
ڪي نانهن
سي ڪين نه ڪاڄ ڪنه، وڃڻ ڪنه نه وهان
ڪينجهر ڪنڍيون ڪانهن، جن جو تماچي
ٽڪيتو.

[٣٩]

ڪوڏان ڪرمش جيت ڪيا، ڳجيو گندرين
راءِ ريجهايو ريل ۾ مرڪي مهاڏين
آت سچي رات سمين، آيي نيڻ نچوئيا.

Gul Hayat Institute

[١٤٠]

هُريا پٽ هـوند سڦرا، رِڙي لِڳائـي لالَ
ڪِهَ مَ ڪـَڍَّن گندريون، طرح وڃايو تالَ
سمُون ڪري سنڀال، اچي تخت ويٺو تن جي.

[١٤١]

چار وِجهندِي چام، ڏِٺي ڏُوندِيءَ منجهِيي ڏيل
نيائين تَنُ تماچِيءَ جو، رُوحُ وَٺي منجهه ريل
اکيون اکيين لڳيون، تيون ڪن ڪنوٺين جا ڪيل
جڏهن مَنَّ ڪيو ميل، تڏهن نورِي ٿي ناز ڪري.

[١٤٢]

چـام تـماچِيي آئيو، مـٿِي تَرَّ تـنـاه
اچـي پيس اوچتي تنهن نورِيءَ تـي نِگاه
تنهن کي گندري چوڻ گناه، جنهن جي جهوليءَ
چنڊ جهـليي پيو.

[١٤٣]

اَوَّل نورِيءَ ناز سان، ڪيو عرشَ آهاءُ
"صادق" چنڊ نه سِجُ هو، اِهو صورت جو شعاع
مهائيءَ مُهانءَ، ٿي تـماچـيءَ تنواريـو.

[١٤٤]

ڪـُڙهيون ڪـَنَوَرن هٿ ۾، چام ڪلهي تي چار
رائـيـن جيي راهه پٺيي، ڪيو شاه شڪار
جڏهن عشق ڏنو آڌار، تڏهن تور ترُاري اڳرو. **

[١٤٥]

مـاڻهو چـُونَم مـهـي، آءٌ آهيڙياڻي آهيان
تـورِي جي تـرن جـا، مونهان پليرا سي
چامَ تماچِيءَ جي، نـامَ نـوازي آهيان.

Gul Hayat Institute

## صدا

الله ڀلا تي توڙان ٿيي، مون مڱيو توهه تنهنجو

١- آه آگلـڻي آهيان، وو ميڻن سـنـدي مهي
٢- سميون سينثان اڳريـون، ڀانيان ڀليون سي
٣- ڀاند لڳوئي ڀاند سان، تو لڳو لتيج ڪري
٤- ڀاڻ لڄائيس ڀاڻ ڪان، مٿر طعنا ڏينم تي
٥- تو ڪان ٿيي تو ڪي مڱان، ڀيو "صادق" ڏيج م ڏي.

Gul Hayat Institute

# سر ڪارايل

## صدا

جي ڇاڻان جيڻ وينڊو، سائي ادا اي سپرين جي سانگ
١- تو سين ويلو نه ڪريان، هوند وڻ وڍيان رات.

## بيت

[١]

هنجهڙا ما پريت ڪرو، جا جر سر ڪنول ڪرين
لڪين لهرين لوڏيا، تون رنگ نه مٽائين
پڙهه پاپوهين، وچئين ونڪ وترا.

[٢]

جان ڪو جيئين ڏينهڙو، تان هنجهه م ميرو وت
گهنگهر وجهه م گهٽ، سير تان سر ڪيترا.

[٣]

جي گهڻو ڪري نهارئين، هنجهن سين هيڪار
ته پکهن سين پيهار، هوند پيلهه نه پڏين ڪڏهين.

[٤]

هاج تنهنجي هنجهڙا، ڪنڌيءَ م ڪيهي
پيٺون لاهه پاتار م، وڇين نه پيهي؟
مان ڪڏجن ڏيي ڏيهي، جي سوڏيون ڏينئي خبرون.

Gul Hayat Institute

[۵]

ڄاروهينيون ڪارو ڪري، تون لٽڙ ڪان لاشڪ ٿيءُ
آڏام اچي سامهون، تون پاڪ نهاري پيءُ
ڇلڙ ۾ ڇڪهنج هٿيي، جوڪي وجهه ۾ جيءُ
اونهون جت آچو وهي، پاڪ نهاري پيءُ
هنجهه حضوري ٿيءُ، ته ماڻين ڪنول ڪولاب جو.

[٦]

جيتي ڪنرا لوڙيون، جو پتيي ڏاري
سو ٿيي سرُ ساري، رُنو رات هنجهڻين.

[٧]

جيتي ڪنرا لوڙيون، پيتر من متيون.
آکيرون ڪيون، تهي سرَ مٿي هنجهڙي.

[٨]

مورَن ماندائا ڪيا، سرَ تهي سانجهيءَ وار
ستون ڏين سپن ڪي، ڪارايل ڪندار
ماري نانگ آپار، وهه پيتائون وَتِئين.

[٩]

موران موتو ميهڙو، نانگ نہ نويُون ڪن
ڪارايلَ ڪارن ڪي ڳارائيمو ڳيهن
پيون ڏيئي پن، وهه پيتائون وَتِئين.

Gul Hayat Institute

[١٠]

وڻ چڙهيو وايون ڪري، ڪارايل مئياس
ڪي تو چورياس، ڪيي مون سچو ساريا.

[١١]

سيجُ لهيي سانجهيي ٿي، وٽن هنئي وَنڪَ
ساجن تنهنجي سيڪَ، موٽيو ماڳ نهاريان.

[١٢]

سيجُ لهي سانجهي ٿي، پکيي پُونِ وٽين
ساجن پند گهٽي، ڪٿيو نيڻ نهاريان.

[١٣]

ڪٿيو نيڻ نهاريان، اچن ويل تيان،
سونَ ورنا سپرين، لاڪيٽي لوڏانِ
اچي جا سيٽانِ، سا ڪيه ڪٿوري پائيان.

[١٤]

پکي پکين جهڙو، پکي پکيان جي ذات
ڪا جا لتئي لات، تيئن لهن ڪٽ قلوبَ تان.

[١٥]

پکيي پکين جهڙو، پکيي پکيان جي ذات
سيئي سوجها سرَ جا، سيني وَحدَتَ وات
باهُوتائي باتِ، لتي ري ڪم ڪري.

[١٦]

سيپُون سوجهي آئيو، سائو سمنڊ منجهه
ڏوري وڏي ڏک سين، گوهر لڌائين گنج
پکيئڙو پيهي تيو سندو ماٿر متنج
جان هڏ جا نکيي هنج، تان لعلون لکيون
نه وَهيُن.

[١٧]

سرَ سُکي سالَ ٿيا، هنجهه هريوئي پيرُ
ڪنگ ويچارو ڪير، جو رَسي انهيءَ رمز کي.

[١٨]

هيءُ سرُ آهو ٿي اگهيون، تا پکيي پوَن پيا
جن لتيو لاتيون ڏنيون، سي هلي حقَ ٿيا
پاتوندر پيا، وچيي ڪوثرَ ڪنڌين.

[١٩]

هينئڙي سڄڻ ساريا، ڪٿي هوندم هير
”وَ فِي اَنْفُسِکُمْ اَفَلَا تُبْصِرُونَ“ پسڪين
اهي پير
واهيري جيءِ وير، پسان چوڪس چيت ۾. آڪيرو

[٢٠]

هينئڙي سڄڻ ساريا، ڪٿي هوندم هير
واهيري جيءِ وير، اچيو چڙڪن چيت ۾.

[٢١]

پيئا انت عميق ۾، هنجهه نهاري هوءِ
ماڳ جنين ماڻڪين، ريهَ تنهن ۾ روءِ
چورياڻون چاءِ پئي، خاطر منجهان خوءِ
آمل آئي آوءِ، هارياڻون هن حد ۾.

[٢٢]

آهي انتَ عميق ۾، سندو هنجهن هند
جوهرين جي جوءِ تي، آهن راتو ڏينهان رند
چورياڻون چاءِ پئي، آمل جو آرند
جو پڻ ڪڻن ڪند، ته پڻ موتي آهين منهن ۾.

[٢٣]

پيئا انت عميق ۾، نڪونج ساڻ نرت
ماڳ جي ئي ماڻڪين، تڪيا ڪياڻون ترت
چورياڻون چاءِ پئي، موتي ماڻڪ مت
هينئڙو آهي همت، ڪٿي هارياڻون هين هند ۾.

[٢٤]

ويئو جيئن وماسيين، حيرت پئي م هنج
اونهون جيت عميق وهي، تيان ڏوئي لاهج ڏج
ساجهر صبوح سنجهه، اورج تون عميق سين.

[٢٥]

ويٺو جيئن وماسيين، حيرت پئي مَ هڏ
لاتيون جي لباس جون سي ڇپائي ڇڏ
تنِ طالبن ڳڏ، تہ ويجهو ٿئين وصال کي.

[٢٦]

ويٺو جيئن وماسيين، حيرت پئي مَ هاڻ
آونهون جت آچو وَهي، ماڻڪ تيان ماڻ
تن طالبن تاڻ، تہ ويجهو ٿيين وصال کي.

[٢٧]

ويٺو جيئن وماسيين، حيرت پئي مَ هور
اونهون جت آچو وَهي، گهڙي تيان ٿي گهور
ڏنيون هڏ مَ ڏور، ڪا سوجها ڪنج سموند جي.

[٢٨]

لنهي لئي لاهوت ڏي، تو نڪونج نهاري
سوجهو تہو سرَ جو، پيٺو پاتاري
آڻيو آچاري، موتي جي ميهراڻ جا.

[٢٩]

سرَ ۾ پکي هيڪڙو، پاريڙين پنجاھ
سنڌي آس الله، تو لڏي لهرين وچ ۾.

[٣٠]

هنج سدائين ڏُيرا، پکي ٻيا مچن،
ماريءَ سندو مامرو، ورهہ ويچارن،
ڪنبن ۽ چٽن، پٽون جي پاتار جا.

[٣١]

ونئين هنئي وڃائيو، لڙ جو هيٺ لئي
تيءَان پيتائين پيئيون جائيون منجهہ جيءَ
ٻوڙون منجهہ ٻهي، تو ڪنگ ڪجاڙيان پائيين.

Gul Hayat Institute

[۳۲]

تہ سيڻ ۾ ڪي سپجي، ٻگھا ڪوھہ ٻجھن
ڪنگ ڪانيرا ڪانئرا، اوڏھان ڪين اچن
سنڌي ذات ھنجھن، مُنھن ڪوڙيو موتي چڳھي.

[۳۳]

ٻڪيي پيھي نڱيا، منجھان لتن لڪ
ڪنھين ماڪ ميڙيا، ڪنھين رتا ٻڪ
ٻئيء لائي لڪ، وڃي ڪڏيو ھنجُ حبيب ڪي.

[۳۴]

جو سرُ ٻگھہ وِٽاريو، ڪنڌُوريو ڪنگن
ايندا لڄ مرڻ، تنھن سرَ متي ھنجھڙا.

[۳۵]

آءُ اڏاميي ھنجھڙا، سرَ ۾ سارينديي
متيئين ماريندئي، پاريڙين پٺہ ڪيو.

[۳۶]

سو ٻڪيي، سو پيرو، سو سرُ، سو ئي ھنجُ
پيھي جان پروڙيو، سون پنھنجو منجھہ
تان ڏيلُ جنھن جو ڏنجھہ، سو ماري تو منجھہ ڦري.

[۳۷]

ھنجڙو ھيڪڙو، چڳي ۽ چينگاري
ڪينجھر پنھي ڪنڌئين، تو سانبيڙا ساري
جيڪا رضا ربّ جي سو پڪيڙو پاري
وٽئون ويچاري، وَڳرَ سڀ وَھي ويا.

[۳۸]

ھلو ھارا ھنج ٽيا، ٻڪڻ تا سنوارين
تان تان تنوارين، صبح سنبھيي ھليا.

Gul Hayat Institute

[۳۹]

صبح سنبھيي ھليو، سيڪو پاڻو واڻيي پاڻ
روئي ڪن رھاڻ، ھنجَ ھليائي ڏينھڙي.

[۴۰]

سَرَ پئي سُڪائون، تين سانجھيء وڙَ
گھر گھاريندي ڪير، ھيڪليي ري سڄڻين.

صدا

سائينڙا! ادا ھو نينھن مَ ڇنيجاه
رَھيي رات پنھور ۾ آئيينُ صبح ھليجاه

۱- ڪجھي آھيم ڳالھڙي، اوء ادا آن سين نہ ڪا جي
۲- آن وٽئي واٽ ٽئي ھي مانَ منھنجو ساه جي
۳- ھنجھُہ جن جو ھيرئون سي وڳر وڃا وھي.

صدا

ھنج آھنجڙي ھيج ھيج، ڪير اوريندي ڳھہ سين.

۱- ماڻڪ چوڻو جن جو، موڻيي سندن ڏيج
۲- سَرَ ۾ پئيي سُڪاريا، رھي ڪيائون ريج.

صدا

ھادي الو سائين الو، مون مَ ڇڏيجا
ور وراڪا ويڙئين، مون ڪرم ڪريجا
۱- ھن نينھن نماڻي ڪي اوھين ڪنھن گت گڏيجا.

Gul Hayat Institute

# سُر ٻروو

بيت

[۱]

دانهن دردمند جي، ٻُڌي ڪونه ٻيو
اهڙو حال ٿيو، اچي عاشقن جو.

[۲]

آڏو ٿيئين سڄڻا، وڃي نه واءُ
تن منهنجي تاءُ، هوند نه ڪيو ايترو.

[۳]

ثابت ٿيا سپرين، ڪو مون اچي چوه
اندر رتُ نه روه، پڌر وجهان پريتئو.

[۴]

هنيون سڪو ڪاٺ جيئن، ويڍي تو واڍيو
ڏکن ڪيو ڏاڍو، وهي واريءَ مٺ جيئن.

[۵]

نالو ڳنهين نينهن جو، لڄائي آئون
مُونهان مٿاهون، قدمُ قريبن جو.

[۶]

ماءُ ڦوڙائو مون ٿئي، ڪڏهين ٿئي سيٺاڻ
ڪڏهين منجهه وٺاڻ، ڪڏهين ڏرڪين پڌرو.

[۷]

سينڌا مون جي سپرين، ڦوڙائي ويا
اندر آهي ڪا، سندي سيٺن ڳالهڙي.

Gul Hayat Institute

[٨]

پاڇهين ميڙائو ڪين، ڪڏهين ڦوڙائو
ڪڏهين چاڙائو، ڪڏهن سِڪي سِير جيئن.

[٩]

”صادق“ سيندا نہ سپرين، من گهُنڊي منهن گهُور
پاٽان ڏِيهُون پُور، سچو ڏينهن سُوريءَ تي.

[١٠]

”صادق“ سيندا نہ سپرين، ڪڏهن ڏکن ڏنجهہ
ڪڏهن هِيئڙين منجهہ، ڪڏهن چڪي پاڻ ڏي.

[١١]

اچڙي پيئم پاڻ سين، مٽ موڙهي مانُ
سا سڃيئڙي سُور تي، هوءَ جا چٽيئي آنُ
ڪڏهين سيٽن سان، ڪڏهين نيهون پاڻ ڏي.

[١٢]

نالو ڪيڙو سڄڻين، جو وساريان وِهو
تان چُنڪيي چِت پيو، مُونهانُ لڪن پاڻ ۾.

[١٣]

وَڄُ تون وسري، مون کي چيائون
اي پتهہ کيائون، پوء سامهان تيا سپرين.

[١٤]

ڏيو ڏيل ڏکن ۾، وساريان ويئي
مون سين ڪري ڏيئي، آڻي ڏنائون اڳهين.

[١٥]

آني گڏيا سپرين، جيت وسري آڏون
دل چڏيون دانهون، ويئي وبچاري نڪري.

Gul Hayat Institute

[١٦]

مون منجهان پڌرا ٿيا، مون کي وڃائي سرتيون اِنَ ساهي، رات منجهان ٿي ڏينهن ٿيو.

[١٧]

"آلانسانُ سِرّي و آناسرہُ" جيتي ڇپائون اندر ٿي آئون، پڌر ٿيا سپرين.

[١٨]

وساريان وسار سين، سڀئي ڪيو سينَ ٿيا نهارا نيڻ، مون ڏانهن معشوقن جا.

Gul Hayat Institute